روزاني
سنڌيار
سکر
ايڊيٽر: اعجاز مهر
Daily SINDHYAR Sukkur
www.dailysindhyar.com
(جلد پهريون) سومر 19 ڊسمبر 2022ع بمطابق 24 جمادي الاول 1444هه (قيمت 10 روپيا) شمارو 206

باجوا سان جهيڙو ذاتي آهي، مارشل لاءِ منهنجي حڪومت ۾ ملڪي معيشت بهتر رهي: عمران خان

اِهو چوڻ غلط آهي ته اقتدار ۾ اچي باجوا خلاف ڪارروائي ڪنداسين، جنرل عاصم منير پاڻ چئي چڪو آهي ته هو نيوٽرل رهندا: پي ٽي آءِ چيئرمين

وفاق ڪريش تي چڪي آهي، صوبن ۾ فنڊز موجود آهن ان باوجود قربانيون ڏئي رهيا آهيون، جيڪڏهن ملڪ ڊيفالٽ تي ويو ته ملڪ تمام گهڻو پوئتي هليو ويندو

66 سيڪڙو پاڪستان ۾ چونڊون ڪرائي ويا ته سندن دماغ جاءِ تي اچي ويندو، جنهن وقت جنرل فيض حميد کي هٽايو ويو ته خبر پئجي وئي هئي ته حڪومت ڪيرائڻ جو پلان ٺهي چڪو آهي

مون باجوا کي چيو ته جيڪڏهن حڪومت ڪيرائڻ جو پلان ڪامياب ٿي ويو ته ڪير به معيشت سنڀالي نه سگهندو، مارشل لاءِ منهنجي حڪومتي دور ۾ معيشت بهتر رهي

باجوا کي سمجهايو ته سورنهن ارب جا ڪرپشن ڪيسز شهباز شريف تي آهن ڪيس ڪهڙي حساب سان آندو ويندو؟ پوءِ خبر پئي ته ڪرپشن باجوا جو مسئلوئي نه هئي

باجوا چوندو هو ته عليم خان کي وڏو وزير بڻايو وڃي، عليم خان جي غيرقانوني قبضن بابت پتو پيو ته مون ڪيس چيو ته ڪيئن هڪ قبضاگير کي وڏو وزير بڻايو وڃي؟

لاهور (م د) پي ٽي آءِ چيئرمين عمران خان چيو آهي ته جنرل (ر) باجوا سان منهنجو ذاتي جهيڙو آهي. اِهو چوڻ غلط آهي ته اقتدار ۾ اچي باجوا خلاف ڪارروائي ڪنداسين. جڏهن ته جنرل عاصم منير پاڻ چئي چڪو آهي ته هو نيوٽرل رهندا. عمران خان سان لاهور ۾ ڪائونسل آف پاڪستان نيوز پيپرزسي پي اين اي جي وفد سان ملاقات ڪئي، ان موقعي تي عمران خان چيو ته اسيمبليون ٽوڙڻ جي صورت ۾ ٽن مهينن اندر چونڊون ڪرائڻ نيوٽرل لاءِ سڀ کان وڏو امتحان آهي، پي ٽي آءِ چيئرمين چيو ته جنرل (ر) باجوا سان منهنجو ذاتي جهيڙو آهي، اِهو چوڻ درست ناهي ته اقتدار ۾ اچي باجوا خلاف ڪارروائي ڪنداسين، جنرل عاصم منير پاڻ چئي/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 03

لاهور: پي ٽي آءِ چيئرمين عمران خان پريس ڪانفرنس ڪندي

اي اين ايف جون ڪارروائيون، چار سئو ڪلو گرام چرس هٿ

ڪراچي (رپورٽر) اينٽي نارڪوٽڪس فورس ڪراچي جي نجي ڪوريئر سميت ملڪ جي ٻين شهرن ۾ ڪارروائين دوران منشيات جي وڏي کيپ هٿ ڪري ورتي آهي. منشيات جي خاتمي واري فورس (اي اين ايف) طرفان منشيات خلاف ڪارروائين جو سلسلو جاري آهي، ڪراچي ۾ قائم نجي ڪوريئر آفيس ۾ آسٽريليا موڪلڻ واري پارسل مان ٽي ڪلو 350 گرام /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 02

لاهور سياسي سرگرمين جو مرڪز بڻيل، شهباز شريف جي آصف زرداري ۽ چوڌري شجاعت سان ملاقات

اڳوڻي صدر آصف علي زرداري ماڊل ٽائون ۾ وزيراعظم شهباز شريف سان ملاقات ڪئي، ملاقات ۾ ملڪي موجودا سياسي صورتحال تي ڳالهه ٻول ڪئي وئي

ٻنهي اڳواڻن جون ملاقات کانپوءِ چوڌري شجاعت حسين سان ڌار ڌار ملاقاتون، وزيراعظم معيشت جي بحالي ۽ عوام لاءِ رليف جي ڪوشش بابت چوڌري شجاعت کي آگاهه ڪيو

وزيراعظم شهباز شريف لنڊن ۾ موجود پارٽي قائد نواز شريف سان پڻ رابطو، پنجاب اسيمبلي ٽوڙڻ واري مامري تي ڳالهيون، بي اعتمادي رٽ آڻڻ يا اعتماد جو ووٽ وٺڻ بابت صلاح مشورا

نواز ليگ پرويزالاهي کي پنجاب جو وڏو وزير بڻائڻ لاءِ ڪيئي شرطون رکي ڇڏيون، چوڌري شجاعت ذمو کڻي ته چوڌري پرويزالاهي کي پاڻ سان گڏ شامل ڪري سگهجي ٿو: ذريعا

چوڌري پائرن وچ ۾ ٻه ن ليگ سان اتحاد بابت ڪا به ڳالهه ٻول ناهي ٿي چو ته چوڌري پائرن جي ٻارن ۾ ويڇن سبب سياسي معاملو رڪيل آهي، چوڌري شُجاعت ٻه اڃا تائين پرويزالاهي جو ضامڻ بڻجڻ لاءِ تيار ناهي

ن ليگ اسيمبليون ٽوڙائڻ چاهي ٿي ۽ پرويزالاهي ٻه اهم ملاقات کانپوءِ اسيمبلي ٽوڙڻ ۾ دير چاهي ٿو، هو ٻه چاهي ٿو ته بي اعتمادي رٽ اچي ۽ معاملو ڪجهه ڏينهن وڌيڪ اڳتي وڃي

لاهور (م د) پاڪستان پيپلز پارٽي جي شريڪ چيئرمين ۽ اڳوڻي صدر آصف علي زرداري ماڊل ٽائون ۾ وزيراعظم شهباز شريف سان ملاقات ڪئي آهي. ذريعن جو چوڻ آهي ته آصف زرداري ۽ شهباز شريف جي ملاقات ۾ ملڪي موجودا سياسي صورتحال تي ڳالهه ٻول ڪئي وئي. ذريعن جو چوڻ آهي ته ٻنهي اڳواڻن عمران خان جي اسيمبليون ٽوڙڻ واري اعلان کانپوءِ سياسي صورتحال ۾ خيالن /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 04

لاهور: وزيراعظم شهباز شريف سان اڳوڻو صدر آصف علي زرداري ملاقات ڪندي

اين اي ڊي يونيورسٽيءَ جي شاگردن سان ڪراچي ۾ جيڪو ٿيو اهو بند ٿيڻ گهرجي: ڪامران ٽيسوري

جنهن علائقي ۾ هاڻي اهڙا واقعا ٿيا ته لاڳاپيل ٿاڻي جي ايس ايڇ اوز ڏانهن وٽ پاڻ هلي ويندس

سنڌ جي سمورن ايس ايڇ اوز کي 48 ڪلاڪن جو الٽيميٽم ڏيان ٿو هو قبلو درست ڪن: وڏو وزير

ڪراچي (رپورٽر) گورنرسنڌ ڪامران ٽيسوري امن امان جي صورتحال تي وڊيو بيان جاري ڪيو آهي جنهن ۾ هن چيو آهي ته اين اي ڊي يونيورسٽيءَ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 07

بحريا ٽائون ڪراچي فيز 2 رٿا جو اعلان، سنڌ ۾ ڳنتي جي لهر پکڙجي وئي

بحريا ٽائون ڪراچي 2014ع ۾ پنهنجي ترقياتي سفر جي شروعات ڪئي

بحريا ٽائون ڪراچي فيز ٽو جو ترقياتي ڪم ڏينهن رات زور شور سان جاري آهي

ڪراچي (رپورٽر) ڪراچي کان ڄامشوري تائين ڦهليل بحريا ٽائون جي تڪراري رٿا ۾ واڌ اچي وئي آهي. بحريا ٽائون انتظاميا هڪ اشتهار ۾ پڌرائي ذريعي اعلان ڪيو آهي ته بحريا ٽائون ڪراچي 2014ع ۾ پنهنجي ترقياتي سفر جي شروعات/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 10

لاهور: پنجاب جو وڏو وزير چوڌري پرويزالاهي پريس ڪانفرنس ڪندي

جنرل باجوه اسان جو محسن آهي، احسان فراموشي نه ڪئي وڃي: پرويزالاهي

جيڪڏهن هاڻي جنرل باجوا جي خلاف ڳالهايو ويو ته سڀ کان پهرين مان مخالفت ڪندس ۽ منهنجي سڄي پارٽي آواز اُٿاريندي

اسان عمران خان ۽ پي ٽي آءِ جا مخالف نه ساٿي آهيون پر پنهنجن محسنن جا احسان وسارڻ نه گهرجن: پنجاب جو وڏو وزير

رٽائرڊ جنرل فيض حميد اسان سان گهڻيون زيادتيون ڪيون ۽ جيل موڪلڻ جي ڪوشش به ڪئي، هو اسان جي خلاف هو

لاهور (م د) پنجاب جي وڏي وزير چوڌري پرويز الاهي چيو آهي ته اڳوڻي آرمي چيف جنرل رٽائرڊ قمر جاويد باجوا جا عمران خان تي تمام گهڻا ٿورا ٿيل آهن. احسان فراموشي نه ڪئي وڃي. پنجاب جي وڏي وزير چوڌري پرويز الاهي لاهور ۾ صحافين سان غيررسمي ڳالهه ٻول ڪندي چيو ته جڏهن عمران خان جنرل باجوا خلاف ڳالهايو ته مون کي خراب لڳو هن چيو ته جنرل باجوا اسان جو محسن /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 08

عمران خان، تاريخ تي تاريخ نه ڏيو، استعيفيٰ ڏيو: سعيد غني

عمران خان! عوام کي خبر آهي ته توهان ڪنهن جي ايجنڊا تي ڪم ڪري رهيا آهيو، جڏهن توهان ڪم ڪندا آهيو ته ڀارت خوش هوندو آهي

جڏهن بلاول ڳالهائيندو آهي ته ڀارت جي حڪومت کي باهه لڳندي آهي، عمران خان تاريخ تي تاريخ آهي، تاريخ تي تاريخ نه ڏيو

جلسي ۾ مائرن ۽ ڀينرن جي وڏي انگ ۾ شرڪت ثابت ڪري ڇڏيو آهي ته ضلعي جو تعلق مرڪزي جيالا سان آهي: پ پ اڳواڻ

ڪراچي (اسٽاف رپورٽر) پاڪستان پيپلز پارٽي جي اڳواڻ سعيد غني چيئرمين پي ٽي آءِ عمران خان تي تنقيد ڪندي چيو آهي ته عمران خان تاريخ کي تاريخ، تاريخ کي تاريخ نه ڏي، استعيفيٰ ڏئي اسان جي جان ڇڏائي. ڪراچي سينٽرل /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 18

ڪراچي: پاڪستان پيپلز پارٽي جو اڳواڻ سعيد غني پريس ڪانفرنس ڪندي

تنڊو جان محمد ۾ سستي اٽي جو اسٽال بدنظمي جو شڪار

تنڊوجان محمد (رپورٽر) تنڊوجان محمد ۾ سستي اٽي جو اسٽال بدنظمي جو شڪار ٿي ويو اٽي جا گهٽ ٿيلها موڪلڻ تي عورتن احتجاج ڪيو سنڌ حڪومت طرفان عوام کي سستي اٽو ڏيڻ واري اعلان کانپوءِ ايس ڊي ايم ڏگهڙي آصف علي خاصخيلي جي هدايت تي ايسان فلور مل طرفان سستي اٽي جو اٽي جو اسٽال پبلڪ پارڪ ۾ لڳايو ويو. اسٽال تان /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 17

تحريڪ انصاف ميمبرن استعيفائن واري معاملي تي اهم فيصلو ڪري ورتو

پي ٽي آءِ قومي اسيمبلي جي اسپيڪر جي نالي لکيل خط تي ڪو جواب نه ملڻ بعد ذاتي حيثيت ۾ پيش ٿيڻ جو فيصلو ڪيو آهي

پي ٽي آءِ جي ايم اين ايز طرفان اربع يا خميس ڏهاڙي اسپيڪر راجا پرويز اشرف آڏو پيش ٿيڻ تي غور ڪيو پيو وڃي

عمران خان اڄ پارٽي مشاورت ۾ پي ٽي آءِ جي قومي اسيمبلي ميمبرن کي اسپيڪر سامهون پيش ٿيڻ جي حوالي سان حتمي تاريخ جي منظوري ڏيندو

لاهور (م د) پاڪستان تحريڪ انصاف جي اسيمبلي ميمبرن استعيفائن جي تصديق واري معاملي تي اسپيڪر آڏو پيش ٿيڻ جو فيصلو ڪيو آهي. ذريعن جو موجب پي ٽي آءِ قومي اسيمبلي جي اسپيڪر جي نالي لکيل خط تي ڪو /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 21

اسيمبليون ٽوڙڻ ڪا راند ناهي جڏهن چاهي ٽوڙجي: حمزا شهباز

اليڪشن لاءِ تيار آهيون پر ڪنهن هڪ جي انا کي پورو ڪرڻ جو رستو روڪيو ويندو: پنجاب اسيمبليءَ ۾ مخالف ڌر اڳواڻ

عمران خان پاڪستان کي سياسي ۽ معاشي عدم استحڪام جو شڪار بڻائڻ جي مشن تي آهي: مسلم ليگ (ن) جو اڳواڻ

ادارن ۽ سربراهن تي الزام سندن نااهلي لڪائڻ جي ناڪام ڪوشش آهي، مسلم ليگ (ن) عوام جي طاقت تي ڀروسو ڪندڙ پارٽي آهي

لاهور (م د) پنجاب اسيمبلي ۾ مخالف ڌر جي اڳواڻ حمزا شهباز جو چوڻ آهي ته اسيمبليون ٽوڙڻ ڪا راند ناهي جنهن کي چاهي جڏهن چاهي ٽوڙي سگهن لاهور ۾ بيان ڏيندي حمزا شهباز چيو ته اليڪشن لاءِ تيار آهيون پر ڪنهن هڪ جي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 25

واٽس ايپ ڪولڻ يا ٽائيپ ڪرڻ ڪانسواءِ دوستن کي پيغام موڪلڻ جو طريقو ڄاڻي وٺو

لاهور (م د) واٽس ايپ جو استعمال دنيا ۾ 2 ارب کان وڌيڪ ماڻهو ڪندا آهن پر ڪيترائي ڀيرا ڊرائيونگ يا ٻيو ڪم ڪار ڪندي ميسيج ٽائيپ ڪري ان کي موڪلڻ ڏکيو ٿي ويندو آهي، اهڙي طرح ٽائيپنگ دوران غلطيون ميسيج جو حصو بڻجي وينديون آهن. پر ڇا توهان ڄاڻو ٿا ته واٽس ايپ اوپن يا ٽائيپ ڪرڻ ڪانسواءِ به ميسيج موڪلڻ ممڪن آهي. هاڻي گوگل /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 27

لاهور: پنجاب اسيمبلي ۾ مخالف ڌر جو اڳواڻ حمزا شهباز پريس ڪانفرنس ڪندي

لڪي مروت: پوليس اسٽيشن تي دهشتگردن جو حملو، 4 اهلڪار شهيد، 4 زخمي

واقعي ۾ 4 پوليس اهلڪار پڻ زخمي ٿيا آهن، دهشتگردن بارگي پوليس ٿاڻي تي 2 طرفن کان حملو ڪيو: لڪي مروت پوليس

لڪي مروت ۾ پوليس اسٽيشن تي حملي ۾ ڪانسٽيبل ابراهيم، عمران، خيرالرحمان ۽ سبزعلي شهيد ٿي ويا

شهيد اهلڪارن جا لاش ۽ زخمين کي مقامي اسپتال منتقل ڪيو ويو آهي، جتي زخمين کي طبي امداد ڏني پئي وڃي

پشاور (م د) خيبرپختونخواهه جي ضلعي لڪي مروت ۾ بارگاه پوليس اسٽيشن تي دهشتگردن حملو ڪيو جنهن جي نتيجي ۾ 4 پوليس اهلڪار شهيد ٿي ويا. لڪي مروت پوليس موجب واقعي ۾ 4 پوليس اهلڪار پڻ زخمي ٿيا آهن /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 12

بلوچستان مان وڏيون شخصيتون پي ٽي آءِ ۾ شامل ٿي رهيون آهن: اسد عمر

عمران خان پاران اسيمبليون ٽوڙڻ واري اعلان کانپوءِ پي ڊي ايم جي صفن ۾ وڏي پريشاني پکڙيل آهي

پرڏيهي سازش ذريعي امپورٽڊ حڪومت مڙهي وئي، بلوچستان ۾ اليڪشن جي تيارين جو جائزو وٺڻ آيو آهيان

ڪوئيٽا (رپورٽر) پي ٽي آءِ اڳواڻ اسد عمر چيو آهي ته بلوچستان مان وڏيون شخصيتون پي ٽي آءِ ۾ شامل ٿي رهيون آهن. سڄو پاڪستان اليڪشن/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 24

عمران پاڻ ته نه مٺو پر عوام کي ماري ڇڏيائين: خواجا آصف

گهٽ ۾ گهٽ چوڌري پرويزالاهي جي دل نٿي چوي ته اسيمبليون ٽٽن

جيڪڏهن اسان سان گڏ هجي ها ته اڄ به وڏو وزير هجي ها: ن ليگ اڳواڻ

سيالڪوٽ (م د) بچاءَ واري وزير خواجا آصف چيو آهي ته گهٽ ۾ گهٽ چوڌري پرويز الاهي جي دل نٿي چوي ته اسيمبليون ٽٽن. جيڪڏهن /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 26

اسلام آباد: ريلوي وارو وزير ۽ هوائي بازي جو وزير خواجا سعد رفيق پريس ڪانفرنس ڪندي

گهوٽڪي ۾ شادي تقريب دوران فائرنگ ۾ مهمان نينگر مارجي ويو

فائرنگ ۾ نينگر ڪاشف ڪولاچي گوليون لڳڻ سبب مارجي ويو نينگر جو لاش اسپتال منتقل

مخالفن حامد ڪولاچي، صدام ڪولاچي ۽ نصيب فائرنگ ڪري نينگر کي قتل ڪيو آهي، انصاف ڪيو وڃي

گهوٽڪي (رپورٽر) گهوٽڪي ۾ شادي تقريب دوران فائرنگ ۾ ميرپورماٿيلو واسي مهمان نينگر مارجي ويو پٺائي نگر ٻاڙي ۾ شادي دوران فائرنگ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 20

بلاول ڀٽو سان يڪجهتي لاءِ ملڪ گير ريليون، مودي جي پتلي کي باهه

پاڪستان ۾ ٿيندڙ دهشتگردي جو ڪيس بهترين انداز ۾ وڙهڻ تي بلاول ڀٽو کي ڀيٽا پيش ڪئي

بلاول ڀٽو پنهنجي ناني ذوالفقار علي ڀٽو جي نقش قدم تي هلندي سڄي دنيا ۾ پاڪستان جو ڪيس وڙهي رهيو آهي

ڪراچي (م د) پ پ چيئرمين ۽ پرڏيهي وزير بلاول ڀٽو جي حمايت ۾ راولپنڊي جي لياقت باغ ۾ پاڪستان پيپلز پارٽي جي احتجاجي مظاهري /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 15

عمران خان کي هڪ ڀيرو ٻيهر رسوائي کي منهن ڏيڻو پوندو: شرجيل ميمڻ

عمران خان کي هڪ ڀيرو ٻيهر رسوائي کي منهن ڏيڻو پوندو، عمران خان جون سموريون بليڪ ميلنگ واريون حڪمت عمليون ناڪام ٿي چڪيون آهن

سنڌ ۽ بلوچستان صوبن جو عوام وقت تي چونڊون چاهي ٿو، پاڪستان ۾ سياست جي نالي تي ڊيڊ لاڪ پيدا ڪرڻ ۽ وسيع اتفاق راءِ جي ضرورت آهي

ڪراچي (اسٽاف رپورٽر) سنڌ جي اطلاعات واري وزير شرجيل انعام ميمڻ چيو آهي ته عمران خان کي هڪ ڀيرو ٻيهر رسوائي کي منهن ڏيڻو پوندو. عمران خان جون سموريون بليڪ ميلنگ واريون حڪمت عمليون ناڪام ٿي چڪيون آهن. سنڌ ۽ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 01

سيالڪوٽ: ڪئنيڊا ۾ پاڪستاني قونصل جنرل واپارين سان ڳالهائيندي

ملير ۾ ٻن ڳوٺن کي ڊاهڻ لاءِ ٻيهر چڙهائي، مزاحمت، لٺبازي، شيلنگ، 4 ڄڻا زخمي

ملير جي عارب پنهور ۽ يوسف عارفاني ڳوٺ ڊاهڻ لاءِ روينيو، ايم ڊي اي ۽ اينٽي انڪروچمينٽ جي سوين اهلڪارن اسسٽنٽ ڪمشنر ابراهيم حيدري جي اڳواڻي ۾ ٻيهر چڙهائي ڪئي

علائقي واسين مزاحمت ڪري سخت احتجاج ڪيو، جنهن تي پوليس ڳوٺاڻن تي لٺبازي سان گڏ شيلنگ ڪئي، منيراحمد، بشيراحمد، ايوب پنهور ۽ عثمان زخمي ٿي پيا

اسان جا قديمي ڳوٺ آهن، جنهن کي ڊاهڻ وارو عمل غير قانوني آهي، اهڙي عمل جي اسين ڀرپور لفظن ۾ مذمت ڪيون ٿا: خدا ڏنو شاهه

ملير (م د) ملير ۾ عارب پنهور ۽ يوسف عارفاني ڳوٺ ڊاهڻ لاءِ روينيو، اينٽي انڪروچمينٽ ۽ ايم ڊي اي ٻيهر چڙهائي ڪئي. علائقي واسين مزاحمت ڪئي ته پوليس ڳوٺاڻن تي لٺبازي ڪري ڏني شيلنگ ۽ فائرنگ سبب 4 ڳوٺاڻا زخمي ٿي پيا. رپورٽ موجب سنڌ هاءِ ڪورٽ جي حڪم تي مليرجي عارب پنهور ۽ يوسف عارفاني ڳوٺ ڊاهڻ لاءِ روينيو، ايم ڊي اي ۽ اينٽي/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 05

جماعت اسلامي پاران 21 ڊسمبر کان سنڌ ۾ دعوت الي الله مُهم هلائڻ جو اعلان

ملڪ جون سياسي ۽ معاشي حالتون نازڪ موڙ تي بيٺل آهن ويتر سياسي ڇڪتاڻ ملڪ کي نئين بحران جي وَرِ چاڙهي ڇڏيو آهي: محمد حسين محنتي

چونڊ اصلاحات ڪري عام چونڊن طرف پيشقدمي ڪرڻ گهرجي، جماعت اسلامي 21 کان 05 ڊسمبر تائين دعوت الي الله مُهم هلائيندي

ڪراچي (اسٽاف رپورٽر) جماعت اسلامي سنڌ جي امير اڳوڻي ايم اين اي محمد حسين محنتي چيو آهي ته ملڪ جون سياسي ۽ معاشي حالتون نازڪ موڙ تي بيٺل آهن ويتر سياسي ڇڪتاڻ ملڪ کي نئين بحران جي وَرِ چاڙهي ڇڏيو آهي. چونڊ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 09

پيپلزپارٽي پاران مودي جي انتهاپسند سرڪار خلاف ۽ بلاول جي حمايت ۾ ريليون

ڪراچي ۾ صوبائي وزير سعيد غني، جاويد ناگوري ۽ وقار مهدي جي اڳواڻي ۾ ڪراچي پريس ڪلب وٽ ريلي ڪڍي وئي

حيدرآباد ۾ احتجاج ڪيو ويو، نريندر مودي جي پتلي کي باهه ڏني وئي، لاڙڪاڻي ۾ ڪينيڊي مارڪيٽ کان پريس ڪلب تائين ريلي ڪڍي وئي

خيرپور ۾ جيلاني هائوس کان پريس ڪلب تائين ريلي، پيپلزپارٽي جي اڳواڻن، ڪارڪنن ۽ شهرين پاران شرڪت ڪئي وئي

ڪراچي (نمائندن وٽان) پيپلزپارٽي پاران مودي جي انتهاپسند سرڪار خلاف ۽ بلاول جي حمايت ۾ ريليون، ڪراچي ۾ صوبائي وزير سعيد غني، جاويد ناگوري ۽ وقار مهدي جي اڳواڻي ۾ ڪراچي پريس ڪلب وٽ ريلي ڪڍي وئي حيدرآباد /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 06

ڪراچي ۾ ٿڌ وڌي وئي، موسميات کاتي جو اهم اعلان

ڪراچي (رپورٽر) ڪراچي ۾ 24 ڪلاڪن ۾ موسم خشڪ ۽ راتيون سرد رهڻ جو امڪان آهي. موسميات /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 11

پي ڊي ايم کي فرار ٿيڻ بدران ميدان ۾ لهڻ گهرجي: فواد چوڌري

اسيمبليون ٽوڙي عوام ڏانهن وڃي رهيا آهيون، جمعي ڏينهن پنجاب ۽ خيبر پختونخواهه جون اسيمبليون ٽوڙيون ڏينديون

ساٿ ڏيڻ تي پنجاب جي وڏي وزير چوڌري پرويزالاهي جا ٿورائتا آهيون، مسلم ليگ نون اليڪشن ڪميشن کي پائيوار طور استعمال نه ڪري

پاڪستان ۾ عوام کي يرغمال بڻائڻ جي سازش ٿي رهي آهي، طاقتور ماڻهو بند ڪمرن ۾ ويهي فيصلا نٿا ڪري سگهن

لاهور (م د) تحريڪ انصاف جي اڳواڻ فواد چوڌري چيو آهي ته اسيمبليون ٽوڙي عوام ڏانهن وڃي رهيا آهيون، پي ڊي ايم ۾ شامل جماعتن کي فرار ٿيڻ بدران ميدان ۾ لهڻ گهرجي. لاهور ۾ ميڊيا سان ڳالهائيندي فواد چوڌري چيو ته جمعي ڏينهن/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 14

Do not Use Horn
PARK
لاهور: تحريڪ انصاف جو اڳواڻ فواد چوڌري پريس ڪانفرنس ڪندي

ڪنب ۾ صحافين کي ڌمڪيون ملڻ خلاف احتجاجي ريلي

ڪنب (رپورٽر) ڪنب جي صحافين نويد ٿمراڻي ۽ رجب ملاح کي ڌمڪيون ملڻ خلاف صحافين مريد حسين راڄپر، ناز سولنگي، مشتاق شيخ، نويد ٿمراڻي، صفدر چانڊيو، توفيق لنڊ، رجب ملاح، وحيد چاچڙ ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ پريس ڪلب کان احتجاجي ريلي ڪڍي مک چوڪ تي پهچي احتجاجي مظاهرو ڪيو ان موقعي تي صحافين چيو ته حق سچ لکڻ تي ٽائون ايڊمنسٽريٽر /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 19

ڪراچي ۾ طاقت جي زور تي سنڌين جا ڳوٺ ڊاهيا پيا وڃن: اياز لطيف پليجو

ڪراچي ۾ بلڊر مافيا سڀ کان وڌيڪ طاقتور آهي، سنڌين جا قديمي ڳوٺ پڪا نه ٿا ڪيا وڃن، ڪراچي ۾ ڌرتي ڌڻي پنهنجي وطن ۾ ٻه ٻي وطن آهن

هڪ طرف سنڌ حڪومت غير قانوني پرڏيهين کي سنڌ ۾ آباد پئي ڪري، ٻئي طرف ڌرتي ڌڻين کي پنهنجي ئي وطن، پنهنجي ئي تخت گاهه ڪراچي ۾ بي گهر پئي ڪري

ڪراچي ۾ لکين افغاني، بنگالي، بهاري ۽ ٻيا پرڏيهي رهن ٿا، انهن کي واپس پنهنجن ملڪن ڏانهن موڪليو وڃي، سنڌ ۾ تمام وڏي غربت ۽ بيروزگاري ۾ اضافو ٿيو آهي

حيدرآباد (رپورٽر) قومي عوامي تحريڪ جي سربراهه اياز لطيف پليجي ڪراچي ۾ قديم سنڌي ڳوٺن عارب پنهور ۽ يوسف عارفاڻي کي طاقت جي زور تي خالي ڪرائڻ ۽ ڊاهڻ جي مذمت ڪندي چيو آهي ته ڪراچي ۾ بلڊر مافيا سڀ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 22

قومي اسيمبلي جو اسپيڪر احمقانه رويو بند ڪري: شيرين مزاري

قومي اسيمبلي جي اسپيڪر کي فوري طور تي اهڙو احمقانه رويو ختم ڪرڻ گهرجي: پي ٽي آءِ جي مرڪزي نائب صدر

استعيفيٰ منظور ڪرڻ راجا پرويز اشرف جو عمل واضح آهي، جن 11 ميمبرن جون استعيفائون اسپيڪر منظور ڪيون

اهي ڪڏهن به استعيفيٰ جي تصديق لاءِ اسپيڪر وٽ نه ويا، 11 اپريل کان استعيفيٰ ڏيندڙ پي ٽي آءِ ميمبرن کي ڪا به پگهار نه ڏني وئي آهي

اسلام آباد (بيورو رپورٽ) پاڪستان تحريڪ انصاف جي مرڪزي سينيئر نائب صدر شيرين مزاري چيو آهي ته قومي اسيمبلي جي اسپيڪر کي فوري طور تي اهڙو احمقانه رويو ختم ڪرڻ گهرجي. شيرين مزاري پنهنجي سوشل ميڊيا اڪائونٽ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 23

اسلام آباد: پاڪستان تحريڪ انصاف جي سينيئر نائب صدر شيرين مزاري پريس ڪانفرنس ڪندي

نوجوان ڪنوار مهيني اندر همراهه جا لکين رپيا کڻي فرار

ڪراچي (رپورٽر) ڪراچي جي علائقي ملير ۾ هڪ 20 ورهين جي ڪنوار زيور ۽ لکين رپيا کڻي فرار ٿي وئي جنهن تي پيرسن شهري ايف آءِ آر لاءِ ٿاڻي پهتو. 53 ورهين جي شهري کي ٽئين شادي ڪرڻ ڳچي ۾ پئجي ويو. سنڌس 20 سالن جي ڪنوار شادي لاءِ هڪ مهيني بعد زيور ۽ لکين رپيا کڻي فرار ٿي وئي. شادي بعد ٻنهي زال مڙس جون ٽڪ ٽاڪ وارين وڊيوز به سامهون/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 28

پي آءِ اي جي ملڪيت هيٺ روزويلٽ هوٽل کي وڪرو ڪرڻ جو ڪو به ارادو ناهي: وزير خواجه

روزويلٽ هوٽل کي وڪرو ڪرڻ جو پروپيگنڊا ڪيو پيو وڃي، حڪومت جو هوٽل وڪرو ڪرڻ جو ڪو به ارادو ناهي

قومي جهنڊو رڳو ان وقت ئي بلند ٿيندو جڏهن ڪنهن رياست جا اڳواڻ هوٽل ويندا ٻي صورت رڳو آمريڪا ۽ هوٽل جو جهنڊو ئي اڏندو

پاڪستان تحريڪ انصاف جي حڪومت جي دور ۾ ڪجهه ڪارڻ هئا جنهن تي هوٽل بند ڪيو ويو هو: خواجا سعد رفيق

اسلام آباد (م د) ريلوي جي وزير ۽ هوائي بازي جي وزير خواجا سعد رفيق واضح ترديد ڪندي چيو آهي ته حڪومت جو آمريڪا ۾ قائم پي آءِ جي ملڪيت هيٺ روزويلٽ هوٽل وڪرو ڪرڻ جو ڪو به ارادو ناهي. رپورٽ موجب گذريل ڏينهن 17 ڊسمبر /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 13

مودي سرڪاري خلاف پ پ سٽي نئون ديرو جا اڳواڻ ۽ جيالا روڊن تي نڪري آيا

مودي سرڪار کي ڊيڪلريل آئيني تي پارٽي سرڪار بلاول ڀٽو زرداري خلاف بيان تي احتجاج

پيپلز پارٽي سٽي نئون ديرو جا اڳواڻ سٽي صدر سيد ارشد شاهه راشدي جي اڳواڻي ۾ مظاهرو ڪيو

منصور احمد سومرو، ڪائونسلر حاجي عبدالخالق ڀٽو، ڪائونسلر ڪاشان قاضي، ڪاشف علي شاهه شريڪ

نئون ديرو (رپورٽ:شاد محمود ڀٽو) مودي سرڪاري خلاف پيپلز پارٽي سٽي نئون ديرو جا اڳواڻ ۽ جيالا روڊن تي نڪري آيا اقوام متحده جي جي 77 هين اجلاس ۾ ڀارتي وزير خارجه جي بيان بعد وزير خارجه بلاول ڀٽو زرداري جو مودي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 08

نئون ديرو : مودي سرڪاري خلاف پ پ سٽي نئون ديرو جا اڳواڻ احتجاج ڪري رهيا آهن

نوشهروفيروز ويجهو ڳوٺ محمد مبيجو ۾ ڏيرهتان ڀاڄائي قتل

نوشهروفيروز (رپورٽ:منظورملڪ) نوشهروفيروز جي ڳوٺ محمد مبيجو ۾ گهريلو تڪرار تان ڏير عزيز الله پنهنجي ڀاڄائي خانزادي کي فائرنگ ڪري قتل ڪري ڇڏيو پوليس مقتول جو لاش ضروري ڪارروائي لاءِ سول اسپتال نوشهروفيروز منتقل ڪري هڪ جوابدار کي گرفتار ڪري ورتو. جڏهن ته واقعي جو مرڪزي جوابدار عزيز الله فرار /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 12

ڊڙو لڳ ابڙال ۾ احساس فائونڊيشن طرفان 3 روزه مفت اکين جي ڪئمپ لڳائي وئي

غريب ۽ بي سهارا ماڻهن جي اکين جا مفت آپريشن ڪري مجموعي طور 4 هزار ماڻهن جو علاج

گل حسن سومرو، وفا مشتاق لاشاري ۽ ٻين جي تعاون سان ٽي روزه مفت اکين جي ڪئمپ لڳائي وئي

چيئرمين نثار احمد اشرفي، عرفان مڪا، محمد اعجاز، عارف ڀهائي، رفعت عزيز، شاهنواز بوزدار شريڪ ٿيا

ڊڙو (رپورٽ:شوڪت ميمڻ) ڊڙو لڳ ابڙال ۾ احساس فائونڊيشن طرفان 3 روز مفت اکين جي ڪئمپ. 3 سوَ کان وڌيڪ غريب ۽ بي سهارا ماڻهن جي اکين جا مفت آپريشن ڪري مجموعي طور 4 هزار ماڻهن جو علاج ڪري ڪين دوائون. چشما ۽ کاڌ خوراڪ ڏني وئي. احساس فائونڊيشن طرفان ابڙال لڳ ٻوڏ متاثرن لاءِ 40 نوان گهر ٺاهڻ جو اعلان. ڊڙو لڳ ابڙال شهر ۾ احساس /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 13

ڊڙو : احساس فائونڊيشن طرفان ابڙال ۾ ٽي روزه اکين جي لڳايل ڪئمپ ۾ ڊاڪٽر آپريشن ڪندي

خيرپور ۾ 2 گهيرو نوجوان ڪورٽ اڳيان پوليس ڪنيي وئي، پيو گم، احتجاجي مظاهرو

خيرپور(رپورٽر) خيرپور ۾ ٻه گهيرو نوجوان ڪورٽ اڳيان پوليس ڪنيي هڪ کي هاف فرائي ڪيو پيو گم .وارث عورتن جو پوليس خلاف احتجاج پوليس پ پ اڳواڻ علي شير سڪول جي وانگار وهي اسان جي نوجوانن کي ڪٿايو آهي، آءِ جي سنڌ نوٽيس وٺي. تفصيل موجب شاه لطيف ٿاڻي جي حد ڳوٺ سوڍو خان جاگيراڻي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 16

تعليم کاتي جي ڪامورن جو ڪارنامو: پرائمري اسڪول ۾ 50 شاگردن تي 13 استاد مقرر!!!!

ڪرپشن اقربا پروري بد انتظامي جا روز نوان انڪشاف قصا ڪهاڻيون منظر عام تي اچي رهيا آهن

ڪيمپس پرائمري اسڪول جنهن ڪي ۾ 50 ٻارڙن جي انرولمنٽ آهي ان ۾ 13 استاد مقرر ڪيا ويا آهن

مڪمل طور تي ڪرپشن اقربا پروري لا پرواهي سبب ضلع جا ڪيترائي اسڪول اجا تائين بند پيا آهن

بدين(رپورٽ مرتضي ميمڻ) تعليم کاتي جي ڪامورن جو ڪارنامون پنهنجي ئي آفيس پرسان قائم پرائمري اسڪول ۾ 50 شاگردن تي 13 استاد مقرر تفصيل بدين ضلع ۾ تعليم کاتي ۾ ڊسٽرڪٽ ايجوڪيشن آفيسر پرائمري ۽ ڊسٽرڪٽ ايجوڪيشن آفيسر ايليمنٽري سيڪنڊري ۽ هاير سيڪنڊري جي ڪرپشن اقربا پروري بد انتظامي جا روز نوان انڪشاف قصا ڪهاڻيون /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 20

نوشهروفيروز ۾ ڪارڪنن پاران پ پ چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري جي حمايت ۾ ريلي

بلاول ڀٽو زرداري خلاف احتجاج ڪرڻ غليظ الفاظ استعمال ڪرڻ خلاف ريلي ڪڍي وئي

ضلعي جنرل سيڪريٽري سهيل اختر عباسي , خان محمد اعوان , خليفه شڪيل ميمڻ شريڪ

ڪشمير ۾ پارٽي جارحيت وڏي پيماني تي جاري آهي ڪشميرين کي اڪيلو نه سمجهيو وڃي:اڳواڻ

نوشهروفيروز (رپورٽ:منظور ملڪ) پوري ملڪ سميت نوشهروفيروز ۾ به مودي سرڪار خلاف اظهار يڪجهتي ۽ وفاقي پرڏيهي وزير پ پ چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري سان يڪجهتي جي اظهار لاءِ ريلي ڪڍي وئي. پاڪستان پيپلزپارٽي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 21

نوشهروفيروز : پ پ چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري جي حمايت ۾ ريلي ڪڍي وئي

سکر سماجي برائين جو مرڪز بڻجي ويو شهر جي مختلف هنڌن تي جوا جا اڏا قائم

سکر (رپورٽر) .سکر سماجي برائين جو مرڪز بڻجي ويو سکر جي مختلف هنڌن تي جوا جا اڏا قائم ٿيل مختلف هوٽلن اندر رات جو آئيس جو نشو نئون نسل سري عام وڪامڻ لڳو پوليس سماجي برائين ۽ منشيات فروشن خلاف ڪاروائي ڪرڻ بدران خاموش تماشائي بڻيل آهي تفصيل موجب. ايس ايس پي سکر جي مقرري بعد /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 24

ڪڍڻ روڊ واسڻ ناري جو ماءُ ۽ ڀاءُ سان گڏجي احتجاجي مظاهرو، پاڙيسرين تي اغواءِ زنا جو الزام

ڪچي آبادي پاڙي جي رهواسڻ غير شادي شده ناري شمينه ڌي گل محمد سولنگي احتجاج ڪيو

5 مهينا پهرين پاڙي ۾ رهندڙ واحد بخش جمالي قربان ملاح غني ملاح مون کي اغوا ڪيو: ثمينه

وحشي جوابدار مون تي تشدد ڪري زبردستي منهنجي لڄ لٽيندو رهيو نوٽيس وٺي انصاف ڪيو وڃي

بدين(رپورٽ مرتضي ميمڻ) ڪڍڻ روڊ واسڻ ناري جو ماءُ ۽ ڀاءُ سان گڏجي احتجاج پاڙيسري تي اغوا ۽ زنا جو الزام تفصيل ڪڍڻ روڊ جي ڪچي آبادي پاڙي جي رهواسڻ غير شادي شده ناري ثمينه ڌي گل محمد سولنگي پنهنجي ماءُ زيبب سولنگي ڀاءُ ستار سولنگي ڀيڻ زاهده ۽ عائشه سولنگي سان گڏجي پريس ڪلب اڳيان احتجاج ڪرڻ کان بعد صحافين اڳيان دانهيندي چيو ته 5 مهينا /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 26

وفاقي وزير خارجا ۽ پ پ جي چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري جي حمايت ۾ بدين ۾ ڪارڪنن جو احتجاج

پارٽي انتها پسند ڌرين طرفان بلاول ڀٽو جي خلاف مظاهرن ۽ نازيبا زبان اسعمال ڪرڻ خلاف احتجاج ڪيو

حاجي رمضان چانڊيو جي اڳواڻي ۾ بلاول ڀٽو زرداري جي حمايت ۾ بدين پريس ڪلب تائين ريلي ڪڍي وئي

چوندن ۾ صرف بلاول ڀٽو زرداري ملڪ جو پهريون نوجوان وزيراعظم ٿيندو ۽ ملڪ کي ترقي ڏانهن گامزن ڪندو:اڳواڻ

بدين (رپورٽ:مرتضي ميمڻ) وفاقي وزير خارجا ۽ پيپلز پارٽي جي چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري جي ڪشمير بابت بيان تي پارٽي وزيراعظم مودي ۽ پارٽي انتها پسند ڌرين طرفان بلاول ڀٽو جي خلاف مظاهرن ۽ نازيبا زبان اسعمال ڪرڻ جي خلاف پ پ پ ضلع بدين جي صدر حاجي رمضان چانڊيو جي اڳواڻي ۾ بلاول ڀٽو زرداري جي حمايت ۾ بدين پريس ڪلب تائين ريلي ڪڍي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 30

بدين پريس ڪلب

بدين : پ پ چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري جي حمايت ۾ ڪارڪنن پاران احتجاج ڪيو پيو وڃي

پ پ خيرپور پاران سنڌ جي صوبائي صلاحڪار بچل شاهه جي قيادت ۾ ريلي

خيرپور (ڊر) پ پ خيرپور پاران سنڌ جي صوبائي صلاحڪار ۽ سکر ڊويزن جي جنرل سيڪريٽري سيد بچل شاهه جي قيادت ۾ جيلاني هائوس کان پريس ڪلب تائين ريلي ڪڍي وئي. ريلي جي اڳواڻن چيو ته پيپلزپارٽي جي چيئرمين ۽ پاڪستان جي پرڏيهي وزير بلاول ڀٽو زرداري پاران اقوام متحده اجلاس ۾ ملڪ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 31

اسلام ڪوٽ پوليس جي ايس ايڇ او جي زيادتين خلاف شهري روڊن تي نڪري آيا

ٽائرن کي باهيون پنج ڪلاڪ ڌرڻو مٺي اسلام ڪوٽ روڊ بلاڪ.ٽرئفڪ معطل ٿي

بجير خاصخيلي ۽ ميگهواڙ برادري جا رهواسي ڦلو بجير,اسلم جي اڳواڻي ۾ ريلي

پوليس پهچي مظاهرين سان ڳالهيون ڪري معذرت ڪرڻ بعد ڌرڻو ختم ڪرايو

اسلام ڪوٽ (رپورٽ:صادق بجير) اسلام ڪوٽ پوليس جي ايس ايڇ او جي زيادتين خلاف شهري روڊن تي نڪري آيا ٽائرن کي باهيون پنج ڪلاڪ ڌرڻو مٺي اسلام ڪوٽ روڊ بلاڪ. ٽرئفڪ معطل,سخت نعريبازي تفصيل موجب:اسلام /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 35

وڄوٽو پوليس جي لاپرواهي سبب بدامني ۽ چورين ۾ تيزي اچي وئي، احتجاج

سولر پليٽون چوري جون ٻه وارداتون، پنج سولر پليٽون چوري، پوليس خاموش بڻيل

ٻه ڏينهن ڳوٺ بچل ڪوڪر مان نظر محمد ڪوڪر جي زمين تان ٽي سولر پليٽون چوري ٿيون

نئون ڪوٽ (رپورٽ:ممتاز جوڻيجو) وڄوٽو پوليس جي لاپرواهي سبب بدامني ۽ چورين ۾ تيزي اچي وئي ٻن ڏينهن دوران وڄوٽو پوليس جي حد ۾ سولر پليٽون چوري جون ٻه وارداتون، پنج سولر پليٽون چوري، پوليس خاموش بڻيل . خبر موجب /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 09

اوٻاوڙو ۾ گورنمينٽ سيڪينڊري ٽيچرس ايسوسيئيشن جي چونڊ ٿي گذري

ايسوسيئيشن اوٻاوڙو جي چونڊ اليڪشن ڪاميٽي جي چيئرمين جي نگراني ۾ ٿي

اليڪشن ڪاميٽي پاران پٺائي پينل جي عهديدارن جي بنا مقابلي ڪامياب ٿيڻ جو اعلان

اوٻاوڙو (رپورٽر) اوٻاوڙو ۾ گورنمينٽ سيڪينڊري ٽيچرس ايسوسيئيشن جي چونڊ ۾ پٺائي پينل جا عهديدار بنا مقابلي بعد ڪامياب ٿي ويا. گورنمينٽ سيڪينڊري ٽيچرس ايسوسيئيشن تعلقه اوٻاوڙو جي چونڊ اليڪشن ڪاميٽي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 11

اوٻاوڙو : گورنمينٽ سيڪينڊري ٽيچرس ايسوسيئيشن جي چونڊ ٿي گذري

پيپلزپارٽي پاران سجاول ضلعي جي سمورن تعلقه هيڊ ڪوارٽرز ۾ ڪارڪنن جا مظاهرا

محمد علي خان ملڪاڻي جي هدايتن تي پارٽي آفيس کان پريس ڪلب تائين احتجاجي ريلي

ڊپٽي انفارميشن سيڪريٽري نجيب سرويچ، تعلقه صدر ڊاڪٽر اقبال احمد ميمڻ پاران ريلي ڪڍي وئي

سجاول (ن سنڌيار) پاڪستان پيپلزپارٽي پاران سجاول ضلعي جي سمورن تعلقه هيڊ ڪوارٽرز ۾ مودي سرڪار ۽ مودي سرڪار جي تعصب پرست /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 15

اسلام ڪوٽ ۾ شهرين پاران ٽائون موڙ تي احتجاجي مظاهرو، ڌرڻو

سومار بجير ابراهيم بجير عمران بجير حق نواز خاصخيلي عرس خاصخيلي احتجاج ڪيو

ايس ايڇ او قادر بخش ڏاڙيلن وانگي رات جو نشي ۾ ڌت ٿي عام شهرين تي تشدد ڪري ٿو:اڳواڻ

اسلام ڪوٽ (رپورٽر) شهرين سومار بجير ابراهيم بجير عمران بجير حق نواز خاصخيلي عرس خاصخيلي رايمل ميگهواڙ پرويز ميگهواڙ ۽ ٻين /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 19

اسلام ڪوٽ : شهرين پاران ٽائون موڙ تي احتجاجي ڌرڻو

نوشهرو فيروز پرسان قومي شاهراهه موٽر سائيڪل تان ڪري نوجوان زخمي

موٽر سائيڪل تان ڪريل يا ڪنهن گاڏي جي ڌڪ لڳڻ سبب نوجوان زخمي ٿيو

سول اسپتال نوشهرو فيروز آندو جتان ڳنڀير حالت ۾ نوابشاهه اسپتال ريفر ڪيو ويو

نوشهرو فيروز(ڊ ر) قومي شاهراهه نوشهرو فيروز ۽ ڀريا سٽي جي وچ تي موٽر سائيڪل تان ڪريل يا ڪنهن گاڏي جي ڌڪ لڳڻ سبب هڪ شخص کي ڳنڀير حالت ۾ سول اسپتال نوشهرو فيروز آندو ويو جنهن جي کيسي مان نڪتل شناختي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 23

دادو ۾ خيرخواهه طرفان ماءُ ۽ ٻار جي صحت بابت آگاهي مهم شروع

خانداني منصوبه سازي ,ماءُ ۽ ٻار جي صحت بابت آگاهي مهم شروع ڪئي وئي

صحت کي هٽي وٺرائڻ لاءِ ٻارن جي پيدائش وچ ۾ وقفي بابت آگاهي مهيا ڪئي وئي

دادو(رپورٽ:عزيزالله خاصخيلي) دادو خيرخواهه طرفان ماءُ ۽ ٻار جي صحت بابت دادو ضلعي جي ٻوڏ سٽيل علائقن ۾ خانداني منصوبه سازي .ماءُ ۽ ٻار جي صحت بابت آگاهي مهم شروع ڪئي وئي آهي. جنهن ۾ خاص طور تي ٻوڏ متاثر علائقن/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 25

رهڙڪي مان پنجاب پوليس طرفان رهڙڪي واسي شاهنواز ڪونهارو کي گم ڪرڻ خلاف احتجاج

ڪنيي گم ڪري ڪوڙو مقابلو ڄاڻائي قتل ڪرڻ خلاف جسقم گهوٽڪي طرفان احتجاج ڪيو ويو

جسقم ضلع صدر فقير رمضان ڪلوڙ مير حسن لاشاري حنيف سومرو عباس سميجو پاران ريلي ڪڍي وئي

ڏهرڪي (رپورٽ:لالچند موٽواڻي) ڏهرڪي مان پنجاب پوليس طرفان رهڙڪي واسي شاهنواز ڪونهارو کي هڪ مهينو اڳ ڪنيي گم ڪري ڪوڙو /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 29

آل سنڌ مگڻهار اتحاد جي سڏ تي ماتلي شهر جي ڪالوني ۾ شاگردن پاران احتجاج

آپالي مگڻهار تي رفيق ميمڻ ۽ مختيار ميمڻ جي چئي تي ڪيس داخل ٿيڻ خلاف احتجاج

شاگردن کي حراسان ڪري ڌمڪيون ڏئي مٿن ڪوڙي ايف آءِ آر درج ڪرڻ قانوني جرم آهي:اڳواڻ

ٽنڊو محمد خان (رپورٽ:مظفر علي بروهي) آل سنڌ مگڻهار اتحاد جي سڏ تي ماتلي شهر جي ڪالوني ۾ رهندڙ اسڪولي شاگردن شهباز علي مگڻهار ۽ حيدر علي مگڻهار سيف مگڻهار ۽ آپالي مگڻهار تي با اثر شخص رفيق ميمڻ ۽ مختيار /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 34

خيرپور ناٿن شاهه ۾ شهرين پاران تباهه ٿيل بحالي ۽ آئينده ٻوڏ کان بچاءُ لاءِ سيمينار

سيمينار ۾ شهر جي سياسي، سماجي، مذهبي ,صحافين ، نوجوانن ، واپارين ۽ شهري شريڪ

خيرپور ناٿن شاهه ٻوڏ جي تباهڪارين جو ذميوار سنڌ حڪومت قرار, تجويزون پيش ڪيون ويون

سيمينار ۾ ايڊووڪيٽ شعبان علي ملاح,ايڊووڪيٽ الطاف سچل اعوان، عمران بلوچ، اياز ٻرڙو شريڪ ٿيا

خيرپورناٿن شاهه (رپورٽ:برڪت علي چانڊيو) خيرپورناٿن شاهه ۾ شهرين پاران ٻوڏ دوران تباهه ٿيل خيرپور ناٿن شاهه جي بحالي ۽ آئينده ٻوڏ کان بچاءُ لاءِ اپاءَ .جي عنوان هيٺ سيمينار ڪوٺايو ويو: سيمينار ۾ شهر جي سياسي، سماجي, /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 10

خيرپورناٿن شاهه : شهرين پاران تباهه ٿيل بحالي ۽ آئينده ٻوڏ کان بچاءُ لاءِ سيمينار منعقد ڪيو ويو

سيراڻي ويجهو ڳوٺ غلام محمد موسيپوٽو جي پرائمري اسڪول جو ڪم رولڙي جو شڪار

پرائمري اسڪول جي عمارت جي مرمت جو ڪم رولڙي جو شڪار ٿي ويو ٺيڪيدار فرار ٿي ويو

اسڪول جي ڇت جي پراڻي ٽائين ڪم ڪري مرمت مڪمل ڪرڻ بجاءِ ڪم اڌ ۾ ڇڏي هليو ويو

ڳوٺ غلام محمد موسيپوٽو جي رهواسين محمد حنيف موسيپوٽو ۽ ٻين رهواسين احتجاج ڪيو

بدين(رپورٽ مرتضي ميمڻ) سيراڻي ويجهو ڳوٺ غلام محمد موسيپوٽو جي پرائمري اسڪول جي عمارت جي مرمت جو ڪم رولڙي جو شڪار ٺيڪيدار اسڪول جي ڇت جي پراڻي ڪرائي غائب ٿي ويو تفصيل موجب سيراڻي ويجهو ڳوٺ غلام محمد موسيپوٽو جي پرايمري اسڪول جي عمارت جي مرمت جو ٽينڊر 2020 ڪيو ويو ۽ ٺيڪيدار اسڪول جي ڇت جي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 14

بدين: ڳوٺ غلام محمد موسيپوٽو جي پرائمري اسڪول جو ڪم رولڙي جو شڪار ٿيل نظر اچي رهيو آهي

يوسي جهنڊو مشائخ جي معزز شخصيت عبدالحق شيخ پاران مدد جو سلسلو جاري

خيرپور (ڊر) يوسي جهنڊو مشائخ جي معزز شخصيت عبدالحق شيخ عرف غلام شبير شيخ پاران صوفي فقير غلام علي شيخ ويلفيئر ٽرسٽ جي پليٽ فارم تان غريب مستحق ماڻهن جي مدد جو سلسلو جاري آهي ان سلسلي ۾ يوسي جهنڊو مشائخ جي معزز شخصيت عبدالحق شيخ عرف غلام شبر شيخ جي حڪم تي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 17

بدين جي قاضه واهه کان آرمي شگر مل تائين ويندڙ ٻه ڪلوميٽر روڊ خطرناڪ بڻجي ويو

ناقص مٽيريل استعمال ٿيڻ جي ڪري ڪيترن ئي سالن کان ٽوڙ ڦوڙ جو شڪار ٿي تباهه ٿي ويو

واهه جي ڪنارن تي پچنگ ڪرڻ کانسواءِ روڊ تعمير ڪرڻ سبب روڊ هنڌان هنڌان واهه ٽٽي ويو آهي

شهر کان آرمي شوگر ملز ڏانهن ويندڙ روڊ تعمير ڪري شهرين کي تحفظ سهولت مهيا ڪئي وڃي

بدين (رپورٽ:مرتضي ميمڻ) بدين جي قاضه واهه کان آرمي شگر مل تائين ويندڙ ٻه ڪلوميٽر روڊ خطرناڪ بڻجي ويو، سوين رهواسين جون حياتيون داءَ تي لڳل تفصيل موجب بدين شهر کان آرمي شوگر ملز تائين واهه جي پٽڙي تي تعمير ٿيل روڊ ناقص مٽيريل استعمال ٿيڻ جي ڪري ڪيترن ئي سالن کان ٽوڙ ڦوڙ جو شڪار ٿي تباهه ٿي ويو آهي واهه جي ڪنارن تي پچنگ ڪرڻ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 18

پ پ طرفان ٽنڊو محمد خان ۾ پارٽي چيئرمين بلاول ڀٽو جي حمايت ۾ ريلي

صوبائي اطلاعات سيڪريٽري عاجز ڌامراهه جي قيادت ۾ احتجاجي جلوس ڪڍيو ويو

احتجاجي جلوس ڪڍي پيادل مارچ ڪري پريس ڪلب آڏو مظاهرو ڪرڻ بعد ڌرڻو هنيو ويو

بلاول ڀٽو زرداري ملڪ جو پهريون نوجوان وزيراعظم ٿيندو ۽ ملڪ کي ترقي ڏانهن گامزن ڪندو:اڳواڻ

ٽنڊو محمد خان (رپورٽ:مظفر علي بروهي) پ پ طرفان ٽنڊو محمد خان ۾ پارٽي چيئرمين بلاول ڀٽو جي حمايت ۾ صوبائي اطلاعات سيڪريٽري عاجز ڌامراهه جي قيادت ۾ احتجاجي جلوس , مارچ , مظاهرو , ڌرڻو. ٽنڊو محمد خان ۾ پ پ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 22

ٽنڊو محمد خان : پ پ طرفان ٽنڊو محمد خان ۾ پارٽي چيئرمين بلاول ڀٽو جي حمايت ۾ ريلي ڪڍي وئي

بدين جهنگلي جيوت کاتي جي نااهلي سبب پرديسي غير قانوني شڪار جاري

جوابدارن جي نشاندهي باوجود وائلڊ لائف پوليس اسٽيشن تي ڪيس داخل نه ٿيو

ايف آئي آر داخل ڪرڻ بجاءِ ڏيتي ليتي جي بنياد تي آجو ڪرڻ جون مبارڪون شروع

تاريخي ۽ رامسر سائيٽ قرار ڏنل نريڙي ڍنڍ ۾ بااثر شڪارين خلاف قدم نه کنيو ويو آهي

بدين(رپورٽ مرتضي ميمڻ) جهنگلي جيوت کاتي جي نااهلي پرديسي غير قانوني شڪار جي جوابدارن جي نشاندهي باوجود وائلڊ لائف پوليس اسٽيشن تي ڪيس داخل نه ٿيو ڏيتي ليتي معاملي کي لڪ مٽي ڪرڻ تياريون شروع تفصيل موجب ڪجهه ڏينهن پهرين وارڊ نمبر 1 اتفاق ڪالوني جي رهواسي اسد پٺاڻ پاران پاڙي جي دوستن حسن آرائين صمد جعفري فائق بلوچ سان گڏجي تاريخي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 27

سجاول ۾ رائيٽ ٽو پلي انٽرنيشنل پاران هڪ بهترين پرائمري اسڪول سطح تي ڪرڪيٽ ٽورنامينٽ

مختلفت پرائمري اسڪولن پرائمري اسڪول مدرسه سائيٽ, ٻهاول خان مگسي جي شاگردن پاران شرڪت

پرائمري سطح جي ٻارن ۾ بهترين مقابلو ڪرائي معصوم ٻارن جي حوصلہ افزائي ڪئي آهي: امتياز علي ابڙو

خود مختيار, مستقبل جا بهتر اڳواڻ ٿي سٺي فيصلا سازي ڪرڻ جي صلاحيت پيدا ڪري سگهن: ڳالهيون

سجاول (ڊ ر)سجاول ۾ رائيٽ ٽو پلي انٽرنيشنل پاران هڪ بهترين پرائمري اسڪول سطح تي ڪرڪيٽ ٽورنامينٽ ڪرايو ويو. جنهن ۾ ضلعي سطح تي سيٽي اسڪولن جي شموليت کي يقيني بڻايو ويو، سجاول شهر جي مختلفت پرائمري اسڪولن پرائمري اسڪول مدرسه سائيٽ، حاجي ٻهاول خان مگسي، پرائمري اسڪول سبحان پنجابي، پرائمري اسڪول مين چانڊيہ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 28

سجاول : پرائمري اسڪول سطح تي ڪرڪيٽ ٽورنامينٽ جو ڏيک

تعليم کاتي جي ملازمن ، بيڪس ۽ اين سي ايڇ ڊي جي استادن پاران احتجاجي مظاهرو

خيرپور (ڊر) تعليم کاتي جي ملازمن ، بيڪس ۽ اين سي ايڇ ڊي جي استادن ۽ استادياڻين نيشنل بينڪ کان پريس ڪلب تائين ريلي ڪڍي تعليم کاتي جي سيڪريٽري خلاف احتجاجي مظاهرو ڪيو. مظاهري جي اڳواڻي ۾ آمنه ڪٽوهر، سائره خاصخيلي، شمشاد رڏ، رفعيه راڄپر، مجيب قليوٽو، حافظ سفي الله /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 32

نوشهروفيروز ۾ بيڪس ۽ اين سي ايڇ ڊي جي استادن پاران پگهارون نه ملڻ خلاف احتجاج

پگهارون نه ملڻ خلاف پريس ڪلب اڳيان احتجاجي مظاهرو ڪيو حقن جي حاصلات لاءِ نعريبازي

علي اڪبر ڪوسو, آصف علي , عاشق علي زرداري , محمد رمضان سنڌيلو ۽ ٻين پاران احتجاج رڪارڊ

ظلم جي انتها آهي ته سنڌ سرڪار اسان کي ريگيولر ڪرڻ ۽ پگهارون ڏيڻ لاءِ سنجيده نه آهي:مظاهرين

نوشهروفيروز (رپورٽ:منظور ملڪ) نوشهروفيروز ۾ بيڪس ۽ اين سي ايڇ ڊي جي استادن پاران پگهارون نه ملڻ خلاف پريس ڪلب اڳيان احتجاجي مظاهرو ڪيو جن حقن جي حاصلات لاءِ نعري بازي ڪئي مظاهرين جن جي اڳواڻي احمد علي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 33

*** روزاني سنڌيار سکر پبلشر اي حسين، سم پرنٽنگ پريس بي آر ٽاور چندريگر روڊ ڪراچي مان ڇپرائي سکر آفيس گهر نمبر سي 92، دهلي مسلم هائوسنگ سوسائٽي ايئرپورٽ روڊ سکر مان پڌري ڪئي وئي***

روزاني
سنڌيار
ايڊيٽر: اعجاز مهر
Daily SINDHYAR
www.dailysindhyar.com
سومر 19 ڊسمبر 2022ع

سياسي بحران ختم ٿيندي نظر نه ٿو اچي

عمران خان اسيمبليون ٽوڙڻ جو اعلان ته ڪري ڇڏيو آهي پر هن وري به هڪ هفتي جي ڇڙ ته مهلت ڏني آهي ته متان انهي وچ ۾ ڪو وچيون رستو نڪري اچي. ملڪي سياست ور وڪڙ ڪائي وري اچي انهي موڙ تي بيٺي آهي جنهن کي سياسي يا آئيني بحران سڏجي ته غلط نه ٿيندو ڇاڪاڻ ته انهي بحران سبب ملڪي ڪاروهنوار جڻ ته مفلوج بڻيل آهي جنهن سان معاشي بحران مسلسل وڌي رهيو آهي. جڏهن اڳوڻي وزيراعظم عمران خان کي بي اعتمادي جي رٽ ذريعي هٽائي اتحادي حڪومت قائم ٿي هئي ته اها اميد ڪئي پئي وئي ته باقي سال ڏيڍ جا معاملا بنا ڪنهن وڏي بحران جي اڳتي وڌندا ۽ نئين چونڊن ڪانپوءِ ملڪي سياست ۾ بحران واري ڪيفيت مڪمل ختم ٿيندي پر صورتحال انهي اميد جي ابتڙ ٿيڻ شروع ٿي. عمران خان پنهنجي حڪومت هٽائڻ ڪانپوءِ ماٺ ڪري نه ويٺو هڪ طرف هن قومي اسيمبلي ۾ نه ويهڻ ۽ استعيفائن جو اعلان ڪيو ته مٿان عوامي جلسا ۽ به لانگ مارچ ڪري حڪومت کي به سڪون سان ويهڻ نه ڏنو، جنهن ڪري ملڪ ۾ سياسي گرمي پد سدائين وڌيل رهيو ۽ غير يقيني واري صورتحال هئي .ٻئي لانگ مارچ جي خاتمي وقت پنهنجي خطاب ۾ عمران خان پنجاب ۽ ڪي پي اسيمبليون ٽوڙڻ جو اعلان ڪيو ۽ چيو ته جلد اسيمبليون ٽوڙي پارليامينٽ مان ٻاهر اچي وڃبو ته جيئن نئين چونڊن لاءِ دٻاءُ وڌائي سگهجي پر ان اعلان تي به عمل ۾ ڪيترا ڏينهن لڳي ويا ۽ ڪالهه انهي لاءِ عمران خان نئين تاريخ 23 ڊسمبر يعني جمعي جو ڏينهن ڏئي ڇڏيو آهي. هڪ طرف مخالف ڌر جي پنهنجي حڪمت عملي آهي ته وري حڪومت به ان کي منهن ڏيڻ لاءِ پنهنجا پتا ڪيڏندي نظر اچي رهي آهي.

عمران خان ڪالهه زمان پارڪ ۾ پنجاب ۽ ڪي پي جي وڏن وزيرن کي گڏ ويهاري لبرٽي چوڪ لاهور ۽ ملڪ جي مختلف هنڌن تي گڏ ٿيل ماڻهن کي آن لائين خطاب ڪندي 23 ڊسمبر تي ٻئي اسيمبليون ٽوڙڻ جو اعلان ڪيو آهي. جڏهن ته نوازليگ وري پنجاب جي وڏي وزير ۽ اسپيڪر خلاف بي اعتمادي جي رٽ آڻڻ جو اعلان ڪيو آهي جيڪا سومر تي جمع ڪرائي ويندي جنهن جو مطلب اهو ٿيو ته بي اعتمادي جي رٽ جمع ٿي وئي ته پنجاب اسيمبلي ٽوڙڻ وارو فيصلو ڪارگر نه رهي سگهندو ۽ سياسي جهيڙو اسيمبلي اندر ئي وڙهي پنهنجي حڪومت بچائي سگهبي يا وڃائي ڇڏبي. اهو ته وقت ٻڌائيندو ته ڪنهن وٽ ڪيتري اڪثريت آهي پر في الحال ته پرويزالاهي پنجاب جو وڏو وزير آهي ۽ جنهن کلي عام چيو هو ته مارچ تائين ته اسيمبلي ٽوڙي نه ٿي سگهجي ۽ خواهش آهي ته بجيٽ به اسان جي حڪومت پيش ڪري پر ڪالهه عمران خان جي خطاب وقت ساڻس گڏ ويهڻ ٻڌائي ٿو ته هو پنهنجي پراڻي ڳالهه تان هٽ ڪئي ويو آهي يا وري هفتي جو وقت هجڻ سبب ڪجهه اهڙو ٿيڻ جي اميد اٿس جنهن سان اسيمبلي ٽوڙڻ جي ضرورت ئي نه پوي. ايندڙ ڏينهن ۾ صورتحال ڪهڙي به طرف وڃي پر هڪ ڳالهه واضح آهي ته اها سياسي بحران کي ئي وڌائيندي جنهن ڪري حالتون ڏينهون ڏينهن غير يقيني ڏانهن وڌنديون ۽ معيشت تي ان جا ناڪاري اثر پوندا جيڪا اڳ ئي خراب حالت ۾ آهي.

اسان سمجهون ٿا ته موجوده سياسي صورتحال ۾ ڪنهن به ريت ملڪي سياسي يا معاشي معاملا بهتر نموني هلي نه ٿا سگهن جيڪڏهن اسيمبليون ٽوڙيون وڃن ٿيون ته ان ڪانپوءِ مخالف ڌر وارا ماٺ ڪري نه ويهندا انهن جو ٻيو آپشن رستن تي احتجاج جو هوندو ۽ حڪومت ڪوشش ڪندي ته اسيمبلين کي ٽٽڻ کان بچائجي جنهن لاءِ هنن پنجاب جي وڏي وزير ۽ اسپيڪر خلاف بي اعتمادي جي رٽ آڻڻ جو اعلان ڪيو آهي ڇاڪاڻ ته هن وقت سياست جو محور پنجاب ئي آهي ۽ پنجاب ۾ وري پي ٽي آءِ جو پنهنجو وزيراعليٰ نه هئڻ بدران اتحادي وزيراعليٰ آهي جنهن ڪري آهي به ڪو تڪڙ ۾ فيصلو ڪرڻ بدران انهن کي ساڻ ڪٺي هلڻ چاهين ٿا. بهرحال ڏسجي ته ايندڙ ڏينهن ۾ ڇا ٿو ٿئي ڇا مخالف ڌر دٻاءُ وجهي نيون چونڊون جو اعلان ڪرائڻ ۾ ڪامياب ٿي ٿئي يا حڪومت انهي دٻاءُ ۽ معاشي حالتن کي منهن ڏئي پنهنجو مدو مڪمل ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿي ٿئي ٻنهي صورتن ۾ ملڪ مان سياسي بحران جلد ختم ٿيندي نظر نه ٿو اچي

برسات بعد سردي برداشت ڪرڻ ممڪن ناهي

سيد زوار حسين شاه

مون سون برسات بعد سردي ۾ هاڻ اضافو ٿي رهيو آهي پر انتهائي خطرناڪ صورت حال آهي . جڏهن ته سماج سڌارڪن بهترين ڪردار ادا ڪندي عام ماڻهن بارش متاثرين کي ڪنبل به ڏنا ته سوڙون به ڏنيون آهن .تنظيم آرائيان پاڪستان ، شهاب فائونڊيشن سنڌ ، هيومن رائيٽس واچ پاڪستان ۽ ٻين بهترين ڪردار ادا ڪيو هاڻ به ڪن پيا جڏهن ته پاڪستان سميت سنڌ ۾ تنظيم آرائيان پاڪستان جي سرپرست اعلي عبدالمجيد آرائين يڄ حڪم تي بارش متاثرجي تڪليفن کي محسوس ڪندي خاص سردي کي محسوس ڪندي ڪنبل ، سوڙيون ڏيئي ، بهترين ثواب جو ڪم ڪن پيا . تنظيم آرائيان پاڪستان جي مرڪزي جوائنٽ سيڪريٽري نديم عباس آرائين ٻڌايو ته جڏهن کان بارش پئي آهي . اسان ان ڏينهن کان هر ماڻهون جيڪو به مستحق آهي ان جي مالي مدد ڪرڻ سان گڏ گرم ڪپڙا . سوڙيون ، ڪنبل جيڪٽس شرٽون پن ڏيون پيا جيئن هو مشڪل گهڙي مان نڪري وڃي جڏهن ته سياري سبب سيلاب متاثرن لاءِ سَوڙَ (ڪمبل) جي ضرورت پوري ڪئي پئي وڃي. جڏهن ته سنڌ جي وڏي وزير پي ڊي ايم کي هدايت ڪندي چيو ته سياري کي نظر ۾ رکندي ٻوڏ متاثرن کي گهربل سامان فراهم ڪيو وڃي. جنهن ڪانپوءِ سنڌ جو وڏو وزير ڪاري موري پهتو جتي برساتن سبب پل ٽٽڻ جو معائنو ڪيو. وڏي وزيرچيو ته پل جي تعمير جو ڪم جلد شروع ڪيو ويندو. اتان ٿيندي سنڌ جي وڏي وزير چنداڻ ڏيرو تي رهندڙ ٻوڏ متاثرن سان ملاقات ڪئي ۽ اتي موجود عورتن ۽ بزرگن کي درپيش مسئلن کان آگاهه ڪيو. جنهن تي وڏي وزير کين ٻڌايو ته سنڌس حڪومت کين گهر اڏڻ لاءِ پهرين قسط جنوري ۾ جاري ڪري رهي آهي. هڪ عورت پاران راشن ڏيڻ جي درخواست تي سنڌ جي وڏي وزير ڊپٽي ڪمشنر کي راشن پهچائي رپورٽ ڏيڻ جي هدايت ڪئي. اتان روانو ٿيندي وڏي وزيريوسي مياداد چنڙي. يو سي حمل ۽ يو سي ميرپور جي پاڻي هيٺ آيل ڳوٺن جو فضائي دورو ڪيو ۽ پاڻي نالن مان پمپنگ سسٽم ذريعي نيڪاليءَ جو جائزو ورتو. سنڌ جي وڏي وزير حمل ڍنڍ جو هوائي جائزو ڪيو ۽ پنهنجي موبائل فون تان ضروري تصويرون پڻ ورتيون. فضائي جائزي ڪانپوءِ وڏو وزير سيوهڻ پهتو ۽ اتي صحافين جي سوالن جا جواب ڏيندي چيو ته وڏي وزير کي اسيمبلي ٽوڙڻ جو اختيار آهي پر ان تي ضرور سوچڻ گهرجي. ڪنهن کي خوش ڪرڻ لاءِ اسيمبليون ٽوڙي نٿيون سگهجن. جيڪڏهن ڪو وڏو وزير اسيمبلي ٽوڙڻ جي ڳالهه ڪري ٿو ته ان مان ظاهر ٿئي ٿو ته هو حڪومت سنڀالي نٿو سگهي. يا وٽس اڪثريت ناهي يا ڪنهن وٽ اڪثريت ناهي. پنهنجي ناڪامي جو اعتراف ڪندي ٿي ڪو اهڙو ڪم ڪري سگهجي ٿو. آئين ۾ اسيمبلي ٽوڙڻ جي ضرور گنجائش آهي پر ائين هرگز ناهي ته وڏو وزير اٿي ۽ اسيمبلي ٽوڙي ڇڏي. عمران خان جي چوڻ تي اسيمبليون نه ٽوڙيون وينديون پر جيڪڏهن اهو ڪم ٿيو ته پوءِ انشاءَ الله اليڪشن وڙهنداسين ۽ ڪٽينداسين بعد ۾ سنڌ جو وڏو وزير سيد مراد علي شاهه سان گڏ آبپاشي وزير جام خان شورو قمبر پهتا. سنڌ جي وڏي وزير پاڻي هيٺ زمينن جو دورو ڪيو ۽ مقامي هارين ۽ زميندارن سان ملاقات ڪري سندن مسئلا ٻڌا. ان موقعي تي آبپاشي واري صوبائي وزير جام خان شورو وڏي وزير کي ٻڌايو ته قمبر۔شهدادڪوٽ جي مجموعي طور تي 1385197 ايڪڙ زمين پاڻي هيٺ هئي پر هاڻي رڳو 30509 ايڪڙ زمين پاڻي هيٺ رهي آهي. وڏي وزير زمينن مان پاڻي جي نيڪال جو عمل تيز ڪرڻ جي هدايت ڪئي. ان ڪانپوءِ وڏو وزير ايف پي بند جو دورو ڪرڻ لاءِ پهتوجتي صابو برڙوڳوٺ تي ٻن هنڌن تان شگاف پوڻ سبب پاڻي پرچي ويو. سنڌ جي وڏي وزير ايف پي بند جي مرمتي ڪم جو جائزو ورتو ۽ ضروري هدايتون جاري ڪيون ان موقعي تي سردار خان چانڊيو ساڻس گڏ هو. سنڌ جي آبپاشي وزير جام خان شورو قمبر جو دورو ڪرڻ ڪانپوءِ راٽيپور پهتو ۽ سڀ کان پهرين ايم اين اي پير فضل علي شاهه جي گهر پهچي سندس امڙ جي لاڏاڻ تي تعزيت ڪئي. ان ڪانپوءِ سنڌ جو وڏو وزير اڳوڻي وڏي وزير سيد قائم علي شاهه جي گهر پهتو جتي سندس آجيان سنڌي ٽوپي ۽ اجرڪ جي سوکڙين سان ڪئي وئي. ان موقعي تي وڏي وزير سان گڏ صوبائي وزير ناصر شاهه، جام خان شورو، ايم پي اي منور وساڻ، خاص مددگار پير علي شاهه پڻ موجود هئا. ڪجهه دير ويهڻ ۽ خيالن جي ڏي وٺ ڪانپوءِ ٻئي وزيراعليٰ يوسي شاد شهيد ۽ ڳوٺ ڪانوڙ جي دوري لاءِ روانا ٿيا جتي برسات متاثرن سان ملاقات ڪئي ۽ سندن مسئلا معلوم ڪيا. متاثرن وڏي وزير کي مسئلا ٻڌايا جنهن تي سنڌ جي وڏي وزير چيو ته جنهن به ماڻهو جوپايو مال وڃايو آهي ان جي مدد ڪنداسين. مون کي چڱي ريت خبر آهي ته اوهان ڪيترا ڏکايل آهيو. وڏي وزير ٻوڏ متاثرن کي يقين ڏياريو ته جنوري کان گهرن جي تعمير لاءِ رقم ڏيڻ شروع ڪنداسين. وڏو وزير داڻود قلپوٽوٽ پهتو جتي سيوهڻ ويجهو روڊ حادثي ۾ فوت ٿيندڙ 21 ڄڻن جي وارثن سان تعزيت ڪئي. وڏي وزير وارثن کي چيو ته سيوهڻ حادثو انتهائي هانءِ ڏاريندڙ هو جنهن تي مونکي گهڻو افسوس آهي. تعزيت ڪانپوءِ سنڌ جي وڏي وزير ميڊيا کي سوالن جا جواب ڏيندي چيو ته سنڌ واحد صوبو آهي جنهن جي پنج هزار سالن جي تاريخ آهي. صوبي کي ٽوڙڻ وارا پاڻ تباهه ٿي ويندا ۽ سنڌ سلامت رهندي. هن چيو ته ٻوڏ مان نقصان کي منهن ڏيڻ لاءِ 16 ارب ڊالرن جي ضرورت آهي. هن سال 10 پيرا وڌيڪ برساتون ٿيون جنهن جي ڪا مثال نه آهي. وڏي وزير چيو ته گڏيل قومن جي سيڪريٽري جنرل چيو ته هن اهڙي ٻوڏ ڪڏهن نه ڏٺي. ڪجهه ماڻهو جيڪي ڪٽ (شگاف) بابت غير ضروري ڳالهيون ڪن ٿا. اتي ڪٽ لڳائڻ ضروري هو ته جيئن وڏي آبادي کي بچائي سگهجي. هڪ سوال جي جواب ۾ هن چيو ته اعظم سواتي کي اسان ڪنهن جهاز يا هيلي ڪاپٽر تي نه آندو آهي. هن چيو ته سيد قائم علي شاهه آئين جوڙيندڙن مان هڪ آهي. آئين ۾ اسيمبلي ٽوڙڻ جي گنجائش آهي. ڪنهن کي خوش ڪرڻ لاءِ اسيمبلي ٽوڙي نٿي سگهي. صوبن جي وڏن وزيرن کي سوچڻو پوندو ۽ ڪافي مسئلن کي ڏسڻو پوندو راڻي پور ۾ ميڊيا سان ڳالهائيندي سنڌ جي وڏي وزيرچيو ته ان ڳالهه ۾ ڪوبه انڪار ناهي ته ملڪ معاشي مسئلن جو شڪار آهي. پاڪستان کي هن سنگين بحران مان ڪڍڻ لاءِ سمورين سياسي پارٽين کي گڏيل ڪوششون ڪرڻ گهرجن پر ڪجهه ٽولا اهڙا به آهن جيڪي ان صورتحال ۾ به تباهي بابت ڳالهايون ڪن ٿا. آئين وڏي وزير کي اختيار ڏئي ٿو ته هو اسيمبلي ٽوڙي سگهي ٿو پر ان جو جواز هجڻ گهرجي. اسيمبليون ڪنهن جي ضد ۽ خواهش جي ڪري ٽوڙيون نه وينديون آهن. جيڪڏهن وڏو وزير سمجهي ٿو ته صوبو بحراني صورتحال جي وَرَ چڙهيل آهي ۽ ڪنٽرول کان ٻاهر آهي ته پوءِ هو اسيمبلي کي ٽوڙي ٿو سگهي ٻي صورت ۾ جيڪڏهن هو ايوان ۾ اڪثريت وڃائي ويهي يا پاڻ کي ناڪام سمجهن ته پوءِ هو اسيمبلي ٽوڙي سگهن ٿا. اميد آهي ته پنجاب ۽ خيبرپختونخواهه جا وڏا وزير سوچي سمجهي فيصلو ڪندا. پنهنجي ناڪامي جو اعتراف نه ڪندا. هڪ سوال جي جواب ۾ هن چيو ته عمران نيازي آئيني طريقي سان گهر پيڙو ٿيو. هو ايوان ۾ اڪثريت وڃائي چڪو هو. ان جو نه وفاق تي اثر پوندو ۽ نه ئي ڪنهن صوبي تي اثر پوندو جيئن آئون هتي ويهي پنجاب يا خيبرپختونخواهه اسيمبلي ٽوڙي نٿو سگهان تيئن سنڌ اسيمبليءَ بابت به ڪو ٻاهريون نٿو ڳالهائي سگهي. هڪ ٻئي سوال جي جواب ۾ هن چيو ته اسان گريڊ هڪ کان چوڏهين تائين انٽرويوز ورتا آهن ۽ ان حوالي سان هڪ ڪميٽي به جوڙي آهي ۽ ميرٽ جي بنياد تي چونڊ ڪئي ويندي پر اليڪشن ڪميشن موجب جيستائين چونڊون نه ٿينديون ان وقت تائين اسان کي ڪابه نوڪري ڏيڻ جو اختيار نه آهي ۽ نه ئي اسان کي ڪنهن به قسم جي ترقياتي ڪم ڪرڻ جي اجازت آهي. ايتري قدر جو اسان آفيسرن جي مقرري ۽ بدلي به نٿا ڪري سگهون هن چيو ته گريڊ 5 کان 15 جي حوالي سان عدالت جي حڪم موجب پهريان سندن ٽيسٽ ورتي ويندي. هن چيو ته مڪاني چونڊون جنوري ۾ ٿيڻ واريون آهن هن چيو ته پاڪستان ۾ ٻوڏ سبب ٿيندڙ نقصان جو ڪاٿو 3 ارب ڊالر لڳايو ويو آهي جيڪا ٽريلين رپيا بڻجي ٿي. سنڌ جي بحاليءَ لاءِ اٽڪل 16 ارب ڊالرن جي ضرورت آهي. هن چيو ته اسان پنهنجي عوام کي اڪيلو نه ڇڏينداسين. ڪين بحالي لاءِ هر ممڪن ڪوششون ڪري رهيا آهيون. اسان عالمي بئنڪ سان عوامي ڪمن جي بحالي. روڊن. آبپاشي نظام . اسڪولن ۽ صحت مرڪزن بابت ڳالهايو آهي ۽ اسان ضرور گهرن جي تعمير لاءِ ماڻهن کي رقم ڏينداسين هن چيو ته ٽي لک رپيا في گهر قسطن ذريعي ڏنا ويندا.جڏهن ته سنڌ حڪومت ان جي نمائيندن مٿان ڪرپشن جا الزام عائد آهي . حقيقت ڇا آهي انڪوائري ٿيندي ته خبر پوندي .

* * *

اُڀي اوسِڙان اُسَ ۾، جَهليو ڪُنَّ ڪِنارَ؛
گهاتُو گهرِ نه آئِيا، وَڏِي لَڳِيَنِ وارَ؛
هُيَسِ جنِين هارَ، سي موڙِي چڙِهيا مَڪُڙا.

اقليتن جي عالمي ڏينهن جي مناسبت سان

انجنيئر گيانچند

14 آگسٽ 1947ع تي اڳوڻي برطانوي هندستان جي ورهاڱي جي نتيجي ۾ پاڪستان هڪ آزاد خود مختيار رياست طور وجود ۾ آيو جنهن جي نتيجي ۾ ان وقت آل انڊيا مسلم ليگ پاران پيش ڪيل "ٻه قومي نظريي" جي بنياد تي اڪثريت/اقليتي جو تصور متعارف ڪرايو ويو. ڏکڻ ايشيا جي سياست ۾ آبادي جي تعداد جي بنياد تي ورهاڱي جي نتيجي ۾ مسلمانن ۽ غير مسلمانن جي لڏپلاڻ وڏي پيماني تي ٿي جنهن جي نتيجي ۾ خاص طور تي پاڪستان ۾ عدم توازن پيدا ٿيو جڏهن ته ڪيترن ئي برادرين خاص ڪري شيڊول ڪاسٽ برادري بنيادي طور ٻن سببن جي ڪري لڏپلاڻ نه ڪرڻ جو فيصلو ڪيو؛ هڪ طرف ڪين اعليٰ ذات جي هٿان ظلم ۽ ستم جو تلخ تجربو هو ته ٻئي طرف هنن قائداعظم جي 11 آگسٽ 1947ع واري تقرير ۾ "قانون جي نظر ۾ برابري" واري واعدي جي لفظن ۾ هڪ بهتر مستقبل محسوس ڪيو محمد علي جناح، انهيءَ عقيدي جو مظاهرو ان وقت ڪيو جڏهن هن پهرين ڪابينا ۾ قانون جي وزير طور جوگندر ناٿ منڊل، هڪ شيڊول ڪاسٽ برادريءَ جي ساٿي کي وزير طور چونڊيو ۽ هڪ احمدي کي پرڏيهي سيڪريٽري طور پڻ چونڊيو جيڪو 1940ع ۾ لاهور جي قرارداد جو مصنف پڻ هو قائداعظم محمد علي جناح کان پوءِ سندس خواب تي عمل نه ڪيو ويو ٻئي طرف 12 مارچ 1949ع تي آئين ساز اسيمبليءَ پاران 1949ع جي اعتراض واري قرارداد پاس ڪئي وئي، جنهن ۾ اقليتن جي نمائندگي ڪندڙ مذهبي اقليتن جي 100 سيڪڙو مخالفت کي نظرانداز ڪيو ويو پاڪستان جي آئين ساز اسيمبلي قائداعظم جي مشهور 14 نقطن جي 8 هين نمبر نقطي ۾ جناح جي نظريي کي مڪمل طور تي رد ڪيو "ان بنياد تي ڪنهن به قانون سازي يا ڪنهن ٻئي چونڊيل اداري ۾ ڪو به بل يا ڪو به ٺهراءُ يا ان جو ڪو حصو پاس نه ڪيو ويندو جيڪڏهن ان مخصوص اداري ۾ ڪنهن به ڪميونٽي جا ٽي پاڱي چار جي اڪثريت سان ميمبر اهڙي بل قرارداد يا ان جي حصي جي مخالفت ڪن. اهڙو بل ڪميونٽي جي مفادن لاءِ نقصانڪار هوندو"هندستان جي حڪومت جي 1935 واري ايڪٽ ۾ واضح طور تي ذڪر ڪيو ويو آهي ته هندستان جي 41 شيڊول ذاتين کي خاص رعايتون ڏنيون وڃن ته جيئن انهن کي ٻين برادرين جي برابر آڻڻ لاءِ هڪ ٺوس دليل هجي. پاڪستان جي پهرين آئين يعني 1956ع جي آئين ۾ شيڊول ڪاسٽ يعني پسمانده طبقن سان 12 نومبر 1957ع تي جاري ڪيل شيڊول ڪاسٽ ڊڪليئريشن آرڊيننس جي شڪل ۾ ڪجهه ضمانتون ڏنيون ويون ته جيئن ڪين روزگار ۾ 6 سيڪڙو ڪوٽا، نوڪرين جي آخري حد ۾ رعايت ڏني ويندي. 1962ع ۽ 1973ع جي آئين ۾ انهن شقن کي برقرار رکيو ويو پر عملي طور تي انهن تي عمل نه ڪيو ويو بعد ۾ حڪومت شيڊول ڪاسٽن لاءِ 6 سيڪڙو ڪوٽا ختم ڪري سڀني اقليتن لاءِ 5 سيڪڙو ڪوٽا مقرر ڪئي. جڏهن ته 1985ع جي غير جماعتي چونڊن ۾ پهريون ڀيرو پسمانده برادرين کي موقعو مليو جڏهن هنن ميرپورخاص مان مسٽر گلجي ۽ ٿرپارڪر مان ٽيڪم ڪولهي ۽ ڪولهي برادريءَ مان پارو مل ڪولهي کي پنهنجو نمائندو چونڊيو. جنرل ضياءَ کان پوءِ الڳ چونڊيل نظام به 1988ع جي چونڊن کان وٺي با اثر مقين هندن سان مقابلو ڪرڻ لاءِ شيڊول ڪاسٽن جي مدد ڪئي ڇاڪاڻ ته اڪثريتي ووٽ بئنڪ شيڊول ڪاسٽ جي حق ۾ هو انهن جي سياسي طاقت کي ظاهر ڪرڻ جو اهم موڙ تڏهن آيو جڏهن ڀيل ڪولهي ميگهواڙ اتحادين مقامي سطح تي خاص ڪري ميرپورخاص. ٿرپارڪر ۽ بدين ضلعن ۾ پنهنجي سياسي موجودگيءَ جو مظاهرو ڪيو جڏهن انهن 2000ع جي مڪاني چونڊن ۾ ڪيترين ئي يونين ڪائونسلن کٽيون. پاڪستان پيپلز پارٽي پاڪستان ۾ ترقي پسند ۽ ڊيموڪريٽڪ پارٽي هجڻ جي ڪري ڀيل، ڪولهي، ميگهواڙ برادرين جي فيصلي ڪندڙ ووٽ بئنڪ کي محسوس ڪندي خاص ڪري ميرپورخاص ڊويزن ۾ با اثر ارباب غلام رحيم خلاف جنرل سيٽ تي پي ايس 60 جي پارٽي ٽڪيٽ انجنيئر گيانچند کي ڏني. انجنيئر گيانچند جيتوڻيڪ اليڪشن کٽي نه سگهيو پر هن پارٽيءَ جي مدد ڪئي ته پ پ جي حق ۾ پسمانده طبقن جو ووٽ بئنڪ گڏ ڪيو ۽ اهڙي عمل سان پيپلز پارٽيءَ کي ٿرپارڪر ۾ مضبوط ٿيڻ ۾ مدد ملي، جيڪا ٿرپارڪر ٻي صورت ۾ اربابن جو قلعو سمجهيو ويندو هو پسمانده برادرين جي فيصلي ڪندڙ ووٽ بئنڪ جي موجودگيءَ کي محسوس ڪندي پيپلز پارٽي پسمانده طبقن جي نمائندن کي پارليامينٽ ۾ ويهارڻ جي ڪوشش ڪئي آهي، جيئن انجنيئر گيانچند 2015ع ۾ سنڌ مان جنرل سيٽ تي پاڪستان جي سينيٽ ۾ چونڊجي آيو ۽ ڪرشنا ڪولهي 2018ع ۾ سنڌ مان سينيٽ جي سيٽ تي چونڊجي آئي. گيانچند ۽ ڪرشنا کان علاوه پاڪستان پيپلز پارٽي پاران سريندر ولاسائي کي ايم پي اي ۽ وزيراعليٰ سنڌ جو خاص مددگار، ڊاڪٽر کٽو مل جيوڻ کي وڏي وزير جو اسپيشل اسسٽنٽ، پونجو مل ڀيل کي وڏي وزير جو اسپيشل اسسٽنٽ، ويرجي ڪولهي کي وڏي وزير جو خاص مددگار مقرر ڪيو ويو آهي. جڏهن ته پ پ پ پاران به صوبائي وزارتون ۽ هڪ وفاقي وزير به اقليتن کي چونڊيو ويو آهي. اهي سڀئي پارليامينٽرين ۽ اسپيشل اسسٽنٽ پيپلز پارٽيءَ جا آهن پر ٻئي ڪنهن به پارٽي شيڊول ڪاسٽ کي ڪو به منصب نه ڏنو آهي، جڏهن ته ٻين ٽن صوبن ۽ وفاقي حڪومت پنهنجي ڪابينا ۾ ڪا به شيڊول ڪاسٽ کي نمائندگي نه ڏني آهي. جوگيندر ناٿ منڊل قائد اعظم جي ڪابينا ۾ پاڪستان جو پهريون قانون وارو وزير هو.

بقايا *** 01

۽ خيبرپختونخوا جون اسيمبليون ٽوڙي ڇڏي. هي ڪهڙي ڳالهه جو انتظار ڪري رهيا آهن . صوبائي وزير چيو ته قومي اسيمبلي جي اسپيڪر جون ۾ ٿي پي ٽي آءِ جي سمورن اسيمبلي ميمبرن کي استعيفي جي تصديق لاءِ نوٽيسز جاري ڪيا هئا پر ڪو به ايم اين اي تصديق جي لاءِ قومي اسيمبلي جي اسپيڪر آڏو پيش نه ٿيو شرجيل انعام ميمڻ چيو ته قومي اسيمبلي سيڪريٽريٽ جي اطلاع موجب ڪيترن ئي ايم اين ايز جو صحيحون مسٽر رول سان مطابقت نه پيون رکن. هن چيو ته ڪي پي ڪي ۾ پوليس اسٽيشنن تي حملا ٿي رهيا آهن. صوبي جو وڏو وزير عمران خان جي غير سياسي ايڊوينچرن کي پورو ڪرڻ ۾ مصروف آهي هن چيو ته عمران خان ملڪ جي معيشت جو ٻيڙو ٻوڙي ڇڏيو. هاڻي جيڪي ڪجهه بچيو آهي ان کي به تباهه ڪرڻ جي ڪوشش ۾ رڌل آهي . صوبائي وزير چيو ته عمران خان جو ملڪ ۽ قوم سان ڪابه سروڪار ناهي. هي شخص ملڪ ۾ عدم استحڪام ۽ غيريقيني واري صورتحال پيدا ڪرڻ جي ايجنڊا تي مامور ٿيل آهي.

بقايا *** 02

آئس هٽ ڪري ورتي. جوابدارن آئس کي بائيڪ ليدر جيڪٽس ۾ لڪايو هيو اي اين ايف ڪارروائي دوران هڪ جوابدار کي گرفتار ڪيو لسبيلا ۾ ٻن مختلف ڪارروائين دوران مجموعي طور ٻه سئو ڪلو گرام چرس هٽ ڪري ٽن گاڏين کي قبضو ۾ ورتي پنج جوابدارن کي گرفتار ڪيو ويو آهي. اي اين ايف ترجمان موجب اسلام آباد ٽول پلازه ويجهو عورت ۽ مرد جوابدارن وٽان ٻه ڪلو آئس ۽ ٻه ڪلو چرس هٽ ڪيو ويو آهي جڏهن ته خيبرپختونخوا مان پنجاب منشيات اسمگلنگ جي ڪوشش ناڪام بڻائي ڪار مان 180 ڪلو چرس ۽ 6 ڪلو آفيم هٽ ڪئي وئي آهي. ترجمان ٻڌايو ته جوابدارن خلاف منشيات ٽوڙ ايڪٽ تحت ڪيس داخل ڪيا ويا آهن.

بقايا *** 03

چڪو آهي ته هو نيوٽرل رهندو. هن چيو ته وفاق ڪرش ٿي چڪي آهي، صوبن ۾ فنڊز موجود آهن ان باوجود قربانيون ڏئي رهيا آهيون. جيڪڏهن ملڪ ڊيفالٽ ٿي ويو ته ملڪ تمام گهڻو پوئتي هليو ويندو. 66 سيڪڙو پاڪستان ۾ چونڊون ڪرائي ويا ته سندن دماغ جاءِ تي اچي ويندو. سندس چوڻ هو ته جنهن وقت جنرل فيض حميد کي هٽايو ويو ته خبر پئجي وئي هئي ته حڪومت ڪيرائڻ جو پلان ٺهي چڪو آهي. مون باجوا کي چيو ته جيڪڏهن حڪومت ڪيرائڻ جو پلان ڪامياب ٿي ويو ته ڪير به معيشت نٿو سنڀالي نه سگهندو. مارشل لا ۽ منهنجي حڪومتي دور ۾ معيشت بهتر رهي. باجوا کي سمجهايو ته سورنهن ارب جا ڪرپشن ڪيسز شهباز شريف تي آهن ڪيس ڪهڙي حساب سان آندو ويندو؟ پوءِ خبر پئي ته ڪرپشن باجوا جو مسئلو ئي نه هئي. هن چيو ته ڪورونا وبا نه اچي ۽ چين ٻه سال بند نه رهي ها ته اسان جي اڪانومي بهتر هجي ها. باجوا چوندو هو ته عليم خان کي وڏو وزير بڻايو وڃي. عليم خان جي غيرقانوني قبضن بابت پتو پيو ته مون ڪيس چيو ته ڪيئن هڪ قبضاگير کي وڏو وزير بڻايو وڃي؟ . عمران خان چيو ته جڏهن ملڪ اندر معيشت تباهي ڏانهن وڌي رهي هجي ته ۽ آمدني گهٽ هجي ته قرض ڪيئن واپس ڪري سگهنداسين؟ جنهن ملڪ ۾ قانون جي حڪمراني ناهي هوندي اتي خوشحالي ڪيئن اچي سگهندي؟ نواز شريف ۽ زرداري سياست پاڪستان جي ڪري رهيا آهن ۽ ملڪيتون ٻاهر ناهي رهيا آهن. اهو ڪيئن ممڪن آهي ته سندن ملڪيتون ٻاهر هجن ۽ ماڻهو سندن چوڻ ته پاڪستان ۾ سيڙپڪاري ڪن؟ پي ٽي آءِ چيئرمين چيو ته جنرل (ر) باجوا کي ٻڌايو هو ته ڏهه ٻارنهن وڏن ڪرپٽ ماڻهن کي جيڪڏهن گرفتار ڪيو وڃي ته سڀ ٺيڪ ٿي ويندو. نيب 1999ع ۾ ٺهيو هو ان جي اچڻ ڪانپوءِ ڪرپشن ۾ واڌ آئي يا گهٽتائي ٻڌايو وڃي. هن چيو ته باجوا سان اسان جو سٺا لاڳاپا هئا پوءِ خبر ناهي ڇا ٿيو. جڏهن چڱائي ۽ برائي ۾ فرق نه هجي ته احتساب ڪيئن ٿيندو. فوج هڪ ادارو آهي جيڪو بچيل آهي جيڪڏهن ان اداري کي درست استعمال ڪيو وڃي ته ملڪ کي بحران کان بچائي سگهجي ٿو هر اداري ۽ هر هنڌ مافيا موجود آهي. جڏهن ملڪ چورن جي حوالي ڪيو ويندو ته ڪهڙي ترقي ٿيندي؟ توشا خانا جي گهڙين واري معاملي تي هن چيو ته جيڪڏهن اسان جي دور ۾ ڪرپشن ٿئي ها ته ڇا رڳو گهڙي واري مامري تي واويلا ڪئي وڃي ها؟ توشا خانا ڪائي ميوزيم ناهي. جيڪڏهن مان گهڙي نه وٺان ها ته نيلامي ۾ ڪو ٻيو خريد ڪري وٺي ها. زرداري ٿي ۽ نواز شريف توشا خانا مان هڪ گاڏي ڪيرائي.

بقايا *** 04

جي ڏي وٺ ڪئي. ٻئي پاسي وزيراعظم شهباز شريف اڳوڻي وزيراعظم ۽ مسلم ليگ (ق) جي سربراهه چوڌري شجاعت حسين سان لاهور ۾ ملاقات ڪئي آهي. پڌرائي موجب وزيراعظم چوڌري شجاعت حسين کان سندس طبعيت بابت معلومات ورتي ۽ کيس گلدستو پڻ پيش ڪيو. پڌرائي ۾ ٻڌايو ويو آهي ته وزيراعظم چوڌري شجاعت حسين موجوده سياسي صورتحال تي خيالن جي ڏي وٺ ڪئي. وزيراعظم معيشت جي بحالي ۽ عوام لاءِ رليف جي ڪوشش بابت چوڌري شجاعت کي آگاهه ڪيو جڏهن ته چوڌري شجاعت ملڪ ۽ عوام کي مسئلن مان ڪڍڻ لاءِ وزيراعظم جي ڪوششن کي ساراهيو. ٻنهي اڳواڻن گڏيل سهڪار ۽ ڀائيواري واري عمل کي وڌيڪ بهتر ۽ مضبوط بڻائڻ تي اتفاق ڪيو ٻنهي اتفاق ڪيو ته سياسي استحڪام ۽ ويجهو سهڪار ملڪ کي مسئلن ۾ ڪڍڻ لاءِ ضروري آهي. هوڏانهن پنجاب اسيمبلي ٽوڙڻ واري مامري تي وزيراعظم شهباز شريف لنڊن ۾ موجود پارٽي قائد نواز شريف سان رابطو ڪيو آهي. وزيراعظم شهباز شريف طرفان مشاورت جو سلسلو جاري آهي ۽ پنجاب جي صورتحال تي وزيراعظم شهباز شريف پي ڊي ايم جماعتن سان رابطن جو ٽاسڪ ڏنو آهي. وفاقي وزير پي ڊي ايم قيادت سان رابطا ڪندا. ن ليگ مشاورت جو دائرو وڌيڪ وڌايو آهي جنهن ۾ پنجاب اسيمبلي جي ۾ پهرين بي اعتمادي رٽ آڻڻ يا اعتماد جو ووٽ وٺڻ بابت فيصلو ڪيو ويندو. ٻئي پاسي ذريعن موجب پاڪستان مسلم ليگ نواز پرويز الاهي کي پنجاب جو وڏو وزير بڻائڻ لاءِ ڪيئي شرطون رکي ڇڏيون. ذريعن موجب چوڌري شجاعت ذمو کڻي ته چوڌري پرويز الاهي کي پاڻ سان گڏ شامل ڪري سگهجي پر چوڌري ڀائرن وچ ۾ به ن ليگ سان اتحاد بابت ڪا به ڳالهه ٻول ناهي ٿي چو ته چوڌري ڀائرن جي ٻارن ۾ ويڇن سبب سياسي معاملو رڪيل آهي. ذريعن جو چوڻ آهي ته چوڌري شجاعت به اڃا تائين پرويز الاهي جو ضامن بڻجڻ لاءِ تيار ناهي، ن ليگ جي قيادت به پرويز الاهي کي پاڻ سان شامل ڪرڻ لاءِ ڪليئرنس ناهي ڏني، ن ليگ کي پرويز الاهي کي وٺڻ لاءِ پي ڊي ايم قيادت سان صلاح مشورو ڪرڻو پوندو. ن ليگ ذريعن موجب بي اعتمادي رٽ جمع ڪرائڻ جي تياري ڪري رهي آهي. ن ليگ اسيمبليون ٽوڙائڻ چاهي ٿي ۽ پرويز الاهي به اهم ملاقات ڪانپوءِ اسيمبلي ٽوڙڻ ۾ دير چاهي ٿو هو به چاهي ٿو ته بي اعتمادي رٽ اچي ۽ معاملو ڪجهه ڏينهن وڌيڪ اڳتي وڌي. ذريعن جو چوڻ آهي ته پرويز الاهي جون پي ٽي آءِ سان سيٽ ايڊجسٽمنٽ بابت ڳالهيون جاري آهن. تحريڪ انصاف کٽيل سيٽ پرويزالاهي کي نه ڏيندي، سيٽ ايڊجسٽمنٽ تي پرويز الاهي ن ليگ کان هاريل سيٽ ملندي.

بقايا *** 05

انڪروچمينٽ جي سوين اٿالن اسسٽنٽ ڪمشنر ابراهيم حيدري جي اڳوائي ۾ ٻيهر چڙهائي ڪئي. ان موقعي تي علائقي واسين مزاحمت ڪري سخت احتجاج ڪيو. جنهن تي پوليس ڳوٺائن تي لٺبازي سان گڏ شيلنگ ڪئي. جنهن جي نتيجي ۾ منير احمد. بشير احمد. ايوب پنهور ۽ عثمان زخمي ٿي پيا. ڳوٺائن خدا ڏنو شاهه ۽ اختر يوسف عارفاڻي ۽ ٻين چيو ته اسان جا قديمي ڳوٺ آهن. جنهن کي ڊاهڻ وارو عمل غير قانوني آهي. اهڙي عمل جي اسين ڀرپور لفظن ۾ مذمت ڪيون ٿا. هنن چيو ته عدالتي بهانو بڻائي اسان جي ڳوٺن کي مسمار ڪيو پيو وڃي. اهڙو فيصلو اسان کي ڪنهن به صورت ۾ قبول ناهي.

بقايا *** 06

حيدرآباد ۾ پريس ڪلب آڏو احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو. نريندر مودي جي پتلي کي باهه ڏني وئي. لاڙڪاڻي ۾ ڪينيڊي مارڪيٽ کان پريس ڪلب تائين ريلي ڪڍي وئي. ريلي ۾ شريڪ ماڻهن پاران ڀارتي سرڪار ۽ نريندر مودي خلاف نعريبازي ڪئي وئي خيرپور ۾ جيلاني هائوس کان پريس ڪلب تائين ريلي، پيپلزپارٽي جي اڳواڻن. ڪارڪنن ۽ شهرين پاران شرڪت ڪئي وئي، ڀارتي سرڪار جي انتهاپسندي ۽ ڀارت ۾ بلاول خلاف ٿيل مظاهرن جي مذمت ڪئي وئي ٺٽي ۾ رڪشا اسٽاپ کان پريس ڪلب تائين ريلي ڪڍي وئي، صادق ميمڻ. ايم پي اي رياض شاهه شيرازي ۽ ٻين جي شرڪت. جاتي، سانگهڙ ۽ ٽنڊو جام ۾ به پيپلزپارٽي پاران ريليون ڪڍيون ويون

بقايا *** 07

جي شاگردن سان ڪراچي ۾ جيڪو ٿيو اهو بند ٿيڻ گهرجي. سندس چوڻ هو ته سنڌ جي سمورن ڊي ايس پيز ۽ ايس ايچ اوز پنهنجون ورديون سنڀالي وٺن. پوليس ڏينهن ۽ رات ڪري ڏوهه ختم ڪرڻ ۾ پنهنجو ڪردار ادا ڪري. گورنر ڪامران ٽيسوري وڌيڪ چيو ته جنهن علائقي ۾ هاڻي اهڙا واقعا ٿيا ته لاڳاپيل ٿاڻي جي ايس ايچ اوز ڏانهن وٽ پاڻ هلي ويندس. هن وڌيڪ چيو ته سنڌ جي سمورن ايس ايچ اوز کي 48 ڪلاڪن جو الٽيميٽم ڏيان ٿو هو قبلو درست ڪن.

بقايا *** 08

آهي، محسنن خلاف نه ڳالهائڻ کپي. باجوا جا مٿس تمام گهڻا ٿورا ٿيل هن. احسان فراموشي نه ڪئي وڃي. سندس چوڻ هو ته جيڪڏهن هاڻي جنرل باجوا جي خلاف ڳالهايو ويو ته سڀ کان پهرين مان مخالفت ڪندس ۽ منهنجي سڄي پارٽي آواز اٿاريندي. اسان عمران خان ۽ پي ٽي آءِ جا مخالف نه ساٿي آهيون پر پنهنجن محسنن جا احسان وسارڻ نه گهرجن. پرويز الاهي جو چوڻ هو ته رٽائرڊ جنرل فيض حميد اسان سان گهڻيون زيادتيون ڪيون ۽ جيل موڪلڻ جي ڪوشش به ڪئي. هو اسان جي خلاف هو. عمران خان نه مونس الاهي کي پير ۾ به نه ويهاريندو هو ان باوجود اسان سندس ساٿ ڏنو. جڏهن عمران خان چيو ته اسيمبلي ٽوڙيو ته اسان فوري طور حامي ڀري.

بقايا *** 09

اصلاحات ڪري عام چونڊن طرف پيشقدمي ڪرڻ گهرجي. جماعت اسلامي 21 کان 05 ڊسمبر تائين دعوت الي الله مُهِم هلائيندي. امير جماعت اسلامي سراج الحق 31 ڊسمبر کان سنڌ جي ٻن ڏينهن جي دوري تي بدين. ٺٽو ۽ حيدرآباد ۾ عوامي رابطہ مهم جي سلسلي ۾ رٿيل جلسء عام کي خطاب ڪندو. جماعت اسلامي جا اڳواڻ سنڌ ۾ مڪاني چونڊن جي ٻئي مرحلي ۽ عام چونڊن لاءِ ڀرپور تياري ڪن. جماعت اسلامي ظلم ۽ ناانصافي خلاف توڙي اسلام جي عدل ۽ انصاف واري نظام جي نفاذ لاءِ جاکوڙ جاري رکندي. اهڙن خيالن جو اظهار هن قباءَ آڊيٽوريم ۾ ضلعي اميرن جي اجلاس کي خطاب ڪندي ڪيو جنهن ۾ ڪراچي کان ڪشمور تائين سنڌ جي سمورن ضلعن جي اميرن ۽ جنرل سيڪريٽريز شرڪت ڪئي. اجلاس ۾ ٽه ماهي ڪارڪردگي، سيلاب زدگان جي امداد توڙي بحالي وارين سرگرمين سميت دعوتي توڙي تنظيمي مامرن جو جائزو ورتو ويو جڏهن ته سنڌ ۾ امن امان. مهانگائي سميت مختلف مسئلن جي حوالي سان قراردادون پڻ منظور ڪيون ويون. صوبائي امير پاڪ افغان سرحد چڪتاڻ تي سخت ڳڻتي جو اظهار ڪندي ان کي ٻنهي ملڪن پاران هڪٻئي مٿان بداعتمادي قرار ڏيندي مطالبو ڪيو ته افغانستان حڪومت سان سيٽي ماسرا مفاهمت سان حل ڪيا وڃن. هن چيو ته ڪيترائي مهينا گذرڻ باوجود سيلاب متاثرين جي دادرسي ناهي ٿي سگهي ۽ هوءِ حڪومتي امداد جي آسري تي ويٺل آهن. بحالي جو ڪم شروع ٿي سگهيو آهي نه ئي وري زمينن مان برساتي پاڻي جو نيڪال. پوري دنيا مان سيلاب متاثرين لاءِ ايندڙ امداد خبر ناهي ڪٿي وئي ۽ ڪيئن خرچ ٿي؟ محمد حسين محنتي زور ڏنو ته حڪومت سيلاب متاثرين جي بحالي لاءِ فوري ڪرپشن فري قدم کڻي سندن مسئلن کي ميرٽ جي بنياد تي حل ڪري ته جيئن هوءِ سک جو ساهه کڻي سگهن.

بقايا *** 10

ڪئي. وقت کان اڳ 86 هزار ميمبرن ريزيڊنشيل/ڪمرشل پلاٽ/هومز/ ولاز/ اپارٽمينٽ جو قبضو ورتو. پڌرائي ۾ چيو ويو ته بحريا ٽائون ڪراچي جي ڪاميابي بعد بحريا ٽائون جلد بحريا ٽائون ڪراچي ٽو جي نالي سان نئون پراجيڪٽ شروع ڪري رهي آهي. 125/250/500/1000 گز جي ريزيڊنشيل پلاٽ. 125/250 گز جي ڪمرشل پلاٽ کان علاوه 125 گز جي 3 بيڊرومز جا ولاز ڇهن سالن جي آسان قسطن تي دستياب هوندا. بحريا ٽائون ڪراچي فيز ٽو جو ترقياتي ڪم ڏينهن رات زور شور سان جاري آهي. چاليهه سيڪڙو ترقياتي ڪم مڪمل ٿي چڪو آهي، جنهن ۾ مين گيٽ هائوس، اسپتال. مسجد. پارڪس.اسڪول ۽ ڪاليج شامل آهن سوشل ميڊيا تي فيز ٽو ٽا خلاف باهه ٻريل آهي. فهمي نالي صارف لکيو ته بحريا ٽائون چوري ڪيل زمين تي اڏيو ويو. هزارين ماڻهو دربدر ڪيا ويا. ملڪ رياض کي سنڌ جا 460 ارب رپيا ادا ڪرڻا آهن حق ابڙو لکيو ته ملڪ رياض جي بک ختم نه ٿي. پيپلزپارٽي جي آشيرواد سان ڪراچي جي قديم سنڌي ڳوٺن جي مسمار جاري آهي. هوڏانهن بحريا ٽائون جي لاءِ وڌيڪ زمين ڳڙڪائڻ لاءِ ڪيرٿر نيشنل پارڪ جي تباهي به زور شور سان جاري آ پر افسوس سنڌي قوم پنهنجي ڌرتي جي تباهي تي چپ ڪيون ويٺي آ .

بقايا *** 11

موجب شهر ۾ اتر اوڀر اولهه ۽ ڏکڻ اولهه سان هوائون هلنديون رهنديون.

بقايا *** 12

لڪي مروت پوليس جو چوڻ آهي ته دهشتگردن بارگي پوليس ٿاڻي تي 2 طرفن کان حملو ڪيو. جنهن بعد پوليس ۽ دهشتگردن وچ ۾ فائرنگ جي ڏي وٺ ٿي.لڪي مروت پوليس جو چوڻ آهي ته فائرنگ ڪانپوءِ دهشتگرد فرار ٿي ويا. جن جي گرفتاري لاءِ علائقي ۾ سرچ آپريشن ڪيو پيو وڃي.لڪي مروت ۾ پوليس اسٽيشن تي حملي ۾ ڪانسٽيبل ابراهيم. عمران. خير الرحمان ۽ سبزعلي شهيد ٿي ويا.زخمين ۾ اي ايس آءِ گل خان. ڪانسٽيبل بلقيان. امير نواز ۽ فرمان الله شامل آهن.شهيد اهلڪارن جا لاش ۽ زخمين کي مقامي اسپتال منتقل ڪيو ويو آهي. جتي زخمين کي طبي امداد ڏني پئي وڃي.

بقايا *** 13

تي لاهور ۾ پريس ڪانفرنس دوران هن ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته روز ويلٽ هوٽل کي وڪرو ڪرڻ جو پروپيگنڊا ڪيو پيو وڃي. هن اعلان ڪيو ته حڪومت جو هوٽل وڪرو ڪرڻ جو ڪو به ارادو ناهي. وفاقي وزير ويلٽ هوٽل ۾ پاڪستاني جهنڊو هڻائڻ جي اطلاع کي به رد ڪندي واضح ڪيو ته قومي جهنڊو رڳو ان وقت ٿي بلند ٿيندو جڏهن ڪنهن رياست جا اڳواڻ هوٽل ويندا ٻي صورت رڳو آمريڪا ۽ هوٽل جو جهنڊو ئي اڏندو هن چيو ته پاڪستان تحريڪ انصاف جي حڪومت جي دور ۾ ڪجهه ڪارڻ هئا جنهن تي هوٽل بند ڪيو ويو هو سعد رفيق چيو ته پي آءِ اي جي موجوده انتظاميا هوٽل جي ڪمرن جي مرمت ۽ هوٽل کي بحال ڪرڻ جي اجازت گهري ته 25 لک ڊالر جو مالي بار گهٽ ڪري سگهجي. هوابازي کاتي جي وزير چيو ته حڪومت پي آءِ اي کي تباهي کان بچائڻ جي ڪوشش ڪري رهي آهي ۽ اڳوڻي وزير جي غيراعلانيا بيان ڪانپوءِ پي آءِ اي تي لڳل پابندين کان نجات لاءِ يورپي ۽ آمريڪي ادارن سان ڳالهه ٻولهه ڪري رهي آهي.

بقايا *** 14

پنجاب ۽ خيبر پختونخواهه جون اسيمبليون ٽوڙيون ڏينديون. فواد چوڌري جو چوڻ هو ته ساٿ ڏيڻ تي پنجاب جي وڏي وزير چوڌري پرويزالاهي جا ٿورائتا آهيون. مسلم ليگ نون اليڪشن ڪميشن کي هٿيار طور استعمال نه ڪري پي ٽي آءِ اڳواڻ چيو ته پاڪستان ۾ عوام کي يرغمال بڻائڻ جي سازش ٿي رهي آهي. طاقتور ماڻهو بند ڪمرن ۾ ويهي فيصلا نه ٿا ڪري سگهن

بقايا *** 15

۾ مظاهرين ڀارتي وزيراعظم نريندر مودي جي پتلي کي باهه ڏئي ڇڏي. پاڪستان پيپلز پارٽيءَ پاران بلاول ڀٽو زرداري جي مودي بابت ڏنل بيان تي اڄ سڄي ملڪ ۾ پرڏيهي وزير ۽ ڪشميرين سان اظهار يڪجهتي لاءِ ريليون ۽ ڀارتي وزيراعظم خلاف مظاهرا ڪيا ويا. ڪراچي پريس ڪلب ٻاهران احتجاج ڪندڙ ڪشمير ۽ پاڪستان ۾ ٿيندڙ دهشتگردي جو ڪيس بهترين انداز ۾ وڙهڻ تي بلاول ڀٽو کي ڀيٽا پيش ڪئي ۽ سندس حق ۾ نعريبازي ڪئي. ان موقعي تي احتجاج ڪندڙن جو چوڻ هو ته بلاول ڀٽو پنهنجي ناني ذوالفقار علي ڀٽو جي نقش قدم تي هلندي سڄي دنيا ۾ پاڪستان جو ڪيس وڙهي رهيو آهي.

بقايا *** 16

صوررتحال تي ڳالهه ٻول ڪئي وئي . ذريعن جو چوڻ آهي ته ٻنهي اڳواڻن عمران خان جي اسيمبليون ٽوڙڻ واري اعلان ڪانپوءِ سياسي صورتحال ۾ خيالن جي ڏي وٺ ڪئي. ذريعن موجب اڳوڻو صدر آصف علي زرداري جي اڄ چوڌري شجاعت سان به ملاقات جو امڪان آهي.

بقايا *** 17

انتظاميا ۽ خوراڪ کاتي جا عملدار گم هئا. ماڻهن کي فلور مل وارن جي رحم ڪرم تي ڇڏيو ويو اسٽال تي عورتن ۽ مردن جي پيهه وڌڻ سبب اسٽال بدنظمي جو شڪار ٿي ويو اٽو وٺڻ لاءِ عورتون ٽرڪ تي لٽڪنديون رهيون. ۾ ڪيترين ئي عورتن ۽ مرد اٽو نه ملڻ ڪري مايوس ٿي گهر واپس ويا. اٽو نه ملڻ تي عورتن احتجاج ڪندي چيو ته فلور مل طرفان سستي اٽي جا سئو کان ڏيڍ سئو ٿيلها آندا ويا. جيڪي من پسند ماڻهن کي ڏنا ويا. جيڪو ظلم آهي.

بقايا *** 18

۾ پيپلز پارٽي جي اجلاس کي خطاب ڪندي سعيد غني چيو ته عمران خان! عوام کي خبر آهي ته توهان ڪنهن جي ايجنڊا تي ڪم ڪري رهيا آهيو جڏهن توهان ڪم ڪندا آهيو ته ڀارت خوش هوندو آهي. جڏهن بلاول ڳالهائيندو آهي ته ڀارت جي حڪومت کي باهه لڳندي آهي. پي ٽي آءِ چيئرمين سعيد غني خطاب ڪندي چيو ته عمران خان تاريخ تي تاريخ آهي. تاريخ تي تاريخ نه ڏيو. استعيفيٰ ڏيو ۽ جان ڇڏيو ريلي کي خطاب ڪندي اڳوڻي ايڊمنسٽريٽر ڪراچي مرتضيٰ وهاب چيو ته تبديلي جي نالي تي ڪراچي جي عوام کان ووٽ کسڻ وارن اوهان لاءِ ڪجهه ناهي ڪيو ڊاڪٽر عاصم حسين چيو ته جلسي ۾ مائرن ۽ ڀينرن جي وڏي انگ ۾ شرڪت ثابت ڪري ڇڏيو آهي ته ضلعي جو تعلق مرڪزي جيالا سان آهي.

بقايا *** 19

اصغر وساڻ صحافي نويد تمرائي کي موتمار ڌمڪيون ڏنيون آهن. عيدگاهه جي رستي تي قبضو ڪري دڪان تعمير ڪرڻ جي ڪوريج ڪرڻ تان قبضا مافيا صحافي رجب ملاح کي گهر تي اچي ڌمڪيون ڏنيون. هنن چيو ته صحافين کي هيسائڻ ۽ ڌمڪائڻ جي ڪوشش آزاد صحافت کي دٻائڻ جي ڪوشش آهي. ڌمڪين جو چونڊيل نمائندن توڙي انتظاميا ڪو نوٽيس ناهي ورتو هنن ڊي سي خيرپور ۽ لوڪل گورنمينٽ جي اختيارين کان گهر ڪئي ته نااهل ٽائون ايڊمنسٽريٽر اصغر وساڻ کي هٽائي قبضا مافيا خلاف ڪارروائي ڪري صحافين کي تحفظ ڏنو وڃي. احتجاج ۾ صحافين ذاڪر تمرائي، خدابخش تمرائي، همت تمرائي، بخش علي شناٽي، ساجد راڄپر، انور شيخ، وحيد ڪوکر، لالو گوپانگ، فريد سومرو ۽ ٻين شرڪت ڪئي.

بقايا *** 20

۾ نينگر ڪاشف ڪولاچي گوليون لڳڻ سبب مارجي ويو نينگر جو لاش اسپتال منتقل ڪيو ويو. پوليس عبدالرحمان ڪولاچي ۽ نصيب احمد کي حراست ۾ وٺي ڇڏيو وارثن موجب مخالفن حامد ڪولاچي، صدام ڪولاچي ۽ نصيب فائرنگ ڪري نينگر کي قتل ڪيو آهي. انصاف ڪيو وڃي

بقايا *** 21

جواب نه ملڻ بعد ذاتي حيثيت ۾ پيش ٿيڻ جو فيصلو ڪيو آهي. ذريعن جو چوڻ آهي ته پي ٽي آءِ جي ايم اين ايز طرفان اربع يا خميس ڏهاڙي اسپيڪر راجا پرويز اشرف آڏو پيش ٿيڻ تي غور ڪيو پيو وڃي. ذريعن موجب عمران خان اڄ پارٽي مشاورت ۾ پي ٽي آءِ جي قومي اسيمبلي ميمبرن کي اسپيڪر سامهون پيش ٿيڻ جي حوالي سان حتمي تاريخ جي منظوري ڏيندو. واضح رهي ته گذريل ڏينهن پاڪستان تحريڪ انصاف جي سربراهه عمران خان به پنهنجي خطاب ۾ چيو هو ته استعيفائن جي تصديق لاءِ اسان قومي اسيمبلي ۾ اسپيڪر آڏو بيهي استعيفائون منظور ڪرڻ جو چونداسين.

بقايا *** 22

کان وڌيڪ طاقتور آهي. سنڌين جا قديمي ڳوٺ پڪا نه ٿا ڪيا وڃن. ڪراچي ۾ ڌرتي ڌڻي پنهنجي وطن ۾ به بي وطن آهن جاري ڪيل بيان ۾ اياز لطيف چيو ته هڪ طرف سنڌ حڪومت غير قانوني پرڏيهين کي سنڌ ۾ آباد پئي ڪري. ٻئي طرف ڌرتي ڌڻين کي پنهنجي ئي وطن. پنهنجي ئي تخت گاهه ڪراچي ۾ بي گهر پئي ڪري. اياز لطيف پليجي چيو ته ڪراچي ۾ لکين افغاني، بنگالي، بهاري ۽ ٻيا پرڏيهي رهن ٿا. انهن کي واپس پنهنجن ملڪن ڏانهن موڪليو وڃي. سنڌ ۾ تمام وڏي غربت ۽ بيروزگاري ۾ اضافو ٿيو آهي. ڪراچي ۾ روزگار، صحت ۽ تعليم جا ٻين ضلعن جي ڀيٽ ۾ وڌيڪ موقعا آهن ان ڪري سنڌ حڪومت ڪراچي ۾ ٺٽو. لاڙڪاڻو. ڪنڌڪوٽ ڪشمور. بدين. سجاول. سانگهڙ. ٿرپارڪر سميت سمورن ضلعن جي نالن سان رهائشي اسڪيمون شروع ڪري. انهن اسڪيمن ۾ انهن ضلعن جي ماڻهن کي سستا قسطن تي پلاٽ ڏنا وڃن ته جيئن بيروزگار ماڻهو پنهنجي ڳادي واري شهر منتقل ٿي اتي روزگار ۽ ٻيون سهولتون حاصل ڪري سگهن.

بقايا *** 23

تي لکيو آهي ته استعيفيٰ منظور ڪرڻ راجا پرويز اشرف جو عمل واضح آهي.هن لکيو ته جن 11 ميمبرن جون استعيفائون اسپيڪر منظور ڪيون اهي ڪڏهن به استعيفيٰ جي تصديق لاءِ اسپيڪر وٽ نه ويا.شيرين مزاري وڌيڪ لکيو ته 11 اپريل کان استعيفيٰ ڏيندڙ پي ٽي آءِ ميمبرن کي ڪا به پگهار نه ڏني وئي آهي.

بقايا *** 24

ڏانهن وڃي رهيو آهي. اسد عمر ڪوئيٽا ۾ ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته عمران خان پاران اسيمبليون ٽوڙڻ واري اعلان ڪانپوءِ پي ڊي ايم جي صفن ۾ وڏي پريشاني پکڙيل آهي. هن چيو ته پرڏيهي سازش ذريعي امپورٽڊ حڪومت مڙهي وئي. بلوچستان ۾ اليڪشن جي تيارين جو جائزو وٺڻ آيو آهيان. بلوچستان اسيمبلي ٽوڙڻ بابت ڪا به ڳالهه ٻولهه نه ٿي آهي. اسد عمرچيو ته ڇهه سئو ارب رپين کان وڌيڪ بلوچستان لاءِ اسان جي حڪومت پيڪيج ڏنو. ژوب هاءِ وي عمران خان جي رٿا هئي. ٻڌو آهي ته نواز شريف ان منصوبي جو افتتاح ڪرڻ لاءِ پهتو آهي. سندس وڌيڪ چوڻ هو ته بلوچستان کي حق ڏنا وڃن ڪير به ان جي ترقي نٿو روڪي سگهي، عمران خان جي حڪومت آئي ته بلوچستان کي حق ملندا.

بقايا *** 25

انا کي پورو ڪرڻ جو رستو روڪيو ويندو. هن چيو ته عمران خان پاڪستان کي سياسي ۽ معاشي عدم استحڪام جو شڪار بڻائڻ جي مشن تي آهي. مسلم ليگ (ن) جي اڳواڻ چيو ته ادارن ۽ سربراهن تي الزام سندن نااهلي لڪائڻ جي ناڪام ڪوشش آهي. حمزه شهباز وڌيڪ چيو ته مسلم ليگ (ن) عوام جي طاقت تي ڀروسو ڪندڙ پارٽي آهي. عمران خان جي هر حرڪت جو سياسي، آئيني ۽ قانوني طور جواب ڏنو ويندو.

بقايا *** 26

اسان سان گڏ هجي ها ته اڄ به وڏو وزير هجي ها. سيالڪوٽ ۾ ورڪرز ڪنونشن کي خطاب ڪندي خواجه آصف چيو ته ستر سالن ۾ جيترو قرض عمران خان ورتو ڪنهن نه ورتو. چوندو هو ته قرض نه وٺندس. پاڻ ته نه مٿو پر عوام کي ماري ڇڏيائين. هن چيو ته اسان جي ورثي ۾ جيڪا حڪومت ملي ان جون حالتون ٺيڪ نه هيون. پر حالتون بهتر ڪرڻ جي ڪوشش ڪنداسي. هن پي ٽي آءِ چيئرمين کي تنقيد جو نشانو بڻائيندي چيو ته عمران خان چوي ٿو ته اليڪشن ڪرايو پر اليڪشن بليڪ ميلنگ سان نه ٿيندي آهي. عمران خان ادارن کي تڪراري بڻائڻ جي ڪوشش ڪئي. سندس وڌيڪ چوڻ هو ته نوازشريف تي پٽ کان پگهار نه وٺڻ جو ڪيس ٺاهيو ويو شهباز شريف جي بي گناهيءَ جي ثابتي برطانوي عدالت ڏئي ڇڏي آهي.

بقايا *** 27

اسسٽنٽ کان مدد وٺي ڳالهائي به ميسيج موڪلي سگهجي ٿو ڊرائيونگ، ورزش يا ڪو به ڪم ڪندي گوگل اسسٽنٽ تان وائس ايپ ميسيج موڪلي سگهجي ٿو ان لاءِ پهرين گوگل اسسٽنٽ کي ڊائونلوڊ ڪرڻ گهربل آهي. جيڪڏ اينڊرائڊ فونز ۾ پهريون کان انسٽال هوندو آهي. ان ڪانپوءِ پنهنجي آواز کي گوگل ۾ رجسٽر ڪرڻو پوندو جيئن هو ڪنهن ٻي جي آواز تي ميسيج نه موڪلي سگهي. ان سان گڏوگڏ سيٽنگز ۾ وڃي گوگل اسسٽنٽ کي ان ايبل ڪيو جيئن فون ان لاڪ ڪرڻ کانسواءِ به ان فيچر کي استعمال ڪري سگهبو.

بقايا *** 28

آيون آهن.

بقايا *** 29

جي ڏي وٺ ڪئي. ٻئي پاسي وزيراعظم شهباز شريف اڳوڻي وزيراعظم ۽ مسلم ليگ (ق) جي سربراهه چوڌري شجاعت حسين سان لاهور ۾ ملاقات ڪئي آهي. پڌرائي موجب وزيراعظم چوڌري شجاعت حسين کان سندس طبعيت بابت معلومات ورتي ۽ کيس گلدستو پڻ پيش ڪيو. پڌرائي ۾ ٻڌايو ويو آهي ته وزيراعظم چوڌري شجاعت حسين موجوده سياسي صورتحال تي خيالن جي ڏي وٺ ڪئي. وزيراعظم معيشت جي بحالي ۽ عوام لاءِ رليف جي ڪوشش بابت چوڌري شجاعت کي آگاهه ڪيو جڏهن ته چوڌري شجاعت ملڪ ۽ عوام کي مسئلن مان ڪڍڻ لاءِ وزيراعظم جي ڪوششن کي ساراهيو. ٻنهي اڳواڻن گڏيل سهڪار ۽ ڀائيواري واري عمل کي وڌيڪ بهتر ۽ مضبوط بڻائڻ تي اتفاق ڪيو ٻنهي اتفاق ڪيو ته سياسي استحڪام ۽ ويجهو سهڪار ملڪ کي مسئلن ۾ ڪڍڻ لاءِ ضروري آهي. هوڏانهن پنجاب اسيمبلي ٽوڙڻ واري مامري تي وزيراعظم شهباز شريف لنڊن ۾ موجود پارٽي قائد نواز شريف سان رابطو ڪيو آهي. وزيراعظم شهباز شريف طرفان مشاورت جو سلسلو جاري آهي ۽ پنجاب جي صورتحال تي وزيراعظم شهباز شريف پي ڊي ايم جماعتن سان رابطن جو ٽاسڪ ڏنو آهي. وفاقي وزير پي ڊي ايم قيادت سان رابطا ڪندا. ن ليگ مشاورت جو دائرو وڌيڪ وڌايو آهي جنهن ۾ پنجاب اسيمبلي جي ۾ پهرين بي اعتمادي رٽ آڻڻ يا اعتماد جو ووٽ وٺڻ بابت فيصلو ڪيو ويندو. ٻئي پاسي ذريعن موجب پاڪستان مسلم ليگ نواز پرويز الاهي کي پنجاب جو وڏو وزير بڻائڻ لاءِ ڪيئي شرطون رکي ڇڏيون. ذريعن موجب چوڌري شجاعت ذمو کڻي ته چوڌري پرويز الاهي کي پاڻ سان گڏ شامل ڪري سگهجي پر چوڌري ڀائرن وچ ۾ به ن ليگ سان اتحاد بابت ڪا به ڳالهه ٻول ناهي ٿي چو ته چوڌري ڀائرن جي ٻارن ۾ ويڇن سبب سياسي معاملو رڪيل آهي. ذريعن جو چوڻ آهي ته چوڌري شجاعت به اڃا تائين پرويز الاهي جو ضامن بڻجڻ لاءِ تيار ناهي، ن ليگ جي قيادت به پرويز الاهي کي پاڻ سان شامل ڪرڻ لاءِ ڪليئرنس ناهي ڏني، ن ليگ کي پرويز الاهي کي وٺڻ لاءِ پي ڊي ايم قيادت سان صلاح مشورو ڪرڻو پوندو. ن ليگ ذريعن موجب بي اعتمادي رٽ جمع ڪرائڻ جي تياري ڪري رهي آهي. ن ليگ اسيمبليون ٽوڙائڻ چاهي ٿي ۽ پرويز الاهي به اهم ملاقات ڪانپوءِ اسيمبلي ٽوڙڻ ۾ دير چاهي ٿو هو به چاهي ٿو ته بي اعتمادي رٽ اچي ۽ معاملو ڪجهه ڏينهن وڌيڪ اڳتي وڌي. ذريعن جو چوڻ آهي ته پرويز الاهي جون پي ٽي آءِ سان سيٽ ايڊجسٽمنٽ بابت ڳالهيون جاري آهن. تحريڪ انصاف کٽيل سيٽ پرويزالاهي کي نه ڏيندي، سيٽ ايڊجسٽمنٽ تي پرويز الاهي ن ليگ کان هاريل سيٽ ملندي.

بقايا *** 30

حيدرآباد ۾ پريس ڪلب آڏو احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو. نريندر مودي جي پتلي کي باهه ڏني وئي. لاڙڪاڻي ۾ ڪينيڊي مارڪيٽ کان پريس ڪلب تائين ريلي ڪڍي وئي. ريلي ۾ شريڪ ماڻهن پاران ڀارتي سرڪار ۽ نريندر مودي خلاف نعريبازي ڪئي وئي خيرپور ۾ جيلاني هائوس کان پريس ڪلب تائين ريلي، پيپلزپارٽي جي اڳواڻن. ڪارڪنن ۽ شهرين پاران شرڪت ڪئي وئي، ڀارتي سرڪار جي انتهاپسندي ۽ ڀارت ۾ بلاول خلاف ٿيل مظاهرن جي مذمت ڪئي وئي ٺٽي ۾ رڪشا اسٽاپ کان پريس ڪلب تائين ريلي ڪڍي وئي، صادق ميمڻ. ايم پي اي رياض شاهه شيرازي ۽ ٻين جي شرڪت. جاتي، سانگهڙ ۽ ٽنڊو جام ۾ به پيپلزپارٽي پاران ريليون ڪڍيون ويون

بقايا *** 31

۽ خيبرپختونخوا جون اسيمبليون ٽوڙي ڇڏي. هي ڪهڙي ڳالهه جو انتظار ڪري رهيا آهن . صوبائي وزير چيو ته قومي اسيمبلي جي اسپيڪر جون ۾ ٿي پي ٽي آءِ جي سمورن اسيمبلي ميمبرن کي استعيفي جي تصديق لاءِ نوٽيسز جاري ڪيا هئا پر ڪو به ايم اين اي تصديق جي لاءِ قومي اسيمبلي جي اسپيڪر آڏو پيش نه ٿيو شرجيل انعام ميمڻ چيو ته قومي اسيمبلي سيڪريٽريٽ جي اطلاع موجب ڪيترن ئي ايم اين ايز جو صحيحون مسٽر رول سان مطابقت نه پيون رکن. هن چيو ته ڪي پي ڪي ۾ پوليس اسٽيشنن تي حملا ٿي رهيا آهن. صوبي جو وڏو وزير عمران خان جي غير سياسي ايڊوينچرن کي پورو ڪرڻ ۾ مصروف آهي هن چيو ته عمران خان ملڪ جي معيشت جو ٻيڙو ٻوڙي ڇڏيو. هاڻي جيڪي ڪجهه بچيو آهي ان کي به تباهه ڪرڻ جي ڪوشش ۾ رڌل آهي . صوبائي وزير چيو ته عمران خان جو ملڪ ۽ قوم سان ڪابه سروڪار ناهي. هي شخص ملڪ ۾ عدم استحڪام ۽ غيريقيني واري صورتحال پيدا ڪرڻ جي ايجنڊا تي مامور ٿيل آهي.

بقايا *** 32

۾ پيپلز پارٽي جي اجلاس کي خطاب ڪندي سعيد غني چيو ته عمران خان! عوام کي خبر آهي ته توهان ڪنهن جي ايجنڊا تي ڪم ڪري رهيا آهيو جڏهن توهان ڪم ڪندا آهيو ته ڀارت خوش هوندو آهي. جڏهن بلاول ڳالهائيندو آهي ته ڀارت جي حڪومت کي باهه لڳندي آهي. پي ٽي آءِ چيئرمين سعيد غني خطاب ڪندي چيو ته عمران خان تاريخ تي تاريخ آهي. تاريخ تي تاريخ نه ڏيو. استعيفيٰ ڏيو ۽ جان ڇڏيو ريلي کي خطاب ڪندي اڳوڻي ايڊمنسٽريٽر ڪراچي مرتضيٰ وهاب چيو ته تبديلي جي نالي تي ڪراچي جي عوام کان ووٽ کسڻ وارن اوهان لاءِ ڪجهه ناهي ڪيو ڊاڪٽر عاصم حسين چيو ته جلسي ۾ مائرن ۽ ڀينرن جي وڏي انگ ۾ شرڪت ثابت ڪري ڇڏيو آهي ته ضلعي جو تعلق مرڪزي جيالا سان آهي.

بقايا *** 33

اصلاحات ڪري عام چونڊن طرف پيشقدمي ڪرڻ گهرجي. جماعت اسلامي 21 کان 05 ڊسمبر تائين دعوت الي الله مُهِم هلائيندي. امير جماعت اسلامي سراج الحق 31 ڊسمبر کان سنڌ جي ٻن ڏينهن جي دوري تي بدين. ٺٽو ۽ حيدرآباد ۾ عوامي رابطہ مهم جي سلسلي ۾ رٿيل جلسء عام کي خطاب ڪندو. جماعت اسلامي جا اڳواڻ سنڌ ۾ مڪاني چونڊن جي ٻئي مرحلي ۽ عام چونڊن لاءِ ڀرپور تياري ڪن. جماعت اسلامي ظلم ۽ ناانصافي خلاف توڙي اسلام جي عدل ۽ انصاف واري نظام جي نفاذ لاءِ جاکوڙ جاري رکندي. اهڙن خيالن جو اظهار هن قباءَ آڊيٽوريم ۾ ضلعي اميرن جي اجلاس کي خطاب ڪندي ڪيو جنهن ۾ ڪراچي کان ڪشمور تائين سنڌ جي سمورن ضلعن جي اميرن ۽ جنرل سيڪريٽريز شرڪت ڪئي. اجلاس ۾ ٽه ماهي ڪارڪردگي، سيلاب زدگان جي امداد توڙي بحالي وارين سرگرمين سميت دعوتي توڙي تنظيمي مامرن جو جائزو ورتو ويو جڏهن ته سنڌ ۾ امن امان. مهانگائي سميت مختلف مسئلن جي حوالي سان قراردادون پڻ منظور ڪيون ويون. صوبائي امير پاڪ افغان سرحد چڪتاڻ تي سخت ڳڻتي جو اظهار ڪندي ان کي ٻنهي ملڪن پاران هڪٻئي مٿان بداعتمادي قرار ڏيندي مطالبو ڪيو ته افغانستان حڪومت سان سيٽي ماسرا مفاهمت سان حل ڪيا وڃن. هن چيو ته ڪيترائي مهينا گذرڻ باوجود سيلاب متاثرين جي دادرسي ناهي ٿي سگهي ۽ هوءِ حڪومتي امداد جي آسري تي ويٺل آهن. بحالي جو ڪم شروع ٿي سگهيو آهي نه ئي وري زمينن مان برساتي پاڻي جو نيڪال. پوري دنيا مان سيلاب متاثرين لاءِ ايندڙ امداد خبر ناهي ڪٿي وئي ۽ ڪيئن خرچ ٿي؟ محمد حسين محنتي زور ڏنو ته حڪومت سيلاب متاثرين جي بحالي لاءِ فوري ڪرپشن فري قدم کڻي سندن مسئلن کي ميرٽ جي بنياد تي حل ڪري ته جيئن هوءِ سک جو ساهه کڻي سگهن.

بقايا *** 34

حيدرآباد ۾ پريس ڪلب آڏو احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو. نريندر مودي جي پتلي کي باهه ڏني وئي. لاڙڪاڻي ۾ ڪينيڊي مارڪيٽ کان پريس ڪلب تائين ريلي ڪڍي وئي. ريلي ۾ شريڪ ماڻهن پاران ڀارتي سرڪار ۽ نريندر مودي خلاف نعريبازي ڪئي وئي خيرپور ۾ جيلاني هائوس کان پريس ڪلب تائين ريلي، پيپلزپارٽي جي اڳواڻن. ڪارڪنن ۽ شهرين پاران شرڪت ڪئي وئي، ڀارتي سرڪار جي انتهاپسندي ۽ ڀارت ۾ بلاول خلاف ٿيل مظاهرن جي مذمت ڪئي وئي ٺٽي ۾ رڪشا اسٽاپ کان پريس ڪلب تائين ريلي ڪڍي وئي، صادق ميمڻ. ايم پي اي رياض شاهه شيرازي ۽ ٻين جي شرڪت. جاتي، سانگهڙ ۽ ٽنڊو جام ۾ به پيپلزپارٽي پاران ريليون ڪڍيون ويون

بقايا *** 35

تي لکيو آهي ته استعيفيٰ منظور ڪرڻ راجا پرويز اشرف جو عمل واضح آهي.هن لکيو ته جن 11 ميمبرن جون استعيفائون اسپيڪر منظور ڪيون اهي ڪڏهن به استعيفيٰ جي تصديق لاءِ اسپيڪر وٽ نه ويا.شيرين مزاري وڌيڪ لکيو ته 11 اپريل کان استعيفيٰ ڏيندڙ پي ٽي آءِ ميمبرن کي ڪا به پگهار نه ڏني وئي آهي.

جماعت اصلاح المسلمين ضلع نوشهروفيروز زون 2 جون چونڊون، عهديدارن جي شرڪت

نوشهروفيروز زون 2 جو 2023 لاءِ صدر ربنواز چنه بڻجي ويو، جنرل سيڪريٽري عمران علي چنه مقرر

سينئر نائب صدر خليفه محمد اشرف جتوئي معاون جنرل سيڪريٽري مظهر قائم خاني چونڊيا ويا آهن

صدرالدين وسطڙو معاون خاص خليفه اياز حسين سومرو خليفه قربان ميتلو محمد امين چانڊيو مقرر ڪيا ويا

نوشهرو فيروز (رپورٽ: منظور ملڪ) جماعت اصلاح المسلمين ضلع نوشهروفيروز زون 2 جو سال 2023 لاءِ صدر ربنواز چنه بڻجي ويو جڏهن ته جنرل سيڪريٽري عمران علي چنه مقرر تفصيل موجب جماعت اصلاح المسلمين ضلع نوشهرو فيروز زون 2 جي ساليانى چونڊ صوبائي عهديدارن صوبائي سينئر نائب صدر خليفه محمد اشرف جتوئي معاون جنرل سيڪريٽري مظهر قائم خاني پريس سيڪريٽري ڊاڪٽر سعيد اعوان صوبائي آڊيٽر طفيل احمد آبڙو جي نگراني ۾ غفاريه مسجد ۾ ٿي گذري جنهن ۾ جماعت اصلاح المسلمين ضلع نوشهرو فيروز زون 2 جي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 02

نوشهروفيروز ويجهو ڳوٺ حافظ يعقوب ٿيٻو ۾ ثقافتي ڏهاڙي جي مناسبت سان مچ ڪچهري

مچ ڪچهري ۾ نالي وارن سگهڙن - فنڪارن - سياسي سماجي اڳواڻن - صحافين پاران شرڪت

مچ ڪچهري ۾ نالي وارن فنڪارن نواب علي ڪرل ۽ سلطان علي سمون قومي گيت پيش ڪيا

نوشهرو فيروز (رپورٽ: منظور ملڪ) نوشهروفيروز ويجهو ڳوٺ حافظ يعقوب ٿيٻو ۾ ثقافتي ڏهاڙي جي مناسبت سان مچ ڪچهري ٿي گذري مچ ڪچهري ۾ نالي وارن سگهڙن فنڪارن سياسي سماجي اڳواڻن صحافين ۽ پرپاسي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 01

گڏاپ پريس ڪلب ڪراچي جي اليڪشن 2022/2023 ٿي گذري، ساجهه وندن پاران مبارڪون

اليڪشن ۾ چيئرمين ميرعلي گوهر بلوچ صدر سعيد احمد چانڊيو ،نائب صدر جي رام پڙهيار چونڊيا ويا

آفيس سيڪريٽري روشن ڪمار ايگزيڪيوٽو ڪميٽي جي لاءِ آدم سريلو ،ياسين برفت ۽ ٻيا چونڊيا ويا آهن

وقت سر ۽ بهتر ماحول ۾ اليڪشن ڪرائڻ تي جس لهڻ اداري جي ويجھ واڌ جي لاءِ ڪوشش ڪندس: سعيد چانڊيو

ڪراچي (رپورٽ) گڏاپ پريس ڪلب ڪراچي جي اليڪشن 2022/2023 ٿي گذريو چيئرمين ميرعلي گوهر بلوچ صدر سعيد احمد چانڊيو ،نائب صدر جي رام پڙهيار،جنرل سيڪريٽري باغي ساگر پنهور جوائنٽ سيڪريٽري اسدعلي جتوئي ،خزانچي محمد سالم ڏاهري ، پريس سيڪريٽري مجيب الرحمان برفت ، آفيس سيڪريٽري روشن ڪمار ايگزيڪيوٽو ڪميٽي جي لاءِ آدم سريلو ، ياسين برفت، سڪندرعلي چانڊيو ۽ ايڊوڪيٽ فاروق احمد گوپڙ ،صداقت علي گوپڙ ليگل ايڊوائيزر چونڊجي ويا جڏهن ته اليڪشن ڪميٽي پاران وقت سر /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 03

پڊعيدن ريلوي اسٽيشن پرسان اڻڄاتل شخص جو لاش هٿ، سڃاڻپ نه ٿي

پليٽ فارم پرسان لوپ لائين تان 65 سالن جي نامعلوم بزرگ جو لاش هٿ آيو

لاش جي اطلاع تي پوليس واقعي واري هنڌ پهچي لاش تحويل ۾ وٺي اسپتال منتقل ڪيو

نوشهرو فيروز (رپورٽ:منظور ملڪ) پڊعيدن ريلوي اسٽيشن پرسان اڻڄاتل شخص جو لاش هٿ آيو پڊعيدن ريلوي اسٽيشن جي پليٽ فارم پرسان /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 07

ملاڪاتيار ٿاڻي تي مقرر اي ايس آئي يامين قمبراڻي عوام لاءِ آزار بڻجي ويو

پڪٽن تي مسافر گاڏين کي تلاشي بهاني بيهاري سرعام رشوت اوڳاڙڻ لڳو

پورهيت پوڙهي مٿان شهر جي وچ سخت مارڪيٽ ڪري ٿاڻي ۾ لاڪپ ڪري ڇڏيو

ٽنڊو محمد خان (رپورٽ) ملاڪاتيار ٿاڻي تي مقرر اي ايس آئي يامين قمبراڻي عوام لاءِ آزار بڻجي ويو. مختلف پڪٽن تي مسافر گاڏين کي تلاشي بهاني بيهاري سرعام رشوت اوڳاڙڻ لڳو. رڪشا، چنگچي، سوزڪي، وارن کان پنجاهه پنجاهه روپيا وٺڻ لڳو آهي. ملاڪاتيار شهر جي واپاري، سياسي، سماجي، اڳواڻن ٻڌايو ته ملاڪاتيار ٿاڻي تي مقرر اي ايس آئي يامين قمبراڻي کي ٿاڻي تي ٻه سال کان وڌيڪ عرصو گذري ويو آهي. شهرين توڙي مسافرن کي تلاشي بهاني ڏاڍا، ڌڪا، بداخلاقي ڪري رشوت اوڳاڙڻ ٿو. هنن وڌيڪ چيو ته اي ايس آئي يامين /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 06

پيپلز پارٽي شڪارپور جي اڳواڻن پاران ٻ پ چيئرمين جي حق ۾ احتجاج

هائوس شڪارپور کان پريس ڪلب تائين ٻ پ جنرل سيڪريٽري پاران ريلي

بلاول ڀٽو زرداري ڪشمير جي مظلوم عوام جي نمائندگي ڪئي آهي : ذوالفقار ڪماريو

شڪارپور (عبدالخالق سومرو) پاڪستان پيپلز پارٽي شڪارپور جي اڳواڻن پاران ٻ پ چيئرمين ۽ پرڏيهي وزير بلاول ڀٽو زرداري جي حمايت ۾ پيا /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 05

شهيد بينظير ڀٽو جي 15 هين ورسي جي موقعي تي ڪارڪن شريڪ ٿيندا: سرفراز راڄڙ

پاڪستان پيپلزپارٽي مظلوم قومن جي حقن جي ڳالهه ڪري ٿي، عوام سان اسان گڏ آهيون

بلاول ڀٽو ڪشمير ۽ هندستان ۾ مسلمانن سميت تمام انسانن سان ٿيندڙ ظلم خلاف ڳالهايو آهي

بدين (رپورٽ: مرتضيٰ ميمڻ) پاڪستان پيپلزپارٽي شهيد بينظير ڀٽو جي 15 هين ورسي جي موقعي لکين جي تعداد ۾ ڳوٺي خدا /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 04

پاڪستان پيپلز پارٽي ضلع بدين

بقايا سنڌيار **01**

جي سوين ڳوٺاڻن ڀرپور شرڪت ڪئي تفصيل موجب پرپاسي ويجهو ڳوٺ حافظ يعقوب ٿيٻو ۽ ٿنيا نوجوان اتحاد پاران ڳوٺ جي نيڪ مرد معزز شخصيت حاجي ميان اجمل حسين ٿيٻو ۽ نوجوان اسرار احمد ٿيٻو جي ميزباني هيٺ سنڌن اوطاق جي اڳڻ تي ميڊيا جي اعلانن کي ڀرپور موٽ ڏيندي مچ ٻاري مچ ڪچهري جي تقريب ڪوٺائي وئي مچ ڪچهري ۾ نالي وارن فنڪارن نواب علي ڪرل ۽ سلطان علي سمون قومي گيت پيش ڪري مچ ڪچهري ۾ آيل مهمانن ۽ ڳوٺاڻن ۽ نوجوانن کي جهومڻ تي مجبور ڪري ڇڏيو جڏهن ته نالي وارن سگهڙن استاد محمد حسن هڪڙو محمد بخش سهتو خليفو سولنگي ۽ دادو مان ڪهي آيل سگهڙن استاد علي نواز سولنگي عبدالحميد چانڊيو عبدالصمد سهتو ۽ ٻين ڏور بيت ڳجهارتون ۽ پروليون ٻڌائي مچ ڪچهري کي چار چنڊ لڳهائيندي ويلن کي واهه واهه ڪرڻ تي مجبور ڪندي خوب داد ماڻيو ميزبان حاجي ميان اجمل حسين ٿيٻو ميان علي بخش ٿيٻو سيٺ غلام فاروق ٿيٻو بابو عبدالقيوم ٿيٻو ۽ اسرار احمد ٿيٻو پاران مچ ڪچهري ۾ آيل مهمانن فنڪارن صحافين ۽ سگهڙن اير ظفرعلي نگرصدر نيشنل پريس ڪلب ضلع رابطا سيڪريٽري سنڌي ادبي سنگت ضلع نوشهرو فيروز راڻا شيرمحمد راڻاعبدالستار نذير علي منگي کي سنڌ جي سوکڙي اجرڪن جا تحفا اوڍيا ويا مچ ڪچهري کي مهمانن ۽ ڳوٺاڻن خطاب ڪندي چيو ته تازين برساتن جي تباهين سبب ڳوٺاڻا سارو ماڻهون سخت پريشانين ۾ مبتلا آهن اهڙين ثقافتي ميلن سبب سنڌن چهرن تي مرڪون آڻڻ لاءِ هي مچ ڪچهري ڪوٺائي وئي آهي اهڙين ڪچهرين سان اسان جون اوطاقون ٻيهر آباد ٿي وينديون

بقايا سنڌيار **02**

لاءِ صدر ربنواز چنه سينئر نائب صدر خليفه فتح علي عباسي نائب صدر خليفه ڪريم ڏنل جنرل سيڪريٽري عمران علي چنه جوائنٽ سيڪريٽري عبدالرزاق سولنگي پريس سيڪريٽري رحمت الله سومرو فنانس سيڪريٽري عبدالحميد لاکير آفيس سيڪريٽري نظام الدين ڪلهوڙو کي چونڊيو ويو جڏهن ته آڊيٽر خليفه صدرالدين وسطڙو معاون خاص خليفه اياز حسين سومرو خليفه قربان ميتلو محمد امين چانڊيو ممتاز علي لانگاهه بهادر علي بروڙو مقرر ڪيا ويا

بقايا سنڌيار **03**

۽ بهتر ماحول ۾ اليڪشن ڪرائڻ تي جس لهڻ اداري جي ويجھ واڌ جي لاءِ ڪوشش ڪندس ،سعيد چانڊيو تفصيل موجب گڏاپ پريس ڪلب ڪراچي جي اليڪشن 2022/2023 ٿي گذريو چيئرمين ميرعلي گوهر بلوچ صدر سعيد احمد چانڊيو ،نائب صدر جي رام پڙهيار،جنرل سيڪريٽري باغي ساگر پنهور جوائنٽ اسدعلي جتوئي ٻيا چونڊجي ويا ٽي رڪني اليڪشن ڪميٽي جي نگراني اليڪشن ڪرائي وئي جڏهن ته سوشل ويلفيئر ڪرڻ جي جنرل سيڪريٽري سليم جي ميمڻ گلشير ،دلدار علي سيلرو ايڊوڪيٽ اعجاز احمد چنا شرڪت ڪئي ۽ ان موقعي آيل معزز مهمانن کي جي سي پي پاران سنڌ جي ثقافت اجرڪ پارايا ان موقعي تي ڳالهائيندي مهمانن چيو گڏاپ پريس ڪلب ڪراچي واحد ادارو آهي جتي اسان ڏٺو سي ته ٽي رڪني اليڪشن ڪميٽي جي نگراني ۾ دوستاڻي ماحول ۾ اليڪشن ڪرائي وئي ۽ دوستن پاران هڪ ٻئي کي ڀاڪرن ۾ ڀري مبارڪون ڏنيون ۽ اهو محبتن ڀريو ماحول ڏسي دل کي ڏاڍي خوشي حاصل ٿي ۽ اسان دعا ٿا ڪريون ته نئين چونڊيل باڊي بهتر نموني سان پنهنجون زميواريون نڀائيندي ۽ سنڌ جي ڏتڙيل ماڻهن جو آواز بڻجي انهن جو آواز اعلي ايوانن تائين پهچائيندي ۽ ان موقعي نئين چونڊيل صدر سعيد احمد چانڊيو چيو ته سان جي پي سي جي سيني دوستن جو شڪرگذار آهيان جن مون تي اعتماد ڪندي صدر منتخب ڪيو آهي ۽ مان پنهنجي اداري جي هر دوست سان هر وقت گڏ آهيان ۽ اداري ويجھ واڌ جي لاءِ ڪوشش ڪندو رهندس

بقايا سنڌيار **04**

بخش ڀٽو ۾ گڏ ٿي چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري صاحب جي قيادت ۾ بي بي شهيد کي خراج تحسين پيش ڪندا اهڙو اظهار پاڪستان پيپلزپارٽي سنڌ جي نائب صدر سرفراز راڄڙ بدين ۾ پاڪستان پيپلزپارٽي جي ورڪر ڪنوينشن کي خطاب ڪندي ڪيو هن چيو ته پاڪستان پيپلزپارٽي مظلوم قومن جي حقن جي ڳالهه ڪري ٿي ۽ ملڪ جي مظلومن سان گڏ هجڻ جو وچن ورجائيندي رهندي آهي جنهنجو تازو مثال چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري جو اقوام متحد جي دورو آهي جتي بلاول ڀٽو زرداري هندستان جي حڪمرانن طرفان ڪشمير ۽ هندستان ۾ مسلمانن سميت تمام انسانن سان ٿيندڙ ظلم خلاف ڳالهايو آهي جنهن ڪاٺيو مودي سرڪار واڙتي ٿي چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري صاحب خلاف ڀارت ۾ مظاهرا ڪرائي پنهنجي دهشتگردي کي لڪائڻ جي ناڪام ڪوشش ڪري رهي آهي ڪنوينشن ۾ پارٽي ورڪرن طرفان سنڌن ڪم ڪار نه ٿيڻ ۽ کين نظر انداز ڪرڻ جون شڪايتون ڪيون جنهن تي هن چيو ته بدين جا آفيسر اگر عوام ۽ ورڪرن جا ڪم نٿا ڪن ته کين بدين مان واپس ڪرائي ڇڏينداسين ورڪر ڪنوينشن کي ضلع صدر حاجي محمد رمضان چانڊيو سائين بخش جمالي عبدالغفور نظاماڻي حاجي رسول بخش چانڊيو فدا حسين ميندرو ڏاڏا هاليپوٽو تاج محمد ملاح مير الهبچايو ٽالپر ملازم حسين لغاري عبدالوحد هاليپوٽو محمد اسلم راهو عبدالغفور ميمڻ مير ملاح مرتضيٰ جمالي الهڏنو چانڊيو مير ڪاشف ٽالپر گل محمد سريوال نياز لاشاري غلام رسول سومرو غلام حيدر جتوئي ليڊيز ونگ ضلع جي صدر ميڊم تنزيلا قمبراڻي پروين خاصخيلي آمنا ملاح حاجياڻي ڪوسو زهراه جمالي سميت ورڪرن پڻ خطاب ڪيو

بقايا سنڌيار **05**

هائوس شڪارپور کان پريس ڪلب تائين ٻ پ جنرل سيڪريٽري ذوالفقار ڪماريو،شهاب ڀيو ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ ريلي ڪڍي وئي،ريلي کي خطاب ڪندي اڳواڻن چيو ته بلاول ڀٽو زرداري ڪشمير جي مظلوم عوام جي نمائندگي ڪئي آهي جنهن کان پوءِ مودي ۽ ان جي حامين ۾ ڪاوڙ جي لهر ڇانئجي وئي ڇاڪاڻ ته سچ هميشه ڪڙو هوندو آهي هنن چيو ته ڀٽو خاندان ئي واحد خاندان آهي جنهن هميشه جمهوريت جي پاسداري ڪندي مظلوم عوام جي ترجماني ڪئي آهي ۽ هاڻي به سڄي دنيا جي مظلومن سان گڏ ڪشمير جي مظلوم عوام لاءِ به آواز اٿاريو آهي،ريلي ۾ ٻ پ اڳواڻ جونيئر الطاف خان ڀيو آغا اعجاز مشواڻي،ناظم ڏهر،خادم ڀٽو آيا نگهت منگي ۽ ٻيا پڻ شريڪ هئا

بقايا سنڌيار **06**

قمبراڻي ڪجهه ڏينهن پهريان پورهيت پوڙهي مٿان شهر جي وچ سخت مارڪيٽ ڪري ٿاڻي ۾ لاڪپ ڪري ڇڏيو جنهن بعد علائقي واسين جي وچ ۾ پوڻ بعد اي ايس آئي يامين قمبراڻي معافي وٺي پورهيت کي آزاد ڪيو جڏهن ته رٽائرڊ پرائمري استاد شريف چيو ته ڄاڻايل اي ايس آئي کيس جهرڪ پل روڊ اچ وڃ وٽ روڪ ڪيس ڏاڍ، ڌڪا، ڏئي زبردستي کيسي مان رقم ڪڍي ويو آهي. هنن آئي جي سنڌ، ڊي آئي جي حيدرآباد، ايس ايس پي ٽنڊومحمدخان کان مطالبو ڪيو ته ترت نوٽيس وٺي ڄاڻايل اي ايس آئي خلاف ڪاروائي ڪري هتان جي عوام انصاف فراهم ڪيو وڃي هنن چتاءُ ڏيندي چيو ڪاروائي نه ڪئي وئي ته سخت احتجاج ڪيو ويندو

بقايا سنڌيار **07**

لوپ لائين تان 65 سالن جي نامعلوم بزرگ جو لاش هٿ آيو اطلاع تي پڊعيدن ريلوي پوليس لاش تحويل ۾ وٺي پڊعيدن رورل هيلٿ سينٽر منتقل ڪيو ضروري ڪارروائي لاءِ اڻڄاتل لاش جي اطلاع تي پوليس واقعي واري هنڌ پهچي لاش تحويل ۾ وٺي پڊعيدن اسپتال منتقل ڪيو لاش جي اڃا تائين سڃاڻپ نه ٿي سگهي آهي

بقايا سنڌيار **08**

سرڪار کي ڊيڪاريل آئيني تي پارٽي سرڪار بلاول ڀٽو زرداري خلاف بيان بازي ڪرڻ خلاف پيپلز پارٽي جو مودي سرڪاري خلاف سڄايل ملڪ ۾ احتجاجي مظاهرن جي اعلان بعد پاڪستان پيپلزپارٽي سٽي نئون ديرو جا اڳواڻ سٽي صدر سيد ارشد شاهه راشدي . جنرل سيڪريٽري محمد انور بروڙو ۽ انفارميشن سيڪريٽري سرفراز ميراڻي جي اڳواڻي ۾ پيپلزپارٽي ضلعي لاڙڪاڻو پاران جناح باغ اڳيان گڏيل احتجاج ۾ شرڪت ڪرڻ لاءِ وڏي تعداد ۾ سٽي نئون ديرو جي جيالن جو قافلو لاڙڪاڻي روانو ٿي ويو قافلي ۾ شامل جيالن ۽ اڳواڻن ٻاهن ۾ ڪاريون پٽيون ٻڌي هٿن ۾ پلي ڪارڊ ۽ پارٽي جا وڏا وڏا جهنڊا کڻي مودي سرڪار خلاف سخت نعري بازي ڪئي احتجاج ۾ شامل پاڪستان پيپلز پارٽي سٽي نئون ديروجي صدرسيد ارشد شاهه راشدي، جنرل سيڪريٽري محمد انور بروڙو انفارميشن سيڪريٽري سرفراز ميراڻي، ضلعي لاڙڪاڻي جي ڏيهي انفارميشن سيڪريٽري منصور احمد سومرو، ڪائونسلر حاجي عبدالخالق پٿو ڪائونسلر ڪاشان قاضي، سيد ڪاشف علي شاهه ظهيراحمد ميراڻي نبي بخش ڪوڪر ، امجد سومرو ۽ ٻين اقوام متحده جي سيڪريٽري کان مطالبو ڪيو ته وزير خارجه بلاول ڀٽو زرداري خلاف غلط بيان بازي ڪندڙ گجرات جي غنڊي ڀارتي وزيراعظم خلاف سخت ڪارروائي ڪئي وڃي

بقايا سنڌيار **09**

۾ ڏينهن ڳوٺ بچل ڪوڪر مان نظر محمد ڪوڪر جي زرعي زمين تان ٽي سولر پليٽون ۽ جڏهن ته گذريل ڏينهن سنتورو بازار مان سومار چانڊيو جي دڪان جي ڇت ته ٻه سولر پليٽون چور ڀڃاري ويا. انهي ڏس ۾ سومار چانڊيو ۽ نظر محمد ڪوڪر ٻڌايو ته وجهوٽو پوليس ڏينهون ڏينهن وڌندڙ چورين خلاف ڪاروائي ڪرڻ بجاءِ چورن کي ڇوٽ ڏئي ڇڏي، وجهوٽو پوليس اسان جي داٿهن ٻڌڻ لاءِ تيار ناهي، هنن چيو ته پوليس جي انهي لاپرواهي سبب علائقي ۾ سخت مايوسي جي لهر ڇانيل آهي،اگر ٻن ڏينهن دوران اسانکي سولر پليٽون واپس نه مليون ته وجهوٽو ناڪي آڏو ملي نئون ڪوٽ مين روڊ تي ڌرڻو هنيو ويندو

بقايا سنڌيار **10**

مذهبي ،صحافين، نوجوانن، واپارين ۽ شهرين، وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي؛ خيرپور ناٿن شاهه ٻوڏ جي تباهڪارين جو ذميوار سنڌ حڪومت قرار؛ ٻوڏ جي بچاءُ لاءِ تجويزون پيش ڪيون ويون؛ خيرپور ناٿن شاهه تعلقي کي ٻوڏ کان بچايو وڃي نعرا؛ منظور؛ تفصيل موجب: "ٻوڏ جي دوران تباهه ٿيل خيرپور ناٿن شاهه جي بحالي ۽ آئنده ٻوڏ کان بچاءُ لاءِ اپاءُ" بابت شهر جي سياسي سماجي واپارين وڪيلن ۽ صحافين پاران سيمينار ڪوٺايو ويو جڏهن ته وڏي انگ ۾ شهر جي سياسي سماجي دوستن جي شرڪت ڪري شهر جي بچاءُ بابت پنهنجا ويچار ونڊيا؛ خيرپور ناٿن شاهه جي تباهي جي ذميوار سنڌ حڪومت کي قرار ڏنو ويو، جڏهن ته سيمينار جي اڳواڻي ڪندڙن حاجي منيراحمد شيخ، عابد حسين لاکير، فقيرمحمد شيخ، سيٺ عاشق حسين ڪوسو، ايڊووڪيٽ شعبان علي ملاح، عابد ٻبر ڊاڪٽر شاهنواز گاڏهي،ايڊوڪيٽ الطاف سچل اعوان ، سٽي پريس ڪلب جي صدر عمران بلوچ، اياز بروڙو، عرفان مشوري ۽ ٻين ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته حڪومت ۽ انتظاميا جي نااهلي سبب خيرپور ناٿن شاهه کي هٿ وٺي ٻيو دفعو ٻوڙي تباهه ڪري ڇڏيو آهي، ۽ هن خطي جي معيشت ، مڪمل تباهه ٿي چڪي آهي ان جي باوجود به چونڊيل نمائندن هن وقت تائين ڪابه سار سنڀال نه لڌي آهي تازو وزير اعلي سنڌ سيد مراد علي شاهه کي اين شاهه جي دوري دوران هن شهر کي ڪوبه رليف نه ملي سگهيو آهي ، جنهن مان ظاهر ٿئي ٿو ته ايندڙ آفتن کان هن خطي کي بچائڻ جي لاءِ حڪومت طرفان ڪي به اپاءَ نه ورتا ويا آهن. هن چيو ته صابو برڙي وارو بند ڪيميڪل سان ٽوڙيو ويو آهي ان مان اهو واضح آهي ته حڪومت اسان جي گهرن ۽ روزگار جي ذريعن کي تباهه ڪيو انهي، مان صاف ظاهر آهي ته شهر کي وري ٻوڙي تباهه ڪيو ويندو. موسمياتي کاتي پاران 2023 آگسٽ جي برساتن اچڻ جي ڪري خيرپورناٿن شاهه واسين جو ساهه مٺ ۾ اچي ويو آهي ، هنن جو وڌيڪ چوڻ هيو ته حڪومت سنجيده ڪردار ادا ڪري. خيرپور ناٿن شاهه کي بچا جي لاءِ ڏنل ايف پي بند، ايم اين وي ڊرين، سپريو بند، ۽ خداواهه کي مضبوط بڻائڻ لاءِ اهم ڪردار ادا ڪري. شهرجي ڏنل سپريو بند کي ڪاري موري تائين پاڻي جي نيڪالي لاءِ ڪم ڪرايو وڃي؛ خيرپور ناٿن شاهه کي ٻوڏ کان بچائڻ لاءِ خيرپور ناٿن شاهه جي تباهڪارين جا ذميوار وقت جا حڪمران آهن ايريگيشن کاتي ۽ حڪومت جي نااهلي سبب خيرپور ناٿن شاهه ڪندرات بڻجي ويو آهي؛ چنڊڻ 3 هزار ڪيوسڪ کڻي ٿي پر هن وقت 12 هزار ڪيوسڪ پاڻي بيلو آهي؛ حڪومت کي چنڊڻ کي 30 هزار ڪيوسڪ تائين ڊزائين ڪيو وڃي خيرپور ناٿن شاهه بچي سگهجي ٿو. 2لک ڪيوسڪ پاڻي بولان نئين جو پاڻي به خيرپور ناٿن شاهه واري علائقي ۾ ڇڏيو ويو آهي؛ هڪ چينل کوٽيو وڃي جيڪو ايف پي بند کان منڇر طرف پاڻي ڇڏيو وڃي؛ ٽيون حل اهو آهي ته سپريو بند کي مضبوط ڪري ۽ ٻيهر مرمت ڪئي وڃي؛ خدارا اڪ پٿيو ڏاڍو ڏکيو وقت ٻيهر اچي وري برساتون پونديون ۽ نقصان ٿيندو ان ڪري اڳواٽ تياري ڪرڻ گهرجي؛ سيمينار جي آخر ۾ اهو به فيصلو ڪيو ويو ته خيرپور ناٿن شاهه بچايو تحريڪ ناهي وڃي ته جيئن خيرپور ناٿن شاهه کي ٻوڏ يا ڪنهن به قدرتي آفت کي منهن ڏيڻ لاءِ بچاءُ ڪري سگهجي

بقايا سنڌيار **11**

جي چيئرمين جي نگراني ۾ ٿي. گورنمينٽ سيڪنڊري ٽيچرس ايسوسيئيشن جي چونڊ ۾ پٽائي پينل جي سامهون ٻي ڪنهن پينل فارم نه ڀرايو ان موقعي تي اليڪشن ڪاميٽي پاران پٽائي پينل جي عهديدارن جي بنا مقابلي ڪامياب ٿيڻ جو اعلان ڪيو ويو پٽائي پينل جي نون چونڊيل عهديدارن ۾ صدر استاد عبدالرزاق سومرو صاحب، سينيئر نائب صدر استاد منظور احمد ڏهر صاحب، نائب صدر ميل استاد عبدالڪريم پنهور صاحب، نائب صدر فيميل رابيعه ملڪ صاحبه جنرل سيڪريٽري استاد يار محمد سميجو صاحب، جوائنٽ سيڪريٽري استاد عبدالغفور ابڙو صاحب، فنانس سيڪريٽري استاد نذير احمد ٻوهڙ صاحب، پريس سيڪريٽري استاد غلام سرور ميمڻ صاحب، آفيس سيڪريٽري استاد امام دين گورگيج شامل آهن

بقايا سنڌيار **12**

ٿي ويو پوليس جي شروعاتي رپورٽ موجب هي افسوسناڪ واقعو کاڌو نه پچائڻ سبب پيش آيو جڏهن ته وڌيڪ تفتيش جاري آهي

بقايا سنڌيار **13**

انسانيت فائونڊيشن پاڪستان طرفان علامه عبدالستار سومرو، گل حسن سومرو، وفا مشتاق لاشاري ۽ ٻين جي تعاون سان ٽي روزه مفت اکين جي ڪئمپ لڳائي وئي، جنهن ۾ ڪراچي ۽ اسلام آباد جي ماهر ڊاڪٽرن ۽ ٻئي پيراميڊيڪل عملي طرفان 3 سؤ کان مٿي غريب ۽ بي سهارا ماڻهن جا مفت آپريشن ڪيا ويا، ۽ مجموعي طور 4 هزار غريب ۽ لاچار عورتن مردن ۽ ٻارن جو علاج ڪري کين مفت دوائون ۽ چشما ڏنا ويا. ان موقعي تي احساس فائونڊيشن جي چيئرمين نثار احمد اشرفي، عرفان مڪا، محمد اعجاز، عارف ٻهائي، رفعت عزيز، شاهنواز بوزدار ۽ ٻين ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته احساس فائونڊيشن ملڪ جي چئني صوبن ۾ فلاحي ڪم ڪري رهي آهي. ايوال ۾ 3 سؤ ماڻهن جي اکين جا مفت آپريشن ڪري 4000 هزار ماڻهن جي اکين جو معائنو ڪري مفت دوائون چشما ڏئي کين مٺي ڪارائي آهي. انشا ڪجهه ڏينهن ۾ ايوال ۽ پرپاسي جي ٻوڏ توڙي برسات سبب بي گهر ٿيل ماڻهن کي 40 نوان گهر ٺهرائي ڏنا ويندا

بقايا سنڌيار **14**

پرائي تائين ڪم ڪري اسڪول جي مرمت مڪمل ڪرڻ بجاءِ ڪم اڌ ۾ ڇڏي هليو ويو ايجوڪيشن ورڪس کاتي جي ذريعي کان ملندڙ ڄاڻ موجب ته تعلقي بدين جي ٻهراڙين جي 11 اسڪولن جي مرمت جو ٽينڊر ٿيو هو جن ۾ هي اسڪول به شامل آهي جو ڪم مڪمل نه ٿي سگهيو ۾ هنن اسڪولن جي مرمت مڪمل ڏيکاري فنڊ ڪڍرايا ويا آهن ڳوٺ غلام محمد موسيپوٽو جي رهواسين محمد حنيف موسيپوٽو ۽ ٻين رهواسين ڊي سي بدين سيشن جج بدين ۽ چيف جسٽس هاءِ ڪورٽ آف سنڌ کان ٺيڪيدار ۽ انجنيئر جي خلاف نوٽيس وٺي ڪاروائي جو مطالبو ڪيو آهي

بقايا سنڌيار **15**

ميڊيا خلاف پيپلزپارٽي سنڌ جي سڏ تي پيپلزپارٽي ضلعي صدر محمد علي خان ملڪاڻي جي هدايتن تي پارٽي آفيس کان پريس ڪلب تائين احتجاجي ريلي ڪڍي مظاهرو ڪيو ويو تعلقه هيڊ ڪوارٽر سجاول ۾ پڻ پيپلزپارٽي ضلعي نائب صدر حاجي محسن سنڌي، ڊپٽي انفارميشن سيڪريٽري نجيب سرويچ، تعلقه صدر ڊاڪٽر اقبال احمد ميمڻ ٻين جي اڳواڻي ۾ هٿن ۾ پارٽي جا جهنڊا کڻي پارٽي آفيس سجاول کان پريس ڪلب تائين احتجاجي ريلي ڪڍي مظاهرو ڪيو ويو. ريلي ۾ شهمير گبول عبدالغني راهمون شفيع لغاري جمن جت عبدالله خان لغاري شفقت شاهه مشياري نادر مگسي امين سرواڻ فاروق ميمڻ نور محمد شاهه، جاني جوگي يونين ڪائونسل جي صدرن پارٽي ورڪرن جيالن شرڪت ڪئي جنهن ۾ مودي سرڪار* سنڌس تعصب پرست پارٽي ميڊيا خلاف سخت نعريبازي ڪئي وئي اڳواڻن جو چوڻ هو ته مودي سرڪار مسلمانن پاڻرن ڪشميري سان ظلم ۽ بربريت جي انتها ڪري ڇڏي آهي انڊيا دهشتگردن جو گڙهه بڻيل آهي ڀارت مذهبي ڏيوايپي* انتهاپسندي جو ٻج ڇٽيي رهيو آهي اقوام متحده ۾ ڪشمرين* مظلوم قومن جو آواز بڻجڻ تي اسان وزير خارجه پيپلزپارٽي جي چيئرمين جناب بلاول ڀٽو زرداري تي فخر ڪريون ٿا* اظهار يڪجهتي جو اظهار ڪريون ٿا

بقايا سنڌيار **16**

جي رهواسي عورتن مسمات پوپري جاگيراڻي ،مورزادي عالم خاتون، امام زادي ،شيران جاگيراڻي جي اڳواڻي ۾ پريس ڪلب اڳيان قرآن پاڪ هٿن ۾ کڻي ڌانهيندي چيو ته خيرپور جي شاهه لطيف ۽ ٻين ٿاڻن جي پوليس ٻ پ اڳواڻ علي شير مڪول جي ڪمداري ڪندي خيرپور جي عدالت مان ٻن نوجوانن نظير ولد مير حسن جاگيراڻي اختيار ولد بختيار جاگيراڻي کي گذريل ڏينهن گرفتار ڪري وئي، اسان جڏهن پوليس وٽ وڃي معلومات وٺي ته پوليس جي هڪ آفيسر چيو علي شير مڪول کي مطمئن ڪيو ته اوهان جا نوجوان ڇڏينداسين جنهن بعد اسان جا مرد علي شير مڪول سان مليا پر هن اسان کي ڌڪا ڏيئي پنهنجي آفيس مان ڪڍي ڇڏيو ۽ پوليس به ٻاٿر علي شير مڪول جي چوڻ تي هڪ نوجوان اختيار ولد بختيار جاگيراڻي کي جنگ ۾ گولي هڻي هاف فرائي ڪيو جڏهن ته ٻئي نوجوان نظير جاگيراڻي کي پوليس گم ڪري ڇڏيو آهي ۽ پوليس اسان کا 5 لک رشوت گهري ٿي ٻئي صورت ۾ نوجوان کي ڪوڙي پوليس مقابلي ۾ ماري ڇڏيندي، هنن وزير اعليٰ سنڌ آءِ جي سنڌ ڊي آءِ جي سکر ايس ايس پي خيرپور کان مطالبو ڪيو ته ڪنهن ايماندار پوليس آفيسر کان انڪوائري ڪرائي بيگناهه گرفتار ڪري هاف فرائي ۽ گم ٿيل نوجوان کي آزاد ڪرائي اسان کي انصاف ڏياريو وڃي

بقايا سنڌيار **17**

ٽرسٽ جي ڪارڪنن خليل حيدر شيخ ڊيبر شيخ يوسي جهندو مشائخ جي ڳوٺ رسول بخش بروهي ۾ ويٺل مختلف برادرين گرگيج دومڪي شيخ بروهي ملڪ جکراڻي برادري جي 100 غريب ۽ مسڪين ماڻهن ۾ مجبوردائيون مڇرن جو تيل ٻارڙن لاءِ بسڪيٽ چپس چاڪليٽ تقسيم ڪيا ان موقعي تي ڪارڪنن مختلف بيماري سبب فوت ٿيلن جي وارثن سان ڏک جو اظهار ڪيو

بقايا سنڌيار **18**

ڪانسواهه روڊ تعمير ڪرڻ سبب روڊ کي هنڌان هنڌان واهه جي پاڻي ڪاٽ هڻي روڊ کي ڳاري پاڻي ۾ ڪيرائي ڇڏيو آهي جنهن جي ڪري جتي حڪومت کي ڪروڙين روپين جو نقصان ٿيو آهي اتي رهواسين لاءِ پڻ وڏو آزار بڻيل آهي ان سلسلي ۾ شهرين ساگر شيدي ابن شاهه حضور بخش ۽ ٻين ٻڌايو ته بدين شهر جا سمورا روڊ تباهه آهن پر هن روڊ تي سڄو ڏينهن موت لامارا ڏي ٿو واهه جي ڪناري تي رهندڙ ماڻهن جا ٻار هروقت خطري ۾ رهن ٿا ٻن گاڏين جي ڪراسنگ مشڪل بڻيل آهي ڪيترا اسڪوٽر ۽ رڪشا روڊ جي تباهي سبب واهه ۾ ڪريا آهن ان هوندي هن روڊ جي تعمير لاءِ نه ايم پي اي تاج محمد ملاح ۽ نه وري ڊي سي بدين ڪا ڪوشش ڪئي آهي هنن سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي شاهه ڪمشنر حيدرآباد ۽ ڊي سي بدين آغا شاهنواز خان کان مطالبو ڪيو آهي ته بدين شهر کان آرمي شوگر ملز ڏانهن ويندڙ روڊ تعمير ڪري شهرين کي تحفظ* سهولت مهيا ڪئي وڃي

بقايا سنڌيار **19**

جي اڳواڻي* ۾ ٽائون موڙ تي ڌرڻو ڏيڻ کي ٻاهيون اسلام ڪوٽ: ايس ايڇ او قادر بخش ڀهراڻي شهرين کي بلاجواز تنگ ڪري ڇڏيو آهي ايس ايڇ او خد چوريون ڪرائي رهيو آهي ڏاڙيلن واڱي رات جو نشي ۾ ڏت ٿي عام شهرين تي تشدد ڪري گرفتار ڪري ڪوڙا ڪيس داخل ڪري ٿو ڪالهه به اقبال بجير کي فيصلي لاءِ گهرائي مٿس سفينا جو ڪوڙو ڪيس ڪيو آهي پاوو ڳوٺ جي نوجوان ڏني بخش کي پڻ ڪوڙي ڪيس ۾ ڦاسايو ويو اسلام ڪوٽ: 2 مهينا اڳ گهر مان چوري ٿي پنج تولا سون سميت چانديءَ جا زيور ۽ اسي هزار روڪ رقم چور کڻي ويا چوري ۾ گرفتار جوابدار وٽان مليل سامان ۽ ڪيش رقم ايس ايڇ او هڙپ ڪري گرفتار جوابدار کي منشيات ۾ چالان ڪري ڇڏيو آهي منهنجي رڪور ٿيل چوري ايس ايڇ او هڙپ ڪري ويو آهي انصاف ڏيئي/ رايمل ميگهواڙ اسلام ڪوٽ: چار مهينا اڳ اسلام ڪوٽ ٿاڻي تي مقرر ٿيل ايس ايڇ او خلاف ڪيترائي ڀيرا احتجاج پڻ ٿيا پر سياسي آشيرواد هجڻ سبب سنڌس خلاف ڪا ڪاروائي نه ٿي شهر ۾ بدامني چوٽ چڙهيل

بقايا سنڌيار **20**

منظر عام تي اچي رهيا آهن ان ڏس ۾ ذريعن کان معلوم ٿيو تعليم کاتي جي انهن ئي آفيسرن جي آفيس پرسان هڪ ديني مدرسي ۾ شام جي شفٽ طور هلندڙ ڪيمپس پرائمري اسڪول جنهن کي ۾ 50 ٻارڙن جي انرولمنٽ آهي ۾ 13 استادن کي مقرر ڪيو ويو ان ڏس ۾ ذريعن کان وڌيڪ معلوم ٿيو ته ضم قرار ڏنل ۽ بوائز هاءِ اسڪول ون جي ڪيمپس اسڪول تحت قرار ڏنل مذڪوره اسڪول جو ڪجهه ڏينهن پهرين هاءِ اسڪول جي گزيٽيڊ هيڊ مسٽريس وزٽ ڪيو ته 13 استادن مان هڪ به استاد حاضر نه هو پر تنهن هوندي به انهن خلاف ڪابه ڪارروائي نه ڪئي وئي آهي ياد رهي ته هاءِ اسڪول ون جنهن ۾ 34 سئو شاگرد زيرتعليم آهن ۾ شهر جا مختلف پرائمري اسڪول ڪيمپس اسڪول طور شامل ڪيا ويا آهن جن جو عملو ايس اير سي بجيٽ توري ٻيا انتظامي اختيار هاءِ اسڪول ون جي هيڊ مسٽريس وٽ آهن پر ڊگهي عرصي کان هيڊ مسٽريس بجاءِ اسڪول ۽ ان سان لاڳاپيل ڪيمپس اسڪولن جو انتظام هڪ نان گزيٽيڊ ايڇ ايس ٽي انچارج هيڊ ماسٽر طور هلائي رهيو آهي جنهن وري ڪيس انچارج هيڊ ماسٽر جي چارج ڏيندڙ پاڻ کان سينئر ايڇ ايس ٽي کي اسڪول جي اڪيڊمڪ معاملن جو انچارج مقرر ڪري ڪلاس وٺڻ کان ئي آجو قرار ڏئي ڇڏيو آهي ٻئي طرف اهو پڻ معلوم ٿيو آهي ته شهر جي ٻئراج ڪالوني جي مڊل اسڪول ۾ 30 ٻارن تي هڪ گزيٽيڊ هيڊ ماسٽر سميت 13 استاد مقرر ڪرڻ گرلز اسڪول ايگرو ويل ڪالوني ۾ 110 شاگردياڻين تي 18 عورت استاد مقرر ڪيون ويون آهن جڏهن ته نئين ڀرتي ٿيل استادن جي ميرٽ ۽ زميني حقيقتن تي پوسٽنگ بجاءِ پوسٽنگ جي معاملي ۾ مڪمل طور تي ڪرپشن اقربا پروري لا پرواهي سبب ضلع جا ڪيترائي اسڪول اڃا تائين بند پيا آهن ڇاڪاڻ ته شهر ۾ رهندڙ نوان ڀرتي ٿيل استاد روزانه 40 کان پنجاهه ڪلوميٽر پنڌ ڪري ڊيوٽي جوائن ڪرڻ کان لهرائي رهيا آهن

بقايا سنڌيار **21**

پاران منعقد ڪيل ريلي جي اڳواڻي ضلعي جنرل سيڪريٽري سهيل اختر عباسي ڪري رهيو هو. ريلي ۾ پيپلز يوٿ جي ضلعي صدر غضنفر راڄپر ٻ پ تعلقي جي صدر خليفي شڪيل احمد ميمڻ، محمد بچل ملڪ ۽ ٻين اڳواڻن شرڪت ڪئي. ريلي ۾ شريڪ ماڻهن مودي حڪومت خلاف سخت نعريبازي ڪئي ۽ ميڊيا کي ٻڌايو ته سچ برداشت ڪرڻ ڏکيو آهي ۽ ان جو مثال ڀارتيه جنتا پارٽي جي احتجاج ۾ ڏسي سگهجي ٿو. جڏهن کان مودي ۽ سندس پارٽي اقتدار ۾ آئي آهي تڏهن کان اقليتن خاص ڪري مسلمانن تي سرڪاري مظالم جاري آهن. ڀارت ۾ مذهبي انتهاپسندي جي ڪاروائين ۾ مودي حڪومت جي ملوث هجڻ جي نشان تي چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري خلاف پروپيگنڊا ڪئي پئي وڃي. جنهن جي سخت لفظن ۾ مذمت ڪريون ٿا

بقايا سنڌيار **22**

طرفان پارٽي چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري جي خلاف پارٽي مودي سرڪار طرفان لڳايل الزام تراشي خلاف ٻ پ جي اڳواڻ سينيٽر، صوبائي اطلاعات سيڪريٽري عاجز ڌامراهه ،جي اڳواڻي ۾ الفتاح چوڪ کان احتجاجي جلوس ڪڍي پيادل مارچ ڪري پريس ڪلب آڏو مظاهرو ڪرڻ بعد ڌرڻو هنيو ويو. ان موقعي تي ٻ پ جي صوبائي اطلاعات سيڪريٽري عاجز ڌامراهه ۽ ٻين چيو ته ٻ پ چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري ملڪ ۽ قوم جو اثاثو آهي . نوجوان قيادت ملڪ جي قومي سياست ۾ ملڪ دشمن پارٽي مودي سرڪار جي دهشتگردي کي عالمي سطح تي ثبوتن سان ظاهر ڪري قومي وقار کي بلند ڪيو آهي . مودي سرڪار پارٽي چيئرمين جي خلاف نازيبا زبان استعمال ڪرڻ ۽ ڪيل الزام تراشي ڪريل غليظ حرڪت آهي جنهن جي ڪنهن به صورت ۾ برداشت نه ڪنداسين . پارٽي چيئرمين پارٽي جي قيادت ورڪر ، ڪارڪنن سان گڏ عوام جو مڪمل اعتماد آهي . پارٽي چيئرمين جي نوجوان قيادت ملڪ جي ترقي خوشحالي لاءِ اڳتي قدم آهي . ملڪ جي اندر ايندڙ چونڊن ۾ صرف بلاول ڀٽو زرداري ملڪ جو پهريون نوجوان وزيراعظم ٿيندو ۽ ملڪ کي ترقي ڏانهن گامزن ڪندو

بقايا سنڌيار **23**

ڪارو تي سڃاڻپ شڪيل احمد راجپوت ڳوٺ درس تعلقو مورو جو رهاڪو ٿي جنهن کي فوري طور تي سول اسپتال نوشهرو فيروز آندو جتان گنڀير حالت ۾ نوابشاهه اسپتال ريفر ڪيو ويو

بقايا سنڌيار **24**

سکر شهر سماجي برائين جو مرڪز بڻجي ويو پراڻي سکر جي پنج نمبر ڪالوني ۾ منظور جتوئي، نماش چوڪي جي پرسان نماش گرائونڊ اندر ٻاٿر ميراڻي برادري ۽ چوڪ وٽ هوٽل اندر آميس نشو. نيو پنڊ ٿاڻي جي حد ڪوري هوٽل وٽ ارسلان چنو ۽ جاويد چنو خانگي پوليس جو مخبر آباد لڳ پليان ڪوسو ڳوٺ ويندڙ روڊ وٽ جوئيجا برادري بچل شاهه مياڻي ۾ جتوئي برادري پاران چرس ، ٺمين ڳوٺ اندر منشيات ۽ آڪڙا پرچي جا ڪيترائي دڪان کليل آهن جيڪي پوليس جي سرپرستي هيٺ سري عام هلي رهيا آهن اهڙي سماجي برائين جي وڌي وڃڻ سبب سکر سماجي برائين جو مرڪز بڻجي ويو آهي سکر پوليس سماجي برائين تي ڪنٽرول ڪرڻ بدران مبينا ان ڪڏي ڪم ۾ ملوث آهي آءِ جي سنڌ ڊي آءِ جي سکر جاويد احمد جسڪاڻي سونهارو سياسي سماجي سڃاڻ ذريون نوٽيس وٺي ٺمين نسل کي اهڙي ڪڏي ڪم آن بچائي پوليس ڪاورائي ڪري ملوث ماڻهن کي گرفتار ڪري مٿان ڪيس داخل ڪيو وڃي

بقايا سنڌيار **25**

۽ هن وقت تائين ٻوڏ جي پاڻي هيٺ ڳوٺن ۾ رهندڙ مائرن ۽ تازي ڄاول ٻارڙن جي صحت کي هٿي وٺرائڻ لاءِ ٻارن جي پيدائش وچ ۾ وقفي بابت آگاهي مهيا ڪئي وئي. ليڊي سوشل موبلائيزر مائره ۽ منير احمد ٻڌايو ته خير خواهه طرفان جاري آگاهي مهم جي سلسلي ۾ دادو جي ٻوڏ متاثر علائقن ۾ ڳوٺ ڳوٺ وڃي عورتن ۽ انهن جي تازي ڄاول ٻارن جي صحت سميت خانداني منصوبه سازي بابت مڪمل ڄاڻ فراهم ڪري رهيا آهيون. هنن وڌيڪ چيو ته خير خواهه جي ٽيم ماڻهن ۾ آگاهي فراهم ڪندي آهي جنهن جا مختلف مرحلا آهن جنهن ۾ عورتن، والدين، نون شادي شده جوڙن. لاڳاپيل عملدارن ۽ ٻين ادارن جي فردن سان ملاقاتون ڪري انهن کي خانداني منصوبه سازي، ٻارن جي پيدائش جو وقفو ۽ ماءُ ۽ ٻار جي صحت بابت معلومات فراهم ڪئي ويندي آهي

بقايا سنڌيار **26**

پهرين ٻائي ۾ رهندڙ جوابدارن واحد بخش جمالي قربان ملاح غني ملاح ۽ زبير جي مدد سان جوابدار نواز ملاح مون کي گهرن مان هٿيارن جي زور تي اغوا ڪري ڪراچي ۾ نامعلوم هنڌ تي تي قيد ۾ رکي مون تي تشدد ڪري زبردستي منهنجي لچ لٽيندو رهيو آهي هن چيو ته منهنجي اغوا جي رپورٽ بدين ٿاڻي تي به داخل هئي پر پوليس مون کي بازياب نه ڪرايو ۽ هن وقت جڏهن آئون وجهه وٺي نواز ملاح جي قيد مان نڪري واپس گهر پهتي آهيان ته ٿاڻي ويس ته پوليس منهنجي اغوا ۽ زنا جو ڪيس داخل ڪرڻ کان انڪار ڪري اسان کي ٿاڻي مان ڌڪا ڏئي ڪڍي ڇڏيو آهي هن چيو آهي جوابدار ڏر ٻاٿر آهن اسان کي مات ڪري ويهي رهڻ ٻي صورت ۾ وڌيڪ خراب نتيجا ڀوڳڻ جون ڌمڪيون ڏئي رهيا آهن ان موقعي تي ناري جي ماءُ زينب چيو ته جوابدارن منهنجي ڪنواري ڌيءَ سان وڏو ظلم ڪيو آهي ان جي زندگي تباهه ڪري ڇڏي آهي هن مطالبو ڪيو ته منهنجي ڌيءَ جي اغوا زنا ۽ ناحق روڪ بند ۾ ملوث جوابدارن خلاف ڪيس داخل ڪيو وڃي اسان کي تحفظ فراهم ڪيو وڃي

بقايا سنڌيار **27**

۽ رامسر سائٽ قرار ڏنل نريڙي ڍنڍ تي پرديسي پکين جو غير قانوني شڪار ڪرڻ ان جون تصويرون ۽ وڊيو سوشل ميڊيا تي وائرل ڪرڻ واري واقعي جون خبرون پرنٽ ميڊيا ۾ شايع ٿيڻ جي باوجود وائلڊ لائف پوليس اسٽيشن بدين طرفان ملوث جوابدارن خلاف ڪنهن قسم جي ڪارروائي نه ڪئي وئي آهي ان ڏس ۾ معلوم ٿيو آهي ته غير قانوني شڪار جون شايع ٿيل خبرون سوشل ميڊيا تي وائرل ٿيڻ بعد وائلڊ پول اسٽيشن طرفان ملوث جوابدارن کي نوٽيس اماڻي کين آفيس گهرائي مٿن ڏنڊ مقرر ڪرڻ بدران ايف آئي آر داخل ڪرڻ بجاءِ ڏيتي ليتي جي بنياد تي کين آجو ڪرڻ جون مبارڪون شروع ٿي ويون آهن ان ڏس ۾ ذريعن کان معلوم ٿيو آهي شڪار ۾ ملوث جوابدار جا ٻه پاٿر جيڪي بدين پوليس جي انٽيليجنس شعبي جا اهلڪار پڻ آهن ڊسٽرڪٽ گيم آفيسر ۽ وائلڊ لائف پوليس اسٽيشن جي اهلڪارن تي ڪنهن به قسم جي ڪاروائي نه ڪرڻ جو دٻاءُ وجهي رهيا آهن جنهن سبب هن مهل تائين ڪابه ڪارروائي عمل ۾ نه آهي ياد رهي ته وائلڊ لائف پوليس اسٽيشن جا اهلڪار سامونڊي پٽي ۾ خانگي ونڊن مڇي جي تلائن مان پيٽ گذر پکين جو شڪار ڪندڙ غريب پورهيتن تي شڪار جي ڏوهه ۾ کين گرفتار ڪري وڏا ڏنڊ مڙهڻ سان گڏ مٿن ڪيس به داخل ڪندا رهندا آهن پر تاريخي ۽ رامسر سائٽ قرار ڏنل نريڙي ڍنڍ ۾ شوقيه بااثر شڪارين خلاف قدم کڻڻ لاءِ تيار نه آهن

بقايا سنڌيار **28**

پرائمري اسڪول بنون، پرائمري اسڪول دڙو ون، پرائمري اسڪول ٻلورو ون، پرائمري اسڪول ٻلورو ٽو ۽ پرائمري اسڪول مدرسه عثمانيه ۽ ٻيون مختلف ڪرڪيٽ ٽيمون شامل هيون پروگرام جو مهمان خاص ڊي سي سجاول امتياز علي ابڙو جنهن رائيٽ ٽو پلي جي ڪم جي ساراهه ڪندي چيو ته رائيٽ ٽو پلي پرائمري سطح جي ٻارن ۾ بهترين مقابلا ڪرائي معصوم ٻارن جي حوصلا افزائي ڪئي آهي ۽ اميد آهي ته اڳتي لاءِ هن قسم جا پروگرام ٿيندا رهن. وڌيڪ رائيٽ ٽو پلي جي نمائندي عبدالحفيظ کتي ۽ عروج صحافين سان ڳالهائيندو چيو ته اسان جو مقصد آهي ته ٻارن ۾ زندگي گذارڻ جو مهارتون پيدا ڪيون وڃن ته جيئن اهي، خود مختيار، مستقبل جا بهتر اڳواڻ ٿي سٺي فيصلا سازي ڪرڻ جي صلاحيت پيدا ڪري سگهن ۽ هن سان گڏوگڏ رائيٽ ٽو پلي جي نمائيندي محمد يوسف ٻڌائيندي چيو ته اسان کي خوشي آهي ته اسان وڌ کان وڌ ٻارن کي شامل ڪري سگهياسين ۽ اسان رائيٽ ٽو پلي جي ٽيم شڪر گذار آهيون انهن تمام استادن جا جن اسان جو ڀرپور ساٿ ڏئي پروگرام کي ڪامياب بڻايس پروگرام ۾ استادن عمر ميمڻ لطف الله ميمڻ بچل شاهه ۽ ٻيا موجود هئا

بقايا سنڌيار **29**

مقابلو ڄاڻائي قتل ڪرڻ خلاف جسقم ضلع گهوٽڪي طرفان احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو جسقم ڪارڪن ۽ وارثن رهڙڪي ۾ احتجاج ڪيو ويو احتجاج دوران پنجاب پوليس خلاف ڇتي نعريبازي ڪئي وئي ان موقعي تي جسقم ضلع صدر فقير رمضان ڪلوڙ مير حسن لاشاري حنيف سومرو شهريار مرلاس عباس سيجو وارثن عبدالله ڪونهارو خيرمحمد ڪونهارو ۽ ٻين چيو ته پنجاب پوليس هڪ مهينو اڳ ۾ المرتضيٰ هوٽل دان شاهنواز ڪونهارو کي ڪنهي گم ڪري ڇڏيو هو جنهن کي هاڻي ڪوڙي مقابلو ڏيکاري قتل ڪيو آهي جنهن جي سخت لفظن ۾ مذمت ڪيون ٿا. هنن چيو ته پنجاب پوليس شاهنواز ڪونهارو کي گرفتار ڪري وارثن کان 10 لک روپيا رشوت جي گهر ڪئي هئي پر وارثن وٽ ايترا پئسا نه هجڻ سبب پنجاب پوليس ڪوڙو مقابلو ڏيکاري شاهنواز ڪونهارو کي قتل ڪري ڇڏيو هنن وڌيڪ چيو ته شاهنواز ڪونهارو مسڪين پورهيت هو جنهن جي مٿان سنڌ ۾ ڪو به چوري جو ڪيس به داخل نه آهي پنجاب پوليس شاهنواز کي قتل ڪرڻ کان پوءِ سنڌس وارثن کي ڪوڙن مقابلن مارڻ جون ڌمڪيون ڏئي رهي آهي هنن چيو ته پنجاب پوليس هميشه سنڌي ماڻهن کي بيگناهه گرفتار ڪري ڪوڙا مقابلا ڏيکاري قتل ڪندي رهي آهي ڪجهه سال اڳ ڪوٽ سبزل پوليس ڳوٺ بادل شر تي چڙهائي ڪري ٽن سنڌين کي بيگناهه قتل ڪيو هو هنن چيو ته هاڻي به ڪيترائي سنڌي بيگناهه پنجاب جي مختلف ٿاڻن تي گرفتار ٿيل آهن اسان کي خدشو آهي ته ڪين انهن کي به ڪوڙو مقابلو ڏيکاري قتل ڪيو ويندو هنن وس وارن کي اپيل ڪئي ته شاهنواز ڪونهارو جو قتل ڪيس پنجاب پوليس تي داخل ڪيو وڃي نه ته جسقم ضلع گهوٽڪي طرفان سخت احتجاج ڪيو ويندو

بقايا سنڌيار **30**

وٺي ان موقعي تي ٻ پ جي ضلعي صدر حاجي محمد رمضان چانڊيو سميت ايم اين اي مير غلام علي خان ٽالپر صوبائي مشير حاجي رسول بخش چانڊيو ام حبيب تنزيلا قمبراڻي ايم پي اي حاجي تاج محمد ملاح ڏاڏا محمد هاليپوٽو اسلم راهو وهاب هاليپوٽو مير الهبخش ٽالپر سائين بخش جمالي ۽ ٻين خطاب ڪندي چيو ته ٻ پ چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري ملڪ ۽ قوم جو اثاثو آهي نوجوان قيادت ملڪ جي قومي سياست ۾ ملڪ دشمن پارٽي مودي سرڪار جي دهشتگردي کي عالمي سطح تي ثبوتن سان ظاهر ڪري قومي وقار کي بلند ڪيو آهي هنن چيو ته مودي سرڪار پارٽي چيئرمين جي خلاف نازيبا زبان استعمال ڪرڻ ۽ الزام تراشي ڪري غليظ حرڪت ڪري پاڪستان جي ۽ ڪشميري مسلمانن جي دل آزاري ڪئي آهي جنهن کي ڪنهن به صورت ۾ برداشت نه ڪنداسين پارٽي چيئرمين کي پارٽي ڪارڪنن سان گڏ عوام جو مڪمل اعتماد حاصل آهي هنن چيو ته ملڪ جي اندر ايندڙ چونڊن ۾ صرف بلاول ڀٽو زرداري ملڪ جو پهريون نوجوان وزيراعظم ٿيندو ۽ ملڪ کي ترقي ڏانهن گامزن ڪندو

بقايا سنڌيار **31**

جي نمائندگي ڪرڻ تي ڀارت ۽ مودي جي حامين پاران بداخلاق زبان جي استعمال ڪرڻ جي سخت لفظن ۾ مذمت ڪريون ٿا. ريلي ۾ پيپلزپارٽي مدرونگ،ليڊيز ونگ،يوٿ ونگ، سپاف،ميناريٽي ڪلچرل ونگ ،جي ڪارڪنن عهديدارن پيپلزپارٽي سکر ڊويزن جي جنرل سيڪريٽري سيد بچل شاهه ،علي شير مڪول ، حاجي سلمان خان ڪٽوهر ، غلام حيدر قلبوٽو ،ڊاڪٽر يار محمد قلبوٽو ،دادن قلبوٽو،عطاءالرحمان قلبوٽو ،غلام حسين مغل، ريحانه جمالي ، رابيل گل قلبوٽو، مريد خان قلبوٽو سميت سوين ڪارڪنن ۽ اڳواڻن شرڪت ڪئي. هنن چيو ته مودي سرڪار ۽ بي جي پي دهشتگردي آهن بلاول ڀٽو پاران مودي سرڪار جي دهشتگرد چهري کي نقاب ڪرڻ جي خوف کان ڀارت سرڪار جي حامين پاران بلاول ڀٽو خلاف گهٽ لفظ استعمال ڪري سنڌس رستا روڪ ڪرڻ جي ناڪام ڪوشش ڪئي وئي آهي. هنن چيو ته اسان ڀارت سرڪار سميت دنيا کي ٻڌائڻ چاهيون ٿا ته ذوالفقار علي ڀٽو پنهنجي نانا شهيد ذوالفقار علي ڀٽو ۽ امڙ جيجل شهيد راڻي بينظير ڀٽو جي مشن تي ڪم ڪري رهيو آهي. اهو ڏينهن پري ناهي جو بلاول ڀٽو پاڪستان جو وزيراعظم بڻجي ملڪ دشمن سازشن کي ناڪام بڻائي ملڪ جي ترقي ۽ عوام جي خوشحالي ۾ تاريخي ڪردار ادا ڪندو

بقايا سنڌيار **32**

مظفر علي موريو، عبدالقادر، صدام حسين، گل محمد شر ۽ ٻين چيو ته تعليم کاتي جي سيڪريٽري جي استاد دشمن پاليسين جو بائيڪاٽ ڪريون ٿا ۽ آگسٽ 2022 جي ايم او يو کي رد ڪريون ٿا. هنن چيو ته گذريل 9 مهينن کان رهيل پگهارون جاري ڪيون وڃن. 2 سال اڳ سنڌ حڪومت ۾ ضم ٿيل استادن کي پڪو ڪيو وڃي. استادن کي پرائمري اسڪيل ڏنو وڃي. هنن چيو ته 25000 ماهوار فڪس پگهار پاليسي ۾ ترميم ڪئي وڃي. اين سي ايڇ ڊي استادن کي 55 سالن بجاءِ 60 سالن ۾ رٽائرڊ ڪرڻ واري پاليسي جوڙي وڃي. رٽائرڊ استادن کي سنڌ حڪومت جي پاليسي موجب پينشن ڏني وڃي. استادن کي پگهار ۽ پرسنل آءِ ڊي تي ڏنيون وڃن. مظاهرين چيو ته سنڌ حڪومت ۽ تعليم کاتي کي گهرجي ته في الفور اسان جا جائز مطالبا منظور ڪيا وڃن. ٻي صورت سخت احتجاجي تحريڪ جو دائرو وسيع ڪيو ويندو

بقايا سنڌيار **33**

سولنگي ، علي اڪبر ڪوسو ، آصف علي ، عاشق علي زرداري ، محمد رمضان سنڌيلو ، نظير علي سولنگي ٻيا ڪري رهيا هيا جن ميڊيا اڳيان ڌانهيندي چيو ته گذريل 10 مهينن کان لڳاتار پگهارون نه ملڻ ڪري فاقا ڪشي تي مجبور ٿي ويا آهيون ۽ ظلم جي انتها آهي ته سنڌ سرڪار اسان کي ريگيولر ڪرڻ ۽ پگهارون ڏيڻ لاءِ سنجيده نه آهي هن چيو ته اسان ٻهراڙين جي علائقن ۾ وڃي مستقبل جي معمارن کي تعليمي زيور سان نوازي رهيا آهيون پر اوتري اسان کي نظرانداز ڪيو ويو وڃي جيڪا اسان استادن سان وڏي زيادتي آهي هنن مطالبو ڪيو ته ايگريمينٽ جو شرط ختم ڪري اسان جون رهيل پگهارون ڏئي فاقاڪشي واري صورتحال کان بچايو وڃي

بقايا سنڌيار **34**

ميمڻ جي ٻچ تي پوليس پاران ايف آءِ آر درج ڪرڻ ۽ انهن کي حراسان ڪرڻ تي آل سنڌ مگسهار اتحاد جي صوبائي صلاح ڪار علي اڪبر مگسهار جي اڳواڻي ۾ ريلي ڪڍي پريس ڪلب اڳيان احتجاجي مظاهرو ڪيو مظاهري کي خطاب ڪندي آل سنڌ مگسهار اتحاد جي صوبائي صلاح ڪار علي اڪبر مگسهار چيو ته 12.13 سالن جي اسڪولي شاگردن کي حراسان ڪري ڌمڪيون ڏئي مٿن ڪوڙي ايف آءِ آر درج ڪرڻ قانوني جرم آهي اسان جلد اهڙي عمل خلاف قانوني قدم کڻنداسين اسان آءِ جي سنڌ ڊي آءِ جي ۽ سنڌ هاءِ ڪورٽ کي اپيل ٿا ڪريون ته معاملي جو جلد کان جلد نوٽس وٺي شفاف انڪوائري ڪئي وڃي ۽ اسان سان انصاف ڪيو وڃي هنن وڌيڪ چيو اسڪولي شاگردن جي پڙهائي تي ڪو اثر نه پوڻ کان بچي سگهجي

بقايا سنڌيار **35**

ڪوٽ ۾ پوليس ٿاڻي جي ايس ايڇ او جي زيادتين خلاف مختلف برادرين بجير خاصخيلي ۽ ميگهواڙ برادري جا رهواسي قلو بجير،اسلم بجير ،سومار،ميٺو،آچار،خميسو،راڻمل ميگهواڙ،پرويز ميگهواڙ،عرس خاصخيلي ۽ ٻين صبح سوير پريس ڪلب پهچي احتجاج ڪرڻ بعد ٽائون موڙ وٽ ٽائون کي ٻاهيون ڏيئي ڌرڻو هڻي روڊ بلاڪ ڪري ڇڏيو پوليس زيادتين خلاف سخت نعريبازي ڪئي وئي ڌرڻي سبب مٺي اسلام ڪوٽ روڊ بلاڪ ٿي ويو ۽ ٽرئفڪ معطل ٿي وئي پنج ڪلاڪ مسلسل ڌرڻي سبب شهرين کي سخت تڪليف کي منهن ڏسڻو پئجي ويو پر ان باوجود انتظاميه ڌرڻي کي ختم ڪرائڻ جي زحمت نه ڪئي پنج ڪلاڪن بعد ضلعي انتظاميه جي نوٽس وٺڻ بعد ايس ايڇ او اسلام ڪوٽ قادر بخش ڀهراڻي ڌرڻي واري هنڌ پهچي مظاهرين سان ڳالهيون ڪري معذرت ڪرڻ بعد ڌرڻو ختم ڪرايو ان کان اڳ مظاهرين ڳالهائيندي چيو ته ايس ايڇ او قادر بخش جي مقرري بعد شهر ۾ چورين سميت هر ڏوهه ۾ اضافو ٿيو آهي قلو بجير چيو ته گذريل ڏينهن ايس ايڇ او اسان کي پلاٽ جي معاملي تي ٿاڻي تي گهرائي بعد اسان جي مخالف جي چوڻ تي رشوت وٺي اسان کي پريشرائيز ڪرڻ لاءِ منهنجي پٽ تي منشيات جو ڪوڙو ڪيس داخل ڪري لاڪپ ڪري ڇڏيو جيڪا سراسر ناانصافي آهي اسان سان انصاف ڪيو وڃي ٻئي صورت ۾ احتجاج جاري رهندو هوڏانهن خاصخيلي برادري جي ماڻهن ڌانهيندي چيو ته پوليس جي نوجوان کي بيگناهه گرفتار ڪري مٿس منشيات جو ڪوڙو ڪيس داخل ڪري ناانصافي ڪئي آهي هوڏانهن شهري راڻمل ميگهواڙ چيو ته 2 مهينا اڳ گهر مان چوري ٿي پنج تولا سون سميت چاندي* جا زيور ۽ اسي هزار روڪ رقم چور کڻي ويا چوري ۾ گرفتار جوابدار وٽان مليل سامان ۽ ڪيش رقم ايس ايڇ او هڙپ ڪري گرفتار جوابدار کي منشيات ۾ چالان ڪري ڇڏيو آهي منهنجي رڪور ٿيل چوري ايس ايڇ او هڙپ ڪري ويو آهي انصاف ڪيو وڃي مظاهرين موجب ايس ايڇ او ٻاري ڏئي آهيونگاري بڻيل آهي اصل ڏوهارين کي ڇڏي غريب پورهيو ڪندڙ ماڻهن کي ڪوڙن ڪيسن ۾ ڦاسائي سميت عام شهرين کي تنگ ڪري رکيو آهي جنهن سبب شريف شهري عدم تحفظ جو شڪار آهن هنن آءِ جي سنڌ،ڊي آءِ جي ميرپورخاص سميت ايس ايس پي ٿرپارڪر کان پرزور مطالبو ڪندو گهر ڪئي ته فوري طور نوٽس وٺي ايس ايڇ او کي هٽائي ڪنهن ايماندار کي ايس ايڇ او اسلام ڪوٽ مقرر ڪيو وڃي

بقايا سنڌيار **36**

مذهبي ،صحافين، نوجوانن، واپارين ۽ شهرين، وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي؛ خيرپور ناٿن شاهه ٻوڏ جي تباهڪارين جو ذميوار سنڌ حڪومت قرار؛ ٻوڏ جي بچاءُ لاءِ تجويزون پيش ڪيون ويون؛ خيرپور ناٿن شاهه تعلقي کي ٻوڏ کان بچايو وڃي نعرا؛ منظور؛ تفصيل موجب: "ٻوڏ جي دوران تباهه ٿيل خيرپور ناٿن شاهه جي بحالي ۽ آئنده ٻوڏ کان بچاءُ لاءِ اپاءُ" بابت شهر جي سياسي سماجي واپارين وڪيلن ۽ صحافين پاران سيمينار ڪوٺايو ويو جڏهن ته وڏي انگ ۾ شهر جي سياسي سماجي دوستن جي شرڪت ڪري شهر جي بچاءُ بابت پنهنجا ويچار ونڊيا؛ خيرپور ناٿن شاهه جي تباهي جي ذميوار سنڌ حڪومت کي قرار ڏنو ويو، جڏهن ته سيمينار جي اڳواڻي ڪندڙن حاجي منيراحمد شيخ، عابد حسين لاکير، فقيرمحمد شيخ، سيٺ عاشق حسين ڪوسو، ايڊووڪيٽ شعبان علي ملاح، عابد ٻبر ڊاڪٽر شاهنواز گاڏهي،ايڊوڪيٽ الطاف سچل اعوان ، سٽي پريس ڪلب جي صدر عمران بلوچ، اياز بروڙو، عرفان مشوري ۽ ٻين ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته حڪومت ۽ انتظاميا جي نااهلي سبب خيرپور ناٿن شاهه کي هٿ وٺي ٻيو دفعو ٻوڙي تباهه ڪري ڇڏيو آهي، ۽ هن خطي جي معيشت ، مڪمل تباهه ٿي چڪي آهي ان جي باوجود به چونڊيل نمائندن هن وقت تائين ڪابه سار سنڀال نه لڌي آهي تازو وزير اعلي سنڌ سيد مراد علي شاهه کي اين شاهه جي دوري دوران هن شهر کي ڪوبه رليف نه ملي سگهيو آهي ، جنهن مان ظاهر ٿئي ٿو ته ايندڙ آفتن کان هن خطي کي بچائڻ جي لاءِ حڪومت طرفان ڪي به اپاءَ نه ورتا ويا آهن. هن چيو ته صابو برڙي وارو بند ڪيميڪل سان ٽوڙيو ويو آهي ان مان اهو واضح آهي ته حڪومت اسان جي گهرن ۽

روزگار جي ذريعن کي تباهه ڪيو انهي، مان صاف ظاهر آهي ته شهر کي وري ٻوڙي تباهه ڪيو ويندو. موسمياتي کاتي پاران 2023 آگسٽ جي برساتن اچڻ جي ڪري خيرپورناٿن شاهه واسين جو ساهه مٺ ۾ اچي ويو آهي ، هنن جو وڌيڪ چوڻ هيو ته حڪومت سنجيده ڪردار ادا ڪري. خيرپور ناٿن شاهه کي بچا جي لاءِ ڏنل ايف پي بند، ايم اين وي ڊرين، سپريو بند، ۽ خداواهه کي مضبوط بڻائڻ لاءِ اهم ڪردار ادا ڪري. شهرجي ڏنل سپريو بند کي ڪاري موري تائين پاڻي جي نيڪالي لاءِ ڪم ڪرايو وڃي؛ خيرپور ناٿن شاهه کي ٻوڏ کان بچائڻ لاءِ خيرپور ناٿن شاهه جي تباهڪارين جا ذميوار وقت جا حڪمران آهن ايريگيشن کاتي ۽ حڪومت جي نااهلي سبب خيرپور ناٿن شاهه ڪندرات بڻجي ويو آهي؛ چنڊڻ 3 هزار ڪيوسڪ کڻي ٿي پر هن وقت 12 هزار ڪيوسڪ پاڻي بيلو آهي؛ حڪومت کي چنڊڻ کي 30 هزار ڪيوسڪ تائين ڊزائين ڪيو وڃي خيرپور ناٿن شاهه بچي سگهجي ٿو. 2لک ڪيوسڪ پاڻي بولان نئين جو پاڻي به خيرپور ناٿن شاهه واري علائقي ۾ ڇڏيو ويو آهي؛ هڪ چينل کوٽيو وڃي جيڪو ايف پي بند کان منڇر طرف پاڻي ڇڏيو وڃي؛ ٽيون حل اهو آهي ته سپريو بند کي مضبوط ڪري ۽ ٻيهر مرمت ڪئي وڃي؛ خدارا اڪ پٿيو ڏاڍو ڏکيو وقت ٻيهر اچي وري برساتون پونديون ۽ نقصان ٿيندو ان ڪري اڳواٽ تياري ڪرڻ گهرجي؛ سيمينار جي آخر ۾ اهو به فيصلو ڪيو ويو ته خيرپور ناٿن شاهه بچايو تحريڪ ناهي وڃي ته جيئن خيرپور ناٿن شاهه کي ٻوڏ يا ڪنهن به قدرتي آفت کي منهن ڏيڻ لاءِ بچاءُ ڪري سگهجي

بقايا سنڌيار **37**

ميڊيا خلاف پيپلزپارٽي سنڌ جي سڏ تي پيپلزپارٽي ضلعي صدر محمد علي خان ملڪاڻي جي هدايتن تي پارٽي آفيس کان پريس ڪلب تائين احتجاجي ريلي ڪڍي مظاهرو ڪيو ويو تعلقه هيڊ ڪوارٽر سجاول ۾ پڻ پيپلزپارٽي ضلعي نائب صدر حاجي محسن سنڌي، ڊپٽي انفارميشن سيڪريٽري نجيب سرويچ، تعلقه صدر ڊاڪٽر اقبال احمد ميمڻ ٻين جي اڳواڻي ۾ هٿن ۾ پارٽي جا جهنڊا کڻي پارٽي آفيس سجاول کان پريس ڪلب تائين احتجاجي ريلي ڪڍي مظاهرو ڪيو ويو. ريلي ۾ شهمير گبول عبدالغني راهمون شفيع لغاري جمن جت عبدالله خان لغاري شفقت شاهه مشياري نادر مگسي امين سرواڻ فاروق ميمڻ نور محمد شاهه، جاني جوگي يونين ڪائونسل جي صدرن پارٽي ورڪرن جيالن شرڪت ڪئي جنهن ۾ مودي سرڪار* سنڌس تعصب پرست پارٽي ميڊيا خلاف سخت نعريبازي ڪئي وئي اڳواڻن جو چوڻ هو ته مودي سرڪار مسلمانن پاڻرن ڪشميري سان ظلم ۽ بربريت جي انتها ڪري ڇڏي آهي انڊيا دهشتگردن جو گڙهه بڻيل آهي ڀارت مذهبي ڏيوايپي* انتهاپسندي جو ٻج ڇٽيي رهيو آهي اقوام متحده ۾ ڪشمرين* مظلوم قومن جو آواز بڻجڻ تي اسان وزير خارجه پيپلزپارٽي جي چيئرمين جناب بلاول ڀٽو زرداري تي فخر ڪريون ٿا* اظهار يڪجهتي جو اظهار ڪريون ٿا

بقايا سنڌيار **38**

۽ بهتر ماحول ۾ اليڪشن ڪرائڻ تي جس لهڻ اداري جي ويجھ واڌ جي لاءِ ڪوشش ڪندس ،سعيد چانڊيو تفصيل موجب گڏاپ پريس ڪلب ڪراچي جي اليڪشن 2022/2023 ٿي گذريو چيئرمين ميرعلي گوهر بلوچ صدر سعيد احمد چانڊيو ،نائب صدر جي رام پڙهيار،جنرل سيڪريٽري باغي ساگر پنهور جوائنٽ اسدعلي جتوئي ٻيا چونڊجي ويا ٽي رڪني اليڪشن ڪميٽي جي نگراني اليڪشن ڪرائي وئي جڏهن ته سوشل ويلفيئر ڪرڻ جي جنرل سيڪريٽري سليم جي ميمڻ گلشير ،دلدار علي سيلرو ايڊوڪيٽ اعجاز احمد چنا شرڪت ڪئي ۽ ان موقعي آيل معزز مهمانن کي جي سي پي پاران سنڌ جي ثقافت اجرڪ پارايا ان موقعي تي ڳالهائيندي مهمانن چيو گڏاپ پريس ڪلب ڪراچي واحد ادارو آهي جتي اسان ڏٺو سي ته ٽي رڪني اليڪشن ڪميٽي جي نگراني ۾ دوستاڻي ماحول ۾ اليڪشن ڪرائي وئي ۽ دوستن پاران هڪ ٻئي کي ڀاڪرن ۾ ڀري مبارڪون ڏنيون ۽ اهو محبتن ڀريو ماحول ڏسي دل کي ڏاڍي خوشي حاصل ٿي ۽ اسان دعا ٿا ڪريون ته نئين چونڊيل باڊي بهتر نموني سان پنهنجون زميواريون نڀائيندي ۽ سنڌ جي ڏتڙيل ماڻهن جو آواز بڻجي انهن جو آواز اعلي ايوانن تائين پهچائيندي ۽ ان موقعي نئين چونڊيل صدر سعيد احمد چانڊيو چيو ته سان جي پي سي جي سيني دوستن جو شڪرگذار آهيان جن مون تي اعتماد ڪندي صدر منتخب ڪيو آهي ۽ مان پنهنجي اداري جي هر دوست سان هر وقت گڏ آهيان ۽ اداري ويجھ واڌ جي لاءِ ڪوشش ڪندو رهندس

بقايا سنڌيار **39**

منظر عام تي اچي رهيا آهن ان ڏس ۾ ذريعن کان معلوم ٿيو تعليم کاتي جي انهن ئي آفيسرن جي آفيس پرسان

هڪ ديني مدرسي ۾ شام جي شفٽ طور هلندڙ ڪيمپس پرائمري اسڪول جنهن کي ۾ 50 ٻارڙن جي انرولمنٽ آهي ۾ 13 استادن کي مقرر ڪيو ويو ان ڏس ۾ ذريعن کان وڌيڪ معلوم ٿيو ته ضم قرار ڏنل ۽ بوائز هاءِ اسڪول ون جي ڪيمپس اسڪول تحت قرار ڏنل مذڪوره اسڪول جو ڪجهه ڏينهن پهرين هاءِ اسڪول جي گزيٽيڊ هيڊ مسٽريس وزٽ ڪيو ته 13 استادن مان هڪ به استاد حاضر نه هو پر تنهن هوندي به انهن خلاف ڪابه ڪارروائي نه ڪئي وئي آهي ياد رهي ته هاءِ اسڪول ون جنهن ۾ 34 سئو شاگرد زيرتعليم آهن ۾ شهر جا مختلف پرائمري اسڪول ڪيمپس اسڪول طور شامل ڪيا ويا آهن جن جو عملو ايس اير سي بجيٽ توري ٻيا انتظامي اختيار هاءِ اسڪول ون جي هيڊ مسٽريس وٽ آهن پر ڊگهي عرصي کان هيڊ مسٽريس بجاءِ اسڪول ۽ ان سان لاڳاپيل ڪيمپس اسڪولن جو انتظام هڪ نان گزيٽيڊ ايڇ ايس ٽي انچارج هيڊ ماسٽر طور هلائي رهيو آهي جنهن وري ڪيس انچارج هيڊ ماسٽر جي چارج ڏيندڙ پاڻ کان سينئر ايڇ ايس ٽي کي اسڪول جي اڪيڊمڪ معاملن جو انچارج مقرر ڪري ڪلاس وٺڻ کان ئي آجو قرار ڏئي ڇڏيو آهي ٻئي طرف اهو پڻ معلوم ٿيو آهي ته شهر جي ٻئراج ڪالوني جي مڊل اسڪول ۾ 30 ٻارن تي هڪ گزيٽيڊ هيڊ ماسٽر سميت 13 استاد مقرر ڪرڻ گرلز اسڪول ايگرو ويل ڪالوني ۾ 110 شاگردياڻين تي 18 عورت استاد مقرر ڪيون ويون آهن جڏهن ته نئين ڀرتي ٿيل استادن جي ميرٽ ۽ زميني حقيقتن تي پوسٽنگ بجاءِ پوسٽنگ جي معاملي ۾ مڪمل طور تي ڪرپشن اقربا پروري لا پرواهي سبب ضلع جا ڪيترائي اسڪول اڃا تائين بند پيا آهن ڇاڪاڻ ته شهر ۾ رهندڙ نوان ڀرتي ٿيل استاد روزانه 40 کان پنجاهه ڪلوميٽر پنڌ ڪري ڊيوٽي جوائن ڪرڻ کان لهرائي رهيا آهن

بقايا سنڌيار **40**

جي سوين ڳوٺاڻن ڀرپور شرڪت ڪئي تفصيل موجب پرپاسي ويجهو ڳوٺ حافظ يعقوب ٿيٻو ۽ ٿنيا نوجوان اتحاد پاران ڳوٺ جي نيڪ مرد معزز شخصيت حاجي ميان اجمل حسين ٿيٻو ۽ نوجوان اسرار احمد ٿيٻو جي ميزباني هيٺ سنڌن اوطاق جي اڳڻ تي ميڊيا جي اعلانن کي ڀرپور موٽ ڏيندي مچ ٻاري مچ ڪچهري جي تقريب ڪوٺائي وئي مچ ڪچهري ۾ نالي وارن فنڪارن نواب علي ڪرل ۽ سلطان علي سمون قومي گيت پيش ڪري مچ ڪچهري ۾ آيل مهمانن ۽ ڳوٺاڻن ۽ نوجوانن کي جهومڻ تي مجبور ڪري ڇڏيو جڏهن ته نالي وارن سگهڙن استاد محمد حسن هڪڙو محمد بخش سهتو خليفو سولنگي ۽ دادو مان ڪهي آيل سگهڙن استاد علي نواز سولنگي عبدالحميد چانڊيو عبدالصمد سهتو ۽ ٻين ڏور بيت ڳجهارتون ۽ پروليون ٻڌائي مچ ڪچهري کي چار چنڊ لڳهائيندي ويلن کي واهه واهه ڪرڻ تي مجبور ڪندي خوب داد ماڻيو ميزبان حاجي ميان اجمل حسين ٿيٻو ميان علي بخش ٿيٻو سيٺ غلام فاروق ٿيٻو بابو عبدالقيوم ٿيٻو ۽ اسرار احمد ٿيٻو پاران مچ ڪچهري ۾ آيل مهمانن فنڪارن صحافين ۽ سگهڙن اير ظفرعلي نگرصدر نيشنل پريس ڪلب ضلع رابطا سيڪريٽري سنڌي ادبي سنگت ضلع نوشهرو فيروز راڻا شيرمحمد راڻاعبدالستار نذير علي منگي کي سنڌ جي سوکڙي اجرڪن جا تحفا اوڍيا ويا مچ ڪچهري کي مهمانن ۽ ڳوٺاڻن خطاب ڪندي چيو ته تازين برساتن جي تباهين سبب ڳوٺاڻا سارو ماڻهون سخت پريشانين ۾ مبتلا آهن اهڙين ثقافتي ميلن سبب سنڌن چهرن تي مرڪون آڻڻ لاءِ هي مچ ڪچهري ڪوٺائي وئي آهي اهڙين ڪچهرين سان اسان جون اوطاقون ٻيهر آباد ٿي وينديون

بقايا سنڌيار **41**

سکر شهر سماجي برائين جو مرڪز بڻجي ويو پراڻي سکر جي پنج نمبر ڪالوني ۾ منظور جتوئي، نماش چوڪي جي پرسان نماش گرائونڊ اندر ٻاٿر ميراڻي برادري ۽ چوڪ وٽ هوٽل اندر آميس نشو. نيو پنڊ ٿاڻي جي حد ڪوري هوٽل وٽ ارسلان چنو ۽ جاويد چنو خانگي پوليس جو مخبر آباد لڳ پليان ڪوسو ڳوٺ ويندڙ روڊ وٽ جوئيجا برادري بچل شاهه مياڻي ۾ جتوئي برادري پاران چرس ، ٺمين ڳوٺ اندر منشيات ۽ آڪڙا پرچي جا ڪيترائي دڪان کليل آهن جيڪي پوليس جي سرپرستي هيٺ سري عام هلي رهيا آهن اهڙي سماجي برائين جي وڌي وڃڻ سبب سکر سماجي برائين جو مرڪز بڻجي ويو آهي سکر پوليس سماجي برائين تي ڪنٽرول ڪرڻ بدران مبينا ان ڪڏي ڪم ۾ ملوث آهي آءِ جي سنڌ ڊي آءِ جي سکر جاويد احمد جسڪاڻي سونهارو سياسي سماجي سڃاڻ ذريون نوٽيس وٺي ٺمين نسل کي اهڙي ڪڏي ڪم آن بچائي پوليس ڪاورائي ڪري ملوث ماڻهن کي گرفتار ڪري مٿان ڪيس داخل ڪيو وڃي

No.EE/HCCD/Hyd/1434

حڪومتِ پاڪستان

پاڪستان پبلڪ ورڪس ڊپارٽمينٽ

Hyderabad, the dated: 16-12-2022

آڇن جي دعوت

1. آڇ، ايگزيڪيوٽو انجنيئر، سينٽرل سول ڊويزن، پاڪ پي ڊبليو ڊي، بنگلو نمبر 21 اي، جي او آر ڪالوني، حيدرآباد پرسنٽيج ريٽ بنيادن تي اهل فرمن يا فردن جيڪي انڪم ٽيڪس، ايس آر بي (سنڌ روينيو بورڊ) سان رجسٽرڊ هجن ۽ لاڳاپيل ڪيٽيگري ۽ اسپيشلائيزيشن جي فيلڊس ۾ موثر پي اي سي ڪنسٽرڪٽرس لائسنس رکندڙ هجن کان هيٺ ڄاڻايل ڪمن جي لاءِ جيڪي آڇ دستاويزن ۾ ڄاڻايل گهربل وقت اندر مڪمل ٿيڻا آهن جي لاءِ مهربند ٽينڊر گهرائي ٿو.
2. خواهشمند آڇ ڏيندڙ تفصيلي شرطن ۽ ضابطن تي مشتمل آڇ دستاويزن جو هڪ مڪمل سيٽ 2023_01_02 تائين هيٺ ڄاڻايل آفيس ۾ لکت ۾ درخواست جمع ڪرائڻ ۽ ناقابل واپسي فيس 2000 رپيا ناقابل واپسي فيس جي پي آرڊر جي شڪل ۾ ادائيگي تي خريد ڪري سگهن ٿا.
3. آڇ ڏيندڙ ٻه الڳ مهربند لفافا جمع ڪرائيندا، پي پي آر اي جي رول 36(بي) 2004 جي مطابق هڪ ٽيڪنيڪل تجويز (مقرر بد سيڪيورٽي سان گڏ) تي مشتمل هوندو ۽ ٻيو فنانشل تجويز تي، پيج نمبرز، هرهڪ صفحي تي دستخط ۽ رڳو اسٽيمپ ٿيل، ۽ هڪ ٻئي لفافي ۾ گڏ شامل هوندا. جيڪي هيٺ صحيح ڪندڙ وٽ 03_ 2023_01 تي صبح جو 9:30 وڳي کان اڳ تائين پهچڻ گهرجن. ٽيڪنيڪل تجويزون ساڳئي ڏينهن تي آڇ ڏيندڙن/نمائندن جيڪي موجود رهڻ چاهين جي موجودگي ۾ ساڳئي ايڊريس تي صبح جو 10:00 وڳي کوليون وينديون.
4. پي پي آر اي رول 25 جي مطابق، هرهڪ ڪم جي سامهون ڄاڻايل مطابق، ڪنهن به شيڊيول بينڪ پاران فرم جي نالي ۽ ٽائيٽل سميت هيٺ صحيح ڪندڙ جي حق ۾ سي ڊي آر/پي آرڊر/ بينڪ ڊرافٽ/ بينڪ گارنٽي جي شڪل ۾ بد سيڪيورٽي گهربل آهي.
5. جيڪڏهن آڇ جي سيني کان گهٽ قيمت غير معمولي ڏٺي وڃي ٿي ته، آڇ ڏيندڙ کي ڪال ڊپازٽ/پي آرڊر/بينڪ ڊرافٽ/بينڪ گارنٽي جي صورت ۾ ڪارڪردگي جو اضافي تحفظ فراهم ڪرڻو پوندو جيڪو انجنيئر جي ڪاٿي/ڪٿيل لاڳت جي حوالي سان مائنس (-) فرق جي برابر آهي، ٻي صورت ۾ بولي جي ضمانت ضبط ڪئي ويندي ۽ لاڳاپيل فارم سان گڏ ضروري ڪاروائي شروع ڪئي ويندي.

س. نمبر	اسڪيم جو نالو	انتظامي طور منظور ٿيل اڳهه	فڪسڊ بد سيڪيورٽي ڪاسٽ
1	نور محمد هاءِ اسڪول کان يونيورسل بوڪ ڊيپو تلڪ چاڙهي تائين وايا افتاب سرجيڪل اسٽور الائيڊ سينيما روڊ نور محمد هاءِ اسڪول روڊ کان مارڪيٽ پوليس اسٽيشن ۽ الائيڊ روڊ حيدرآباد تائين ميٽلڊ روڊ جي بحالي/تعمير	3,52,50,000 رپيا	10,00,000
2	قليلي بينڪ کان باغ مصطفيٰ وايا بريٽ آباد هاسپيٽل اينڊ الائيڊ روڊس حيدرآباد تائين ميٽلڊ روڊ جي بحالي/تعمير	4.78.20.000 رپيا	14,00,000
3	رحمان ٽائون کان دل پاڙا وايا رابعه گارڊن پريٽ آباد ۽ الائيڊ روڊز حيدرآباد تائين ميٽلڊ روڊ جي بحالي/تعمير	3,61,20,000	10,50,000
4	الله والا چوڪ هيرآباد کان ميرا گرلز هاءِ اسڪول ۽ الائيڊ روڊز حيدرآباد تائين ميٽلڊ روڊ جي تعمير	2,98,00,000	8,50,000
5	لمس حادثاتي ڊپارٽمينٽ حيدرآباد کان سلاوٽ پاڙو چوڪ وايا لمس او پي ڊي، لائبريري چوڪ، لمس حيدرآباد مين روڊ لبرٽي چوڪ کان پيڪاٽ اسڪول روڊ ۽ الائيڊ روڊز حيدرآباد جي ميٽلڊ روڊ جي بحالي/تعمير	4,85,00,000	14,50,000

6. کولڻ جي ڏينهن تي ڪو به آڇ دستاويز جاري نه ڪيو ويندو، مجاز اٿارٽي پي پي آر اي 20004 جي رول 33 جي مطابق آڇ يا تجويزن جي قبوليت کان اڳ ڪنهن به وقت سمورين آڇن سمورين تجويزن کي رد ڪرڻ جو حق محفوظ رکي ٿي. هرهڪ اسڪيم جو اسڪوپ www.ppra.org.pk ۽ www.pakpwd.gov.pk تان پڻ ڊائونلوڊ ڪري سگهجن ٿا.
7. هڪ دفعو مليل ڪال ڊپازٽ/پي آرڊر/سي ڊي آرز سرڪاري اڪائونٽ ۾ ڪريڊٽ ڪيو ويندو ۽ سرڪاري چيڪ ذريعي واپس ٿيندو.
8. ٻيا شرط ۽ ضابطا آڇ دستاويزن ۾ ڄاڻايل آهن جيڪي پڻ لاڳو ٿيندا.

ايگزيڪيوٽو انجنيئر
سينٽرل سول ڊويزن
پاڪستان پي ڊبليو ڊي، حيدرآباد
فون: 022-9200660

PID (H)# 140/2022